مجازي مام اوڪي ني جسو جيءَ يار تان گهورين
خوديءَ ڪان خيال پنهنجي جا پري خيما وڃي کوڙين
(فقير بيدل)

رسالو

* بيدل فقير *

تصنيف ڪيل:

آنند رام طوطلداس راجاڻي
D.C.E.

پيش ڪيل:- ميان عبدالڪريم صاحب
سجاده نشين درگاه (بيدل فقير)

ڪاپيون هڪ هزار قيمت
ڏيئو ڇپيو بنا جلد صافي ۵۰-۸ روپيه

[ڇپائيندڙ جا سڀ حق واسطا قائم]

اپريل ۱۹۸۱ع

ڇپائيندڙ:- مولوي محمد عظيم اينڊ سنز
تاجران ڪتب شاهي بازار شڪارپور

ملڪ جو هنڌ:- مقبول پبلڪ سٽورز جي چاڙهي سکر

گذارش

نهايت خوشيءَ جو اظهار آهي تہ مشهور بيدل فقير جو رسالو ڪيترنيءَ ڪوشش سان هٿ ڪري ڇپائي شايع ڪري رهيا آهيون.

هي رسالو سال ڊسمبر ١٩٤١ع ۾ پهريون دفعو ڇپيو هو. ان بعد وري ٻيهر اسان ڇپايو آهي.

رسالي جي اندر بيدل فقير جي سوانح حيات سان گڏ سندس زندگيءَ ۾ پيش آيل واقعات ڏنل آهن. ان ڪانسواءِ سندس سمورو ڪلام، جو صوفيانو آهي سو ڏنل آهي.

بقول (مست مقيم) فقير جي اڳوڻو رسالو بلڪل هوبهو ڇپايو ويو آهي.

هي رسالو ناظرين ڪرام جي پڙهڻ وٽان آهي. اميد آهي تہ هن رسالي جي مطالع سان بيدل فقير جا مريد يا صوفيت سان تعلق رکندڙ خصوصاً ۽ عوام الناس عموماً چڱو حظ حاصل ڪندا.

اسان هن ڏس ۾ جناب حافظ عبدالستار قريشي صاحب جا نهايت شڪرگذار آهيون جو هن صاحب موجوده سجاده نشين بيدل فقير، ميان عبدالڪريم کي گذارش ڪري اسانکي هن ڪتاب جي شايع ڪرڻ لاءِ اجازت وٺي ڏني آهي اسان ميان عبدالڪريم صاحب جي شڪرادائي ڪرڻ کان بہ رهي نٿا سگهون جو هن صاحب ڪشاده دليءَ سان هن ڪتاب جي شايع ڪرڻ ۾ دلچسپيءَ کان ڪم ورتو آهي.

اميد تہ آئينده بہ همدردي ڪندا رهندا.

شاهي بازار شڪارپور

٦- سيپٽمبر ١٩٦٦ع

مڪتبہ:- مولوي محمد عظيم اينڊ سنس

* ٻه اکر *

هن رسالي ڇپائي پڌري ڪرڻ سان منهنجي دل جي وڏي آس پوري ٿي آهي. فقير صاحب جن جي سکيا ۽ هدايت جو منهنجي دل تي گهاٽو اثر پيو رهيو آهي ۽ منهنجا جهڙا فرض آهن تن جي هيءَ هڪ نهايت خسيس ۾ خسيس ادائي آهي. عمل سنڌ واسي پاڻ هن زنده درويش جي ڪلام ۾ سمايل سکيائن مان لاڀ حاصل ڪري جيوت جو جس کٽن.

آنند - ٽي - راجاڻي
D.C.E.

Digitization by:
Faqeer Tariq Hayat Lashari, Sukkur

هيءَ ڪتاب منظور احمد ولد مولوي محمد معظم
ـدي پرنٽنگ پريس شڪارپور ۾ ڇپيو جنهنکي مولوي
معظم اينڊ سنز تاجران ڪتب ڇپائي شاهي بازار
ـارپور مان شايع ڪيو.

فهرست

کوڊ ۽ پيٽيءَ جي (آڪاٽي)

١	سنڌ ۾ صوفي لهر	١
٢	فقير صاحب جي زندگي	٣
٣	فقير صاحب جو مذهب ۽ طريقو	١٠
٤	فقير صاحب جي صورت ۽ سيرت	١٥
٥	فقير صاحب جو ڪلام	١٨
٦	فقير صاحب جا همعصر	٢٩
٧	سچي ڏٺيءَ جي ساراهه	الف
٨	ڪافيون	١-٨٥
٩	ڪلام هير رانجهو	٨٦
١٠	ڪلام عمر مارئي	٩٢
١١	ڪلام سسئي پنهون	١٠١
١٢	پيغمبر صاحب جي ياد ۾	١١١
١٣	ڏوهيڙا جوڳين بابت	١٢٢
١٤	سسئي جا بيت	١٢٦
١٥	لولي	١٢٨
١٦	ٽيهه ڏينهن	١٣٤
١٧	عشق جا بيت	١٤٣
١٨	سورٺ جا بيت	١٤٩
١٩	ڪلام	١٥٨
٢٠	شرح ۽ معنيٰ	١٥٩

سائیں بُدل فقیرؒ

سجاده نشين عبدالڪريم فقير ولد (ڀيل فقير)

* ڪوٽ ۽ ٻيٽي جي آکاڻي *

سائين بيدل فقير کي شروعات واري زماني ۾ هڪ ڪوٽ جي ٻيٽي هوندي هئي. جتان هي سارو سلسلو ڪيائين. ۽ راڄ ڪانديائين ٻيٽيءَ کي ڏاڍو وجهي ڦيرائي ڪڍائيندا هئا. انهيءَ تي ڏاڍي خوشي حاصل ٿيندي هين ۽ ايتري قدر ٻيٽيءَ سان پيار هوندو هين جو هميشه پنهنجي سر ساڻ هوندي هين. هڪ ڏينهن ڪوه تي مال پياريندي ڪانچ جي ور مان اها ٻيٽي هيٺ زمين تي ڪري پين ۽ گهڻي تلاش ڪيائون ليڪن ٻيٽي ڪانه لڌائون. ايترو خيال هين جو پاڻ فرمائيندا هيا ته اها ٻيٽي منهنجي ڏيءَ آهي. ۽ علي مراد ڪولو ٻه ڳڏ مال چاريندو هو. ان کي چيائون ته ٻيٽي منهنجي ڏيءَ وڃائجي ٻيٺي آهي. هاڻي اچي ته شادي ڪرائي مڙس ڪلهي چاريندو مانس اتفاق ساز، انهيءَ وقت ڳوٺ جون زالون پاڻيءَ لاءِ ڪوه تي ويون. انهن عورتن اها ٻيٽي لهي گهر وچي رکي ۽ انهن زالن جي ٻارن فقير صاحب کي ٻڌايو ته اوهان جي ٻيٽي زالن لڌي آهي جڏهن فقير صاحب جن گهر آيا ته انهن زالن کان ٻيٽي ملين پوءِ اها ٻيٽي ڪٽي مقبري واري

جاءِ تي آندائون ۽ علي مراد گولي کي چيائون تہ پيٽي لڏي آهي سو تون مٽيءَ مان کوڏ لهي اچ تہ پيٽيءَ کي شادي ڪرايون. جو هوءَ لڪي ٿي وڃي. علي مراد يڪدم ڪوڏ لهي آيو. ۽ اچي فقير صاحب کي ڏنائين فقير صاحب علي مراد کي ٺڪو ڪٺي ڏنو تہ مناڻي وٺي اچ اها بہ ورهائيندا سون. پوءِ اها مناڻي ساري ڳوٺ ۾ ورهايائون تہ بہ ڪانہ ڪٺي ۽ اوتري پيٽي هٿي ۽ علي مراد کي چيائون تہ پيٽيءَ سان ڪجھہ ڳالهايون تہ راضي آهي يا نہ. جيئن تہ بہ شاهد ۽ هڪ وڪيل ٿي شاديءَ وقت پڇڻ ويندا آهن. تيئن پيٽيءَ کان پڇيائون تہ تون شاديءَ ۾ راضي آهين يا نہ؟ جنهن تي فقير صاحب جن پيٽيءَ ۽ ڪوڏ جي شادي انهيءَ مضمون تي بيت چيائون ۽ گهڻا بيت چيا اٿن جي هيٺ آيل آهن. اها ڳالھہ ڪنهن کي بہ ڪو نہ لڪي ڏيندا هيا ۽ چوندا هيا تہ هيءَ ڳالھہ ٻاراڻي آهي راند لکي ڇا ڪندؤ. پر پوءِ لکڻ جي اجازت ڏنائون جيڪي ياد آهي سا لکجي ٿي جا پڙهندڙن واسطي وندر آهي.

•• پيٽيءَ ۽ فقير صاحب جا سوال جواب ••

ا-سوال:- ڻا ن ڇو ڙي توکي ڪهاڙو ڪنهن ڪهڙيو

ٺاٺاري ٺاهي وجهي سڳو سل ۾ ڪيو
منهنجو ڇاهي مرجان سو ڳهي هجين سڳي ۾.

جواب:- سوڳهي آهيان سڳي ۾ پر مان وڃان ٿي مري
حڪم تو هاديءَ ڏنو ويٺي آهيان جاءِ جڙي
سڳي مان ڇڙي حاج ڪندي سانءِ هيڪلي.

٢. سوال:- حاج ڪنديءَ تون هيڪلي
آهين ڪميني تون ڪير
ڪنهون توکي خواهش ته سي ڳهايانءِ سير
ونانءِ ويهي وير - نينگر کان نويڪلا.

جواب:- پيهر تون پڌندين پيرڙي سان
مون کهڙو زيان ڪيو
سڳو تنهن جي هٿ مان ڇڏي پٽ پيو
وري تو جو ياد ڪيو مان، سڳهي آيس سيگهه ۾.

٣. سوال:- ڪلي رن ڪوٻلي ٿي جوٽي مارين جڪ
سڳي مان سرڪي پاڻ ٻوڙ وڏا هيٺ پڪ
پر ڀوڻ پيڙبون لڪ مان به تر نه ڇڏيندس توکي

جواب:- ڪلي پيٺي هئين ڪوه ٿي
جتي ٿهڪن ڀنئون ٿيار ٻون
ڇتس تنهن جي ڇپين کان جو زور ڏئين ڪاريون
پيتر سان ماريون جو ڳالهه منائين پنهنجي

۰ **سوال** جهڙي کوبلي هئين؛ کوه تي

توکي ظاهر ڪيو زالسن

قصو تو ڪوڙي؛ جو اچي پڌايو پارن

ويٺي آهين حالن لچي تي لڪڻ جي ڪرڻ۔

جواب:- گهوٽ لڌو تي گهر ۾

ڪي سمجهي سخن صحي

اچان ننڍڙي آهيان ته اتم پرٽي جي وهي

تون ويٺين گهوٽ لهي

متان ڪتي لنگهاڻ؛ ڪوٽ ڪي۔

۵۔ **سوال:-** ڪتي چا لنگهائيندين؛ ڪوڏ ڪي

اهو نيٺ توکي پرٽيندو

راڄ مهاڄڻ پاڻ ڇڇ ڪري ايندو۔

توکي وتي نپندو لانئون لهي لاڏڪي۔

جواب:- اسان به گهٽيون اڇلان ڏنيون

پر تو به ڪونه ڇڏيو

هاڻي ڏسان ته هند کهڙي گهوٽ ڏيو

سمورو راڄ سڏيو ته جهمريون ڪيڏن جود ۾۔

۶۔ **سوال:-** ساراهيان سچو ڏٺي

جو جوڙي ڪم جهان

پڌل پيٽي؛ ڪي ڇيو ظاهر ساڻ زبان

ڦيريون ڪتا تنبو پٽ ۾ ڪي طولان
هڪ مرد ڪعبت الله کان آيو ملڪ سچو ملتان
ڳالهه ڪريان ڪيهي ڳجهه جي آيو اڄ جهان
تون صاحب سبحان جو ڪاج رسائج ڪوڏ جو
ڀيرن ڀير ڏيئي واه ورتائون واٽ
ڏکڻ ڀڄو ڪيو لعلاين رکي لاٽ
جهٽ پٽ ڏيئي جهاٽ اچي ويا سي انهين
اِنڙ جوئيجا پاڻ ۾ ڪيائون رٿ تياري
ٻيڙ شهر آيو شڪارپور ساري
وزيرآباد واڪو ڪيو. هوڏنهن ڪنڊي هوشياري.
چڪ ڀيرڪن چمن لڪي ٿي لهواري
سکر ٻکر روهڙي آئي خلق رياست واري
صاحب ستاري ڪيڏي ڪئي آهي ڪوڏ سان.
شرناِيون ڪرنايون پاڻ ۾ ٿيا نغارا نر واري
ڦوليون ڪن ڦڙل چوي آهن بيسريون ساري
گيگم گل جي ٿيا شيتان ۽ ڏوريا قلڪاري
زري ۽ سان ظاهر ٿيون لونگيون اسراري
وائين ڀي وس ڪيا ڪائي ترڪاري
بيشڪ ٿي بهاري ڪوڏ سان ڏس قرب ڪيڏو ٿيو
ده ده دهلن ڪئي وجي داسي ڀرياٿون

ڏانوڻ ڏئي گهوٽ کي گهر ککين آڻنداڻون
خوشيءَ جا سهرا چئي- ٿهڪي ڳاري وڏياڻون
گهوٽ کي ڪنوار سان قبل بہ چونداياڻون
پوءِ ائين چياڻون پڙهو ڪلمو محمد پاڪ ڏي۔
لا اله الا الله محمد الرسو الله صلي الله عليہ وسلم

[بيدل سائين جي ننڍپڻ جو احوال]

بيدل سائين جنهن مهل ڇاهيو تہ ناڙي وڏڻ لاءِ عورتون ڪاتي ڳولهڻ لڳيون، مگر ڪاتي نہ لڌي سگهيون پوءِ فقير صاحب ڳالهايو تہ ڪاتي فلاڻي هنڌ رکي آڻو.

٢- فقير صاحب کي ننڍي هوندي ڳئون چارڻ لاءِ موڪليندا هيا. ڳئون جهنگ ۾ چڙي پاڻ هڪ وڻ جي ڇانوءَ ۾ ويهندا هيا. تان تہ فقير صاحب شام تائين ان وڻ جي ڇانوءَ ۾ ويٺو هوندو هو ۽ مال جڏهن گهر ڏانهن موٽي تہ فقير صاحب بہ گهر ايندو هو. مال کي چرڻ سان مال وچي پوک ۾ پوندو هو جو ڪڙمي ڪڍي ڇڏيندا هيا. هڪ ڏينهن ڪڙمي ڪاوڙجي آيا تہ انهيءَ ڏنار کي ڳولهي وڙهونس. جڏهن فقير صاحب وٽ آيا تہ ڏسن تہ ڏنار ننڊ پيو آهي وقت ٽپهري شام آهي مگر وڻ جي ڇانوءَ صبح وانگر اولهہ طرف آهي. اهو ڏسي خيال ڪياڻون تہ هي

ڏتار ڪو درويش آهي تنهن‌ڪري هن‌کي ڪجهه نه چئو نه
ته الله نه ناراض ٿي. موٽي هليا ويا.

٣- فقير صاحب جهنگ ۾ مال چاڙي ڏيندو هو گهر
کان ننڍڙا ڦر به چرڻ لاءِ ڇوڙي ڇڏيندا هيا. پوءِ جهنگ
۾ ڦر وڃي ڳئن کي ڌائيندا هيا. جڏهن مال گهر موٽي ته
ڳئن جو کير ڌاتـل ڏسي والدين فقير کي جهيڙيندا هيا ته
ڳئون ڦرن سان ڇو گڏيندو آهين. ته ٻڍل سائين چيو ته
اهي به ته الله جا خلقيل آهن انهن به ته کير ۾ حصو لهڻو!
پوءِ فقير صاحب ڳئن سان ڳالهايو ته کير ڦرن کي به ڏيو
۽ گهر لاءِ به ونـڊ ڏيو ان تي ڳئون ڍڪڻ لڳيون ته ٿڻ
کير سان ڀرجي آيا. گهر جي ڀاتين وري ڦـر ڇڏي ڳئن
کان کير ڏڌو. پـوءِ هميشه ڦر ڳـئن سان گڏ هوندا هيا.
مـائن کـي ڌائيندا رهـيا. ۽ ڳئون گهر ۾ بــه کير
ڏهائينديون رهيون.

٤- فقير صاحب راڳ ڪندو هو ۽ پنهنجا ٺهيل
ڪلام چوندو هو پـوءِ فقير جو جسم ڏڪندو هـو ۽
اڏرندو هو جيئن پکي پـرواز ڪري فقير صاحب به ائين
اڏرنـدو هو. ڪيڏانهن ويندو هو ته اڪيلي جڳهه تـي
وڃي اڏري هليو ويندو هو. راڳ ۾ فقير کـي اڏرندي
سندس طالب رتـو فقير ۽ ڪمال فقير جهليو. سو هڪ

کي ڏکو ڏئي ڇڏائي باقي ٻئي کي اڏاريون ويو جڏهن موٽي آيو. ان بعد ٻه هفتا اهي ٻئي فقير بيهوشيءَ ۾ پيا هيا. هڪ ماڻهو خانپور جو ويٺل نالي ٻهار ذات سمنار دعوت ڪري وٺي آيس. فقير کي دعوت بعد ٻهار ڇڏڻ آيو بيل گاڏيءَ تي اچڻ پيا هڪ ميل پنڌ ڪرڻ ڪانپوءِ ٻهار کي چيائين ته بس ابا تون گاڏي موٽائي وڃ ٻهار اڳيرو گاڏي ڪري فقير کي ڏسندو رهيو ته فقير پکيءَ وانگر پرواز ڪري اڏري پنهنجي درگاه طرف هليو ويو.

۵- هڪ مائي هئي جا حج تي ويئي مائي رهي ڪري ست حج ڪيا مائي فقير صاحب کي حج پڙهندي ڏسندي هئي مائي نماز کان فارغ ٿيڻ مهل پنهنجي مرشد کي ڏسي هن جي قدم بوسي ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌندي هئي ته فقير صاحب هن جي نظر کان غائب ٿي ويندو هو. جڏهن مائي پنهنجي وطن ڳوٺ موٽي آئي ته درگاه تي مرشد جي زيارت، تي آئي ۽ فقير صاحب کي چوڻ لڳي ته سائين توهان گهڻا حج ڪيا آهن. فقير صاحب جواب ڏنو ته مائي مان ته حج تي ڪونه ويو آهيان پوءِ مائيءَ ٻار پتا ڏيئي عرض ڪيو ته مان توهان کي فلاڻن فلاڻن جاءِ تي ڏٺو پوءِ فقير صاحب ڪٺي مائيءَ جي وات تي هٿ ڏنو ته اهو راز نه کول.

(بيت)

ڪڏهن مــان پڻي ڪونهو ابـــو
ابو ڪڏهن ڪونہ ٿا مونکي ٻــار
اهــا ڪل جــوڙي آه ڪلمتار
جو بيدل مان پنهنجو ابو ٻاڙ نہ

* ڪلام *

ٿولي گردي ٿـولي- هر دي اندر هو هو

۱- چنگ اُپنگ مردنگي مــرلي - بـگل بگونے بــاجے
تن من انــدر تيز تــرانے - ورہ وجــودي واجے
گولـــي گم ٿي گولي صــرف سڪندر هو هو
۲- جنهن وقت ســاز سرود سنايا آيـــا اکيان انــدر
ڪن وچ ڪنڊل مک وچ مرلي مــوهن مچندا مــندر
هــولي هر دم هوالـــي - مڙهيان مــندر هــو هو
۳- ريءَ تــندا دي تـيز تـمامي لهج لهج لاگے
عشق جلالي جذبـا ڪرڪي- جان جگر وچ جاڳے
چـــولي عشق دي چولي قـــلب قلندر هــو هو
۴- سمجهہ بيدل ڳالهہ ڪجهي ڪر سير سري دا سارا
عــرش ڪرسي تي نــارا تيڏا ماريا نينهن نغارا
لولي الا الله دي لولي - لـــونءَ لونءَ انــدر هو هو

(ڪافي)

ٿلهه:- پنڌ عشق جا جيڪي پڇن
سر جو سانگو سوره سڄن

۱- محبت سندي ميدان ۾
عاشق اچي جوشون جلن
وحدت واري سي وات ۾
گوهر آمي گوديون ڪڻن

۲- راتيان ڏينهان رنڊڙا وٺي
جوڳي اوهي ننڊ ڪين ڪن
سڪ سوز ۾ سرها ٿيا
غير سنديون ڳوڻيون ڪڻن

۳- اکڙيون سدا خمار سان
نينهن جي نشي پوتيون وتن
پنهنجو وساري پاڻ کي
جهاني پاڻي جانب جهڻن

۴- سڄڻ سندي سڪ سور ۾
مخمور موهيا ٿا وتن
مست "مقيم" مجاز کون
سانجهي اوهي منهن نه مٽن

دائما زنده

درويش بيدل فقير

(۱) سنڌ ۾ صوفي لهر

سنڌڙي سونهاريءَ ۾ هميشه عشق جو جام جاري،
فقيرن جي قلواري ۽ صوفين جي سرداري زور واري
ٿي رهي آهي. هيءَ پاڪ زمين درويشن کان نه خالي
هئي، نه آهي ۽ نه ڌڻيءَ جي برڪت سان ڪڏهن
ٿيندي ٿي. شاعرن جو شهنشاه شاه عبداللطيف عرف
ڀٽائي گهوٽ، آتم ڏن اناه جي ڪاڻ سامي، عاشقن جي
آسمان جي بجلي سچل سرمست، بره جو باز بيدل،
"بيوس فقير بيڪس" محبت جو مٽ پائي ايسر ۽ سنڌس
مخمور شش پائي سرڏن، اعلي روح عنايت رمزن وارو روحل
هيڪڙائي جو حقدار دلپت، همايون وارو مفتون مولوي صاحب،
نانڙيءَ وارو درويش رکيل شاه صاحب ۽ اسان جي هن
ڪتاب جو بزرگ بيدل فقير صاحب ۽ ڪئين ٻيا نه
فقط سنڌڙيءَ جا سرتاج آهن، پر سڄيءَ دنيا جي درويشي
فقط سنڌڙيءَ جا سرتاج آهن، پر سڄيءَ دنيا جي درويشي
دل جا سونهارا سردار آهن. ڇا هندو، ڇا مسلمان، رات

گويا ڏينهن، پيا آنهن زي ناچ راڳائن جا کهنا ۽ دلڪش ڪلام آلاپين. سندن وچ جهڙيءَ آتمڪ شڪتيءَ جو هرڪنهن دل تي قبضو آهي. پريمي پانڊيٽرا ته انهن روحاني بازيگرن جي اڻ معلوم تار ۾ گرفتار ٿي پتليءَ جيان، ناچ پيا نچن. گجرانوالا جي گجندڙ شير سوامي رام تيرٿ (جو رام بادشاه جي نالي ۾ مشهور آهي) پنهنجي وصال کان ڪجهه منٽ اڳي چيو هو ته "اي ملڪ الموت جيڪڏهن تنهنجي دل چاهي ته يلي ڪٽي وڃ هيءَ بيڪار بدن. مونوت جسمن جي ڪمي ڪانهي، مان چندرما جي چاندي روپ ڪرڻن، سورج جي سونهري ترورن، ڪسن جي بي نظير وهڪرن، سمندر جي اٿاه لهرين ۽ دلپذير هيرن ۾ جسي جا زنجير لاهي پيو موجون ماڻيندس." ساڳيءَ طرح جيتوڻيڪ مٿين درويشن جي وصال جون تاريخون عالم آشڪار آهن ته به انهن کي مئل چائڻ چوڪ آهي. هو ته دائما زنده آهن. سندس هستي ميسارجي مطلق نه ٿي سگهي. جيئن شاه صاحب فرمايو آهي ته:

رڳون تيون رباب وڄن ويل سڀڪنهين
تئن هر ڪنهن ويل جتي وڄ، آتي سنڌڙيءَ جي سرندي

جي به تار تار (رڳ رڳ) انهن الله لوڪن سرمستن جو آلاپ پيئي آچاري.

گهڻيءَ گهڻيءَ هويا غوغاءَ، نعرا نينهن وڄايا وي،
نعرا نينهن وڄايا وي، تن مرجا حڪم هلايا وي. (ٻيدل)

اهي ورنهه ويا ڪين آهن، پر ڪلامن جي صورت ۾ خواه موجوده سالڪن ۽ مجذوبن جي مورت ۾ انهن جو نور ظهور آهي. اهڙا آستان هن وقت به هندين ماڳين آهن، جتي جاتي جهڳڙي ڪي جاءِ ڪانهي ۽ جتي نفساني ڇڪتاڻ عدم پيدا آهي. اهڙين ئي پاڪ جاين تي اسان جي پراچين سنڌي تهذيب جي حفاظت پيئي ٿئي، هندو مسلم محبت وارو اڪوٽو سلسلو قائم پيو هليو اچي ۽ عربي ۽ سنسڪرت جي اثر کان آزاد اڏائلي نج سنڌي ٻولي، سنڌي ڪهاڻيون ۽ سنڌي خيالات زنده پيا رکيا وڃن. اهي عشق جا اوتارا نه هجن ها ته اها جهوني قربانئي ڪٿي ۽ ريجهه راز واري رهڻي جيڪي ڪنهو ڪو پر ڪٿي پرواز ڪري وڃي ها.

(٢) ٻيدل فقير جي ولادت ۽ حسب نسب

سنڌ جي جدا جدا ضلعن ۾ عالم جي آڪ ڪان پر پرو، گوشائتو گذران ڪندڙ، سنڌ جي جهوني تهذيب جا محافظ هميشه موجود پئي رهيا آهن. شڪارپور کان اٽڪل پنجن ميلن ۽ سلطان ڪوٽ اسٽيشن کان اٽڪل ڇهن ميلن جي

مفاصلي تي، پنهي شهرن جي وچ ۾، ڇوٽي شـــاخ جي ساڄي ڪپ تي، انجنيري ڏهين ميل وٽ مشهور ته پلي ء جي نزديڪ، اهڙي هڪ درگاه آهي، جنهن ۾ فقط تـــورا ڏينهن اڳي ٻـــيل فقير نالي هڪ سفيد ريش ڪنهن سال درويش اوائلي (ازلي) آلاپ ڪيڏي وسرياڻ ورق وري تي ياد ڏياريا فقير صاحب جنجي ڄمڻ جو سال ١٨٦٥ع چيو وڃي ٿو. سندن پنهنجو چوڻ هو ته جڏهن آخرين ليٽ اچي بس ٿي ۽ جڏهن ريل جي بند ٻڌڻ لاءِ آفيسر زرخيل جي سڙڪ جي اوپر ڪان اچي خيما کوڙي ويٺا، تڏهن سندن عمر اٽڪل ١٨ سال ڪن هئي. ڪين ماڻهو ٻيل فقير يا عام طرح ٻيڙو فقير ڪري سڏيندا هئا. سندن ڳوٺ جو اصلي نالو آهي بخشي آنڙ جو ڳوٺ، پـــر هاڻي ان کي "ٻيڙي فقير جو ڳوٺ" سڏيو ويندو آهي. سندن والد بزرگوار جو نالو فقير عبدالواسع هو. عام خلق ڪيس وسيو يا واسع فقير ڪري سڏيندي هئي. ڪيس اولاد جي ٻڪ هوندي هئي، سو پيو پيرن فقيرن کي سوال ڪندو هو. هڪ دفعي هڪ نـــانگو مست فقير اچي لانگهائو ٿيو، جنهن کي هو چنبڙي پيو. سندس دعا سان ڪيس انهيءَ سال اندر ٿيهنگر ڄائو، جنهن تي نالو پڻ انهيءَ فقير جي هدايت موجب "ٻيل" رکيو ويو.

(٢) فقير صاحب جي ننڍپڻ ۽ جواني

اڄ ننڍو سپاڻي وڏو، ٻار اڃي اُن ورهين جو ٿيو. رواجي طرح ٻار وڏو ٿئي ته مائٽن جي دل جي ڪلي ڪلي، پر ٻيڏل جيئن وڏو ٿيندو ويو، تيئن مائٽن کي چوراسي ويڙهيندي ويئي، ڇو ته اکري علم جي اوڏو ئي نه پئي ويو ۽ وڏن جي وات واري ڳهير ۾ ئي نه ٿي گهڙيو. جنسي مستانو، وائن تي وهي ۽ جهنگن ۾ جالي، نه ڪنهن سان ٻولي نه چالي، رنگ ڍنگ نرالو ۽ هلت چلت علحدي ٻنهي ٻانولي ۽ مست. پيءُ ويچاري پٽ گهريو ته دنيوي مال ڪنا ڪري ۾ هيءُ ڇوڪر ته نرالو هو. "جهان جڙيو جڪڙو، تهائين نه پيا."

"جي لهوارو لوڪ وهي، ته هو الٽو وهي اوپارو"

ماڻهو چوڻ لڳا ته واسع فقير جي قسمت ۾ ڪي اگر پٽر لکيل هئا، جو سکي پٽ جائس، سو ٻه مورکو اکين جو سور ثابت ٿيو. انهن ائين تي پانيو ته اهڙي پٽ ڪان ته اڻ هوند ڀلي. نالو ڪٺي رکيائونس "ڏاوڻ" جو صحيح لفظ آهي ڏاوڙ يا ڏاٻڙ معنيٰ کاٻيڙو (Left handed) يعني عامن (عام ماڻهن) جي ابتڙ. پڙهڻ لکڻ جي واه نه ڏسي پٽس ڍور ڏنس ته ٻين ڳوٺ جي ٻارن سان گڏجي وڃي چاره هن به ناتهن ڪانه ڪٿي. ڍڪتارو ڪلهي تي رکي نڪتو. ڍور پنهنجي وهم پيا وڃن تہ هيءُ ٻار وري

پنهنجي ٻولي پيو ٻولي. ڦهريون ڪلام جو هن چيو، سو هو ” سگهڙو موٽج يار توکي وينا ساريون “ (ڏسو صفح ٥٧) آخرين سٽون اُن جون هن ريت آهن:-

عشق ٻڏل کي هو ٻنڌڻ لاڪون
چو محب ڏکين منهن عجيب اسانکون
روح رتو آهه تن هي توهانکون
دم نه تجانءِ ڏار، توڏي تا نهاريون
سگهڙو موٽج ——

ڳائيندي ڳائيندي وجد ۾ اچي ويو ۽ ڪري پيو. غشي جي حالت ۾ کيس گهر آندائون. عزيز خويش ۽ عام ماڻهو کيس چريو، سودائي يا جنات جي اثر هيٺ آيل سمجهي ستيون ڦڪيون ڏيڻ ۽ جهاڙون وجهائڻ لڳا، پر هن يار جي موج ۽ مستي هلندي هلي. عام ماڻهو ٻانئن پيرن ۾ ته هيءُ هٿن ۾ ڇيڙ يا گهنگهرون وجهي يڪتارو وڄائي ڳائيندو به هو ته نچندو به هو. ماڻهن جي انتظاريءَ جي حد نه رهي. پير فقير پڇڻ، ٻاسون ٻاسڻ ۽ ڪاڌا ڪيڻ لڳا ۽ چوڪر کي کويچن جي هٿان سوين عذاب ملڻ لڳا:

ڪنهس کويچن تن طبيب نه ڳڌيو
ڏيئي ڏنب ڏڌن، ٻاٽا ڏيل ڏکوئيو

وقتي ته آڳرين ۾ آڪيڙا وجهي زور ڏيئي سندس ڏوڏن پڇڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. جيئن تڪايف

جي اٺر هيٺ جنڙي ڪلي يا ٻولي يا نڪري وڃي.
نيٺ سڀ تدبيرون ناڪامياب ٿيون ۽ فقير صاحب
پنهنجي مال چارڻ جي ڌنڌي کي لڳو رهيو. ڳوٺ
جي ڇوڪرن سان گڏ ويندو هو پر جهنگ ۾ پهچڻ
بعد ڍورن کي آسري الله جي ڇڏي ڪنهن گوشائتي
وڻ هيٺ ويهي پنهنجي روح رهاڻ ۾ مشغول ٿي ويندو
هو ۽ سج لهڻ بعد جڏهن ٻيا ٻار موٽندا هئا، تڏهن هن
جي ٻه اک کلندي هئي ۽ گهڙي اڳي گهڙي پوءِ، اچي
گهر پيرو ٿيندو هو. مطلب ته سندس شروعاتي زندگي
مجذوبي مستيءَ جي حالت ۾ گذري. وقتي ته سڄو ڏينهن
سانت ۾ سن سماند ۾ گذرندو هوس.

”لب ببندو چشم بندو گوش ببند“.

(۴) مرشد جو طالب

اتفاق سان پير پاڳارو ميان علي سرور شاه صاحب
فقير صاحب جي ڳوٺ ۾ آيا. مائٽ ڇوڪري کي
پير سائينءَ وٽ وٺي ويا، جنهن سندس موج ۽ مستي ڏسي
۽ عشق جا دردي آلاپ ٻڌي، پنهنجي هڪڙي مريد فريد
فقير کي چيو ته هن کي درگاه تي وٺي وڃ. اُن وقت
پيرائيءَ گديءَ تي پير ميان حزب الله شاه صاحب ويٺل
هئا. ڇوڪر کي ڏسندي ئي پريان هڪل ڪري پڇيائون
”هيءُ روهڙيءَ وارو بيدل ته نه آندو اٿو؟“ فريد وراڻيو،

”سائين جيئندا قبلا، هيءَ اسان جي ڳوٺ جو ماڻهو آهي.
نالو سندس ٻيڊل آهي.“ پير سائينءَ چيو ته، ”ٺانءُ ته سنو
آهي، صرف سنبالڻ جي دير اٿس.“ پوءِ ته ٻيڊل فقير سائينءَ
جو طالب ٿيو ۽ اُنسان موٽڻ بعد صفا سانت ۾ اچي ويو.
ڇر ڪٽي ان ۾ وڃي ويٺو. اِتي البت ماڻهن جو خيال بدليو
۽ سمجھڻ لڳا ته، ڇوڪر مرد مولي جو آهي ۽ منجھس
مڙيو ئي ڪا مٺيا آهي.

(٥) فقير صاحب جي شاديءَ ۽ اولاد

وقت گذرندو ويو. فقير صاحب اچي ٢٦-٢٧ ورهين
جو ٿيو. سندس حالت هن وقت تبديل هئي. سندس پيءُ
مٿس شاديءَ جو زور رکيو، پر جڏهن مرشد کان آمر
ڪرايائونس، تڏهن مس مس وڃي قبول ڪيائين. شاديءَ
بعد پڻ گهر ڪي ويجھو نه ويندو هو. مائٽ وٺي ويس
مرشد وٽ، جنهن کي چيائين، ”سائين، جو نور هتي
پنهنجي قلب ۾ تو نظريم، سو ساڳيو هن طرف ۾ تو
پسان، پوءِ گستاخي ڪيئن ڪريان؟“ پير صاحب جن ڪيس
ضروري هدايتون ڏيئي گهر واپس ورايو. ان ريت سندس
سنساري زندگي شروع ٿي. کيس جملي ٽي پٽ ۽ ٻه
ڌيائيون ڄايون. سندس وڏو فرزند ميان عبدالحڪيم صاحب
آنوقت گادي نشين هو. وچول فرزند ميان محمدمقيم صاحب
ممانيءَ ۾ هو سندس يادگيريءَ ۾ عاليشان مقبرو

ڳوٺ ۾ درگاه جي حاطي اندر ٿهيل آهي. سندس ڪلام ۾
”مست مقيم“ جي تخلص هيٺ جهجهو موجود آهي. ٻيون
فرزند ننڍو ميان عبدالڪريم صاحب پنهنجي فقيري حال ۾
مست گذاريندو هو. جو هينئر گادي نشين آهي.

(٦) فقير صاحب جي آخرين زندگي

فقير صاحب جي آخرين زندگي مڪمل سالڪيءَ
جي حالت ۾ گذري. گهڻو وقت پنهنجي روح رهاڻ
۽ من جي موج ۾ گذاريندو هو. جئن ويئي عمر وڌندي،
تيئن قلب به قادر ڌانهن وڌيڪ ۽ وڌيڪ لڙندو ويو
سرير به ڍلو ٿيندو ويو، ته جو اکين جي ظاهري روشني
به موڪلائي ويئي، پر جنون انسان جسي جا زنجير
لاهي پاڻ کي پنهنجي اصلوڪيءَ نج صورت ۾ پسيو
آهي، تنهن کي جسماني دک ڇا ڪري سگهندا؟
وچين فرزند ”مست مقيم“ جي چولي مٿائن ڪانپوءِ سندس
ظاهري حياتيءَ ۾ البت وڌيڪ تبديل اچي ويئي سائين
محمد مقيم نه فقط سندن فرزند هو، پر سندن رازمحرم دلجو
دوست هو. صحبت جو سائين ۽ محبتي مڙس هو. سندس
ڪلمڪ نوراني چهرو اڄ به اکين اڳيان پيو ڦري. اهڙي محبوب
جي وصال جو اثر سندس والد بزرگ تي ڪيئن نه ٿيندو؟
فقير صاحب جن جيئن پوءِ، تيئن ويا گوشه نشيني

اختيار ڪندا، تہ سانجو نيٺ سندن دنيوي زندگيءَ جو ماڻ بہ اچي ايريو ۽ وسپت (خميس) ڏينهن ١٢ آڪٽوبر ١٩٣٩ع مطابق ٢٧ شعبان ١٣٥٨هہ هنن هيءَ ظاهري زندگي مٽائي وڃي ابدي ۽ دائمي زندگيءَ ۾ واسو ڪيو. مشهور ابجد جي حساب موجب سندن وصال جي تاريخ هيٺينءَ سٽ سان تعلق رکي ٿي:-

"طالب المولىٰ فقير صاحب تارک الدنيا"

اها سٽ سندن چولي مٽائڻ جو سال ٿي بڌائي.

(٧) فقير صاحب جو مذهب ۽ طريقو

درويش فقير سائينءَ جو ظاهري مذهب مسلماني ۽ طريقو قادري هو پر پنهنجي دل جو مذهب پاڻ هن ريت بيان ڪيو اٿن:- (ڏسو صفحہ ١٥٤)

عشق وارن جا پنڌ پراهون، اوري دين ايمان
نہ مٺن سني نہ مٺن شيعا، نہ مٺن مسلمان
عشق اسان دا ڪعبہ قبلہ، عشق دا عاليٰ شان

بيدل فقير مرد موليٰ جو حقيقي عاشق هو، جنهن "نينهن جا ذاتي نڪتا، پڙهيا هئا، جنهنڪي "عشق ڏيکاريا هئا نور تجلا، (ڏسو صفحہ ١٢ ڪافي نمبر ١٩) اهڙن عاشقن جو مذهب آهي "وحدت" ۽ هو هميشہ "وحدت جي وادي ۾ غرق" رهندا. هنن جي لاءِ هندو مسلم هڪ آهي، جيئن فقير سائين

فرمايو آهي ته:-

هندو مومن هڪ ڏٺوسي،

ڪو نه ڪو تن ۾ فرق

لون ۾ لڳي تان لعل ٿيا

وحدت سندو ورايائون ورق (صفحه ٩٥)

عاشق سمجهن ٿا ته هيءَ دنيوي زندگي، جنهن سان هي دنيا جا مذهب لاڳو آهن، سا روح جي سموري زندگي نه آهي پر هڪ جزو جنهن ۾ اسان آهيون فقط جهٽ جالڻ وارا جوڳيئڙا (صفحه ٦٦)،

تنهنڪري انهيءَ ڪل زندگيءَ سان جو مذهب لاڳو آهي سو به انهن دنيوي مذهبن کان مٿيرو آهي. انهيءَ جاوداني زندگيءَ ڏانهن اشارو ڪندي فقير سائينءَ فرمايو آهي ته:

سچ چنڊ نه هو ڪتيان تاري

اسان انهيءَ ڪون به اڳي اڳي (صفحه ٦٦، ڪافي ١٠٣)

يعني اسان جي زندگيءَ جو آغاز ۽ انجام جو اڻو مٿو ڪونهي. هي ڳالهه جيڪا درويش ٻڌائي تـو سا اها ته "سڀ صورت ۾ يار سمايو،" يعني هرڪا صورت انهيءَ مٺي محبوب جي ظاهري مورت آهي.

(ڏسو ڪافي نمبر ٢٨، صفحه ١٨، جنهن ۾ چيل آهي ته

وهم دلبر ڪر سينگار آيا - هر صورت ڏني وچ يار آيا.

ٽين ڳالهه جا صفحه ١٧ تي ڪافي نمبر ٢٧ ۾ چاڙهيل

آهي سا اها ته:-

پنهنجو ڳولي ڏس تون پاڻ
آدم ڪٿان ڪونه آئين تون
رنگ الهي آهين تون

مطلب ته سڀ صورتون يار جون، تون به صورت يار جي ۽ تنهنجي زندگي بي انتها. اها آهي وحدانيت، جنهن موجب "همه به هڪ" آهي به هڪ ۽ هوندو به هڪ، ٻي سڀ ڳالهه فقط نظري رهي آهي فقير صاحب جن هڪ هنڌ صاف چيو آهي ته

آهي دلبر مان ناهيان؛ ٻولي اها يار تو ٻولي (صفحه ٨)

اهو هو فقير صاحب جن جو دل وارو مذهب، پر ياد رکڻ گهرجي ته هو صرف پنهنجي حال تي هلي آسمان ۾ نه آڏامندا هئا، ليڪن ڌرتيءَ تي گذاري مذهب جا دنيوي قاعدا قانون (شريعت) به نظر ۾ رکندا هئا، ڇاڪاڻ ته سندن واسطو ڪو صرف پاڙسان ته ڪونه هو پر ڪمترن پانديئڙن جي هنن پرداخت ٿي ڪئي ۽ ڪمترن ماڻهن کي دڳ لائي هنن رهبري ٿي ڪئي. رهبر ڪڏهن به آسمان تان ٻهي هيٺ لهي ماڻهن کي هدايت ڪري نه سگهندو. هنڪي ته هيٺ لهي ماڻهن جي وچ ۾ ٻهي ڪين راه تي هلائڻو آهي. انهيءَ خيال کان فقير صاحب جو به شاه صاحب جيان اهو خيال هو ته شريعتي قانون انسان کي ادا ڪرڻا آهن.

فقير صاحب جن جي پاڪ پيغمبر صاحب (صلعم) سان نهايت اعليٰ درجي جي محبت هئي. رسول الله صلعم جي ياد ۾ نهايت مٺا ۽ عقيدت سان ڀريل بيت. ڇها اٿن (ڏسو صفح ١١١ کان ١٢١ تائين ۽ ٻين هنڌ) انهيءَ کان سواءِ ٻين مذهبي اصحابن ۽ سڳورن لاءِ به عـــزت هئن. جيئن ته صفح ١٢٨ تي چيل آهي ته

اول نـانءُ الله جو آهي ڪل کان قرارو
خاصو دوسـت خداهِ جو آهي مرسل موچارو
چئن يارن جو چتـم مونکي لنؤلنؤ ۾ لاڙو
حسن مير حسين تان مان سر گهوريان سارو....

ٻي هنڌ فقير سائين چوي ٿو ته
ٻڌل آڪـــي احمد مـــن
رب تي ايمان آهِ (صفح ١١٢)

ايمان هڪ سچي رب تي ۽ من ۾ محبت مرسل جي. اهو آهي پاڪ پيغام ڪلمي پاڪ جو. ٻي هنڌ صفح ١١٣ تي چيل آهي ته.

آهي اسان نون خوف نه ڪوئي
پڙهيو سي ڪلمو ويو ڪفر سيوئي
محمد ضامن آهي سـيد سـوئي
سرتاج ٿي سمايو ......

هندن کي سندن ڌرم پٽاندر هدايتون ڏيندا هئا. ٻاهرين ٻصر جي پردي جي آڏو به نه ايندا هئا.

قرآن شريف جي به چڱي واقفيت هئن ۽ ڪلام ربي اهڙو ته سيني ۾ سمايل هئن، جو ڪيترن هنڌ ڪلامن ۾ ان ڏانهن اشارا ڪيا اٿن، جئن ته

(١) "ڪن فيڪون" جي ڪل ۾ ـــ (صفحه ب)
(٢) "الانسان سري" چيائين ـــــ (" ١٦)
(٣) ونحن اقرب" آپ الايئه ـــــ (" ١٧)

سندن فقيري طريقو قادري سلسله راشدي هو. سندن مرشد پير ميان حزب الله شاه جي درگاه قادريه طريقي جي هڪ زبردست درگاه آهي. روحاني عمل ۽ روحاني عبادت جي نمونن جي مدنظر متشرع صوفين جا ۴ طريقا چيل آهن.

[١] نقشبنديه. ذڪر خفي - قلبي ذڪر [آواز بلند]

[٢] قادريه. ذڪر جلي. زبان سان ذڪر ۽ قلب ۽ زبان ٻنهي ڪي هڪ ٻڌائي ذات حق ۾ محو ٿيڻ.

[٣] سهر ورديه - بلند آواز سان ذڪر. راڳ ۽ ساز تي ذڪر ڪري ذات حق ۾ محو ٿيڻ.

[۴] چشتيه - ذڪر خفي ۽ ذڪر جلي سان گڏ راڳ ۽ ساز تي بهي لچڻ، ٽپڪڻ ۽ نچڻ وغيره.

پر فقير صاحب جن جي ڪلام ۽ رهڻي ڪهڻي مان ظاهر هو ته سندن طريقو ظاهري جيتوڻيڪ قادريه هو ته به حقيقتا سيني طريقن جي مٽي ملاوت هو. ساڳي ريت جيتوڻيڪ شاه صاحب جن جو ظاهر طريقو سهر ورديه

هو ته ٻه پنهنجن ٻچن ۾ سڀني طريقن کي اهميت ڏني اٿن. جيئن ته هڪ هنڌ چيو اٿن ته

خلوت ڪر خفيءَ سين، ٿيءُ نفيءَ ۾ نابود
يــا
جلي ساڻ زبان کي چاريئي پهر چور
جسي ۾ جبار جو خفي خيمو کوڙ.

مطلب ته درويشن جي دل اندر هڪ اکر الف جو سمايل هوندو آهي ۽ سندن ساري باطنيءَ هستي انهيءَ نوراني نور سان منور هوندي آهي پر انهيءَ هوندي به عام کي هدايت ڪندا آهن ته

جي پائين جوڳي ٿيان ته پر ڪلمي جي پار
پنجن سان پورو رهي، آيا تيهه م تار......

يعني پنهنجي شريعت يــا ڌرم تي پورا رهي، انهيءَ مضبوط بنياد تي حق جي اڏاوت ڀڏو.

فقير صاحب، جي زندگي سالڪيءَ ۽ مستيءَ جي حيرت انگيز ملاوت هئي.

(٨) فقير صاحب جي صورت ۽ سيرت

فقير صاحب جن جو جنهن ڪواريءَ ديدار ڪيو هوندو، سو ئي بخوبي سندن صورت ۽ سيرت جو اندازو لڳائي سگهندو. سندن شڪل شبيهه ۾ چقمق جي ڪشش هئي. پيشانيءَ تي نوراني نور پيو ٻکندو هون، سندن تصوير جنسي هن ڪتاب جي مسند ۾ ڏجي

تي. پر البت وريل هئن، جنهن کري خاص قسم
جو وڏو بوٽ سندن پاڻ لاءِ ٺهرايو ويندو هو. بدن ۾
البت پريل هوندا هئا. سندن سونهاري مٿ جيتري ڇڏيل
هوندي هئي ۽ مڇن کي سنت جي اختيار رکيو هئائون.
منهن جو خط اصل نہ ونائيندا هئا. مٿي جا وار مڙيو ڇڏي
هلڪا هوندا هئن. سندن پوشاڪ بہ نهايت سادي هوندي
هئي. سر تي ٽوپ، پيرن ۾ خاص قسم جو بوٽ، بدن تي
ڪارو يا اڇو ڏکهو چولو يا وقتي صوفين واري ڏکهي
الفي. گرم مند ۾ هلڪي ننڍڙي سٿڻ ۽ لسو چولو. سندن
کاڌو بہ بلڪل سادو هو. جوئر جي ماني، سائي پالڪ
جي ساڳ، لسي ۽ پٽ سان دل هئن. گهڻو ڪري ڪاٺ
جا ٺڪر جي ٿانون ۾ کائيندا پيئندا هئا. سمهڻ لاءِ سادي
رلي ۽ تمام مختصر هند ۽ رهڻ لاءِ ڪکائين جهوپڙي
وڏيڪ وڻندي هئن. بستري مٿان وقتي ٽڏو وڇائي سمهندا
هئا. بعضي تہ سارو ڏينهن سوالين ۽ محبتن سان رهائيون
ڪندي گذرندو هون ۽ کاڌو پيتو بہ ياد نہ رهندو
هون. سادگيءَ جي تہ جنسي مورت هئا. ٽڪا
شيخي، مشائخي ٽڪا پيري بزرگي ۽ ٽڪو وري
ڪو ناٽ ۽ ٻ نمبر. سادي رهڻي، قربانيءَ ڪهڻي.
ٿلهو کائڻ، ٿلهو هنڍائڻ ۽ ٿلهو بي ڏڙڪ ڳالهائڻ.

رواجي گرهستين جيان پنهنجي عال اولاد سان گڏ گذاريندي روحاني رمز به هٿ ڪندا رهيا، تان جو حد ٽپي وڃي لا حد کي پهتا. گهر ۾ ماني تيار ٿئي ته اول مهمان کائين، پوءِ پاڻ هٿ لائين. سندن زندگيءَ جي هر وقت ۾ يا اُن کانپوءِ وينديءَ اڄ تائين سندن درگاه تي لنگر جاري آهي، يعني عام مهمانن کي سڏ ڪري ماني ڏني ويندي آهي، پوءِ کائيندڙ پنج هجن خواه پنجاه. ڪو به سيد، فقير يا منگتو وٽائن خالي نه ويندو هو. وٽندا خواه ڏيندا وات الله جي هئا. سوين هندو ۽ مسلمان سندن معتقد، مريد يا طالب آهن. هندن لاءِ سندن درگاه تي هڪ خاص مسافر خانو ٺهيل آهي، جتي آڪهه سميت اچي رهڻ جي به سهوليت موجود آهي. سندن ڪلامن ۾ صاف چيل آهي ته "هندو مومن هڪ ڏٺو سپن، ڪو نه ڪو تن ۾ فرق." فقير صاحب جنهنجي گفتار ۾ خاص قسم جو ميٺاج هوندو هو ۽ طبيعت نهايت صاف پسند هئن. درويشي ڪلامن سان گهڻي دل هوندي هئن. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺا يڪتاري ۽ دلي تي دردي آلاپ ٻڌندا هئا. سندن فقيرن جي ٽولي رندي ڪلامن جي دردلي آواز کان مشهور آهي. وصال وقت وڏي فرزند کي حڪم ڪيائون ته "لنگر قائم رکجو، دٺي ۽ لالچ کان پري پڄجو ۽ هڪ ٿي نظر سان مخلوق کي ڏسجو ته رب اوهان تي راضي ٿيندو

۽ ٻنهي جهانن ۾ اوهان جو جس ٿيندو."

مطلب ته فقير صاحب جن جي حالت چلت نهايت اعلي پيماني جي هئي. جهڙي هُن صورت صبحاني، تهڙي هُن سيرت نوراني.

(٩) فقير صاحب جو ڪلام

فقير صاحب جو ڪلام سهڻو، دلچسپ، دلڪش ۽ حقيقي اشارن سان ڀريل آهي. ڪيترو مجذوبي حالت ۾ چيل ڀاڳو ميسر ٿي نه سگهيو آهي. هٿ آيل ڪلام هن ڪتاب ۾ ڏنل آهي، جنهن ۾ ڪافيون، دوهيڙا، ست راتيون، تيهه راتيون، لوليون ۽ جوڳين بابت بيت آيل آهن. انهن جدا جدا ڪلامن ۾ سورٺ، سسئي پنهون، عمر مارئي ۽ هير رانجهوءَ جي الفت ڏانهن هنڌين ماڳين اشارا ڪيل آهن. قالو بلي جي قول ڏانهن وري وري پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪايل آهي ۽ السني انجام انسان کي ياد ڏياريل آهي. ڪيترن هنڌن تي منصوري منزل جو نعرو پڻ هنيل آهي.

ٻولي جا ڪم آيل آهي سا آهي سنڌي، سرائڪي، پنجابي ۽ وقتي عربي. سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين جو اتر سنڌ ۾ گهڻو ميلاپ آهي جو آتي ناڙيوال ماڻهو گهڻا آهن، جن جي ٻولي سنڌ ۾ گهڻو ٺڪو ملي ويئي آهي.

پنجابي به ڪڏجي مسجي ويٺي آهي. ڇاڪاڻ ته اتر سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان هڪ ٻئي سان لڳل آهن ۽ هڪ ٻي جا ڏنڪٺي آهن. ڪلام ۾ عربي لفظ به ڪم آيل آهن، جي پاڪ قرآن شريف مان چونڊيون آهن ۽ بلڪل موزون نموني وڌل آهن. اهي آيتون ڏيکارين ٿيون ته اکري علم نه پڙهندي به فقير درويش ڪل علم جا مالڪ آهن.

فقير صاحب جو ڪلام فرقي يا مذهبي دائري ڪان مٿي غيرمحدود ۽ لا ڪوفي آهي. ساهي، رام، هولي ۽ جهڙا وغيره هندڪا لفظ به عام جام ڪم آيل آهن. جيئن ته:-

[١] ناتي نوايا جيڪي نينهن جي
آهه سڌ ٻيل تن ڪي سڄي
سنگت تن ساهين سندي
پنڌڙا ڪري پل پل پڇاه. (صفح ١)

[٢] راتيان ڏينهان روح پنهنجي ۾ ويٺا رام ريجهائن ٿاه (صفح ٣)

[٣] مڪاتي ڳل جهڙيا صنعان ڏنم،
ڪاتي يوسف مصر بازار آيا (صفح ١٩)

[٤] انٿي پهر اندر ۾، هنئڙي منجهه هوي (صفح ١١٠)

[٥] ننڊ نه ڪن، ويا پنهنجو رام ريجهايون (صفح ٤٩)

[٦] ورتيا بانيهن سپ تي گهرايان،
پيچان پوتي ڏاڙ (صفح ١١٩)

هندو مومن هڪ ڏنو سين، ڪو نہ ڪو تنهن ۾ فرق
(صفحہ ٥٩)

پيا

هندو مومن هيڪڙو، ناهي ويري ڪو وير [صفحہ ٧٤)

انهن ڪلامن مان ظاهر آهي تہ جڏهن فقير حجاب جا پردا ڦاڙي شريعت جي راه قطع ڪري، مذهب جي محدود مڪان منجهان نڪري، طريقت طئي ڪري، حقيقت پروڙي، معرفت جي ميدان ۾ پير پائي ٿو تڏهن سندس:-

نڪو ڪم ڪفار سين، نڪا مسلماني من
نڪا دل دوزخ سان، نڪي بهشت گهرن
سدائين ائين چون تہ پردن ڪجو پانهنجو. (شاه)
خود پيدل سائينءَ پاڻ بہ چيو آهي تہ:-

عشق وارن جا پنڌ پرانهون، اوري دين ايمان
نہ مٿن سني نہ مٿن شيعا، نہ مٿن مسلمان.... (صفحہ ١٥٤)

اهڙيءَ منزل تي سڀ مذهب هن جا آهن ۽ هو سڀني مذهبن جو آهي. دوزخ ۽ بهشت جي درويشن ڪي رتيءَ جيتري بہ چنتا ڪانهي انهيءَ منزل تي ڏوه ثواب ڪان بہ اجو آهي. جيئن تہ:-

پڙهي بره سندو هڪ باب ڏٺم
تنهن ۾ ڏوه نڪو ڪو ثواب ڏٺم (صفحہ ٢)

اهڙيءَ منزل تي هو ملائڪن جي درجي لاءِ بہ پرواه نہ نو رکي، ڇاڪاڻ تہ هن آهو لعل لوڇي لڌو آهي جنهن لاءِ خود ملائڪ پيا تڙڦن. دنيا کي پٺي ڏيئي، ننڊ آرام ڦٽائي، عيش عشرت تو ڪنا ڪري، ساري عمر صبحان جي لنؤ ۾ لين رهي، هو انهيءَ پد تي پهچي ٿو، جتي ملائڪن کي اک ڪٿي نهارڻ جي بہ مجال ڪانهي. جيئن تہ:-

جن ملائڪن جي جاهہ نہ جاتي

پير آتي نيئي پائن ٿا (صفح ٣)

بين بيتن ۾ وري فقير صاحب جن فقيريءَ جا ڏک ڏيکاري حق جي طالبن کي اشارو ٿا ڪن تہ جيسين پاڻ پاڻ سان ڪمبو ۽ وسيلا وجود ۾ موجود رکبا، تيسين الله تعاليٰ وٽ اڳهامڻ محال آهي، جيستائين پنهنجي بود کي نابود ڪري، نانهن ڪلهي تي رکي، ڏڙ سسيءَ کان ڏار نہ ڪبو ۽ پرت منجهاران پرڏم جو پيالو نوشيجان ڪري، وحدت واريءَ واٽ تي پير رکي، ڪنڌ ڪات تي نہ ترڀو، تيسين جانب جو جمال ماڻڻ محال آهي. "سر صدقي ڪر" ۽ "سر گهور" لفظ ڪلام ۾ عام جام ڪم آيل آهن جيئن تہ:-

سڄ پڄل سر گهور تون، بت پڇي ڪر پور تون

مرد نا منهن موڙ تون، سر صدق سو وار تيا. (صفح ٦)

بيـــا

ســـر ڏني منصور جيان، ڪٿي روح رمـــزن ۾ رچاءِ
لاهي سانگا ســـاهه جا، سوريءَ ڏي ڪٿي سر نــواءِ.
(صفحه ١)

بيـــا

وحــدت واريءَ واٽ تي، پـڻ ســـام ۾ ماڻجهي مري
سو لڱين صدقو ڪري، هيءَ سر ڪٿي گهوري گهماءِ.
(صفحه ١)

بيـــا

بيدل سر هيءَ سوريءَ ستجي، پــونئي پير نـــا هتجي
ڏيئي سر هيءَ ســـر ڪتجي، رسي پوءِ فيض رحماني.
(صفحه ١٧)

رواجي طرح ڏٺيوي دل کي جيڪي ڏک ٿا لڳن سي درويشن لاءِ سڪ آهن، جنهن صـــوت کان ڊڄيوي انسان ڏڪن ٿـــا، سو موت هنن جي لاءِ مشاهدو آهي، جنهن سوريءَ کان رواجي ماڻهوءَ جو ساهه قبض ٿي وڃي، سا درويشن لاءِ قـــلن ڇانئين سيج آهي، جنهن تي پير رکي هو سهاڳ ماڻين ٿا، هو وڏي شوق ۽ شتابيءَ سان، اوچي ڳاٽ اجل سانهون بوڙندا اچن ٿا، قربانيءَ جــو ڏينهن انهن لاءِ عيد جو ڏينهن آهي، جيئن فقير صاحب جن چيو آهي ته:-

اڄ ڏيءَ عيد انهن جي آهي،

جيڪي ڪوپا ڪند ڪهائن تا. [صفح ٣]

جئن شاهه صاحب تو چوي ته

ڪوڙين ڪاپائون تنهنجيون لکين لک هزار

جي؛ سڪنهن جي؛ سين درسن ڏارون ڏار

تئن فقير صاحب به هر صورت دي وچ دلبر جو سينگار تو پسي جئن ته:-

واهه دلبر ڪر سينگار آيا، هر صورت دي وچ يار آيا.
(صفح ١٨)

هي؛ ڪلام سچو پڙهڻ وٽان آهي. آن ۾ ڏيکاريل آهي ته ڪئن هڪ صاحب سهسين صورتن اندر سمايل آهي. نه فقط ايترو پر آهي ئي سڀڪجهه پاڻ، پيو ڪجهه جيڪي به نظري رهيو آهي سو سڀ آن جي ئـي صورت آهي. تنهنڪري فقير سائين هدايت تو ڪري ته:-

پنهنجو ڳولي ڏس تـون پاڻ، آدم ڪئن سڏائين تون آدم ڪئن سـڏائين تون، رنگ الهي آهين تـون.
(صفح ١٧)

پي هند چيو اٿن ته:-

جي سڃاڻين پاڻ کي، ساڃيو آن سلطان تون
عـبد جو اولو ڪري آئين تي انسان تون.
(صفح ٢٧)

ونگ الاهي به آهو، جـو اصلي، عبدي ۾ لا زوال

آهي. ڪڏهن اهو رنگ شروع ٿيو؟

فقير صاحب چوي ٿو ته:-

سچ چند نه هو ڪيترا تاري، اسان ان ڪان به اڳي اڳي

پر شاه صاحب جيان فقير سائين به انهيءَ خيال جو

آهي ته مٿي چاڙهيل ڳالهيون انهن لاءِ آهن، جي ناقصائيءَ

ڪان نڪتل آهن. عام سنساري ماڻهن کي هندين ماڳين هدايت

ڪيل آهي ته محنت ڪريو ۽ وڪڙ وهايو. جئن ته:-

سامي سير ڪرڻ ڪئن آئين، آئين نون نه ڪمائين تون.

١. جهڙو آئين تهڙو ويندين، موڳا من نـه مڃائين تون

٢. ڪر ڪمائي يار پنهنجي جي، وڃو وڪر وڃائين تونه!

٣. عشق پيدا ٿي اوڪو اٿانگو، سوريءَ سر نوائين تون.

پر انهيءَ روحاني راه ۾ ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي

”لڪ“. ”جي ياتئين پرينءَ مڙان ته سڪ چورانڪي لات“

نهائين جيان پاڻ کي ڏکيون پيو ڏک، جئن ٻاهر ٻاڦ نه

نڪري. سداهه انهيءَ يار جي تار ۾ مجو رهي آنند ۾ گذار

ڪونگي جيان گڙ کائي مشڪ، پر ڪشڪ نه. سچ پچ ته

هڪ دفعو جن دريءَ مون ديدار ڪيو آهي، تنجي اکيان

اهو نوراني نقش رات ڏينهن پيو ڦري. جن قلب اندر ڪعبو

ڏٺو آهي، جي سپرين جي سنمڪ دائما جهڙ لائي محبت ۾

۾ تا گذارين، جئن هيٺين ڪلام ۾ صاف ظاهر آهي:-

عاشق محبت ۾ مخمور هئي ڪي ڪين ستائن سور.

١. لڳڙو جنڪي نينهن نرالو، پر پيتائون پرت پيالو،
هڪ چڪي ۾ چور.

٢. الف اندر ۾ ڪين اُجارو، اُيري سچ حقيقت وارو،
تيا نسورو نور.

٣. قلب ڪعبو جنجو آهي، هئي در ويندا ڪهڙي ڪاهي،
ڪن ٿا هردم حج حضور.

٤. يار بيدل کي رمز رلائي، رهبر مرشد راهه ٻڌائي،
تيو راضي رب غفور.

انهيءَ حق جي پيچري تي هي ضروري ڳالهه آهي
”مرڻان اڳي مرڻ“. چاڪاڻ ته ”جيتي مر جاوڻ“
ڪانسواءِ من جون مرادون پچڻ مشڪل آهن. ڪيترا ٻے
دفتر اٿلائي ڪاغذ ڪارا ڪري ته به ”پاڻان ذوه چڙهن،
جڻ ورق واري وترا.“ ۽ جهستائين هڪ ”آيت آپ وڃاوڻ دي“
مطالع نہ ڪندو، تيستين ڪيس روشني ملڻ مشڪل آهي.
انهيءَ بنسبت فقير صاحب جن چون ٿا ته:-

سک رمز جيتي مرجاوڻ دي
ٿاهي حاجت هنر هلاوڻ دي.

١. شاه منصور سر سوريءَ ٻولي، رمز انهيءَ اها ڳالهه چولي
لنؤ لنؤ دي وچ ڏنڙي لولي، اناالحق الاوڻ دي.

٢. پڙه پڙه عالم ڪما فاضل هووين، مرڻ ڪنون اڳي موڻ نه موون

جهڙا هووين تهڙا هووين، پڙه آيت آپ وڃاوڻ دي.

٣. بدل نفي اثبات ڪر ڇائين، وچ اپناني آپ نہ آئين
ساري ذات صفات سڃائين، احدئون عبد ڇپاوڻ دي.

جيڪڏهن اهڙيءَ طرح هڪ لڪي ليٺو پاڻي ۾ پيو پاڻ وڃائي، تہ دنيا جا حرص حواس انسان تي غالب پئجي نہ سگهندا ۽ سندس من اندر آها موج جاڳندي، جنهن جي اڳيان نفساني خواهشون ڪيس اگريون پيئون لڳنديون. جئن فقير صاحب جن چيو آهي تہ:-

ٻن پيئي ڪيڙاندي ٻولي، مئن هان رانجهو دي گولي
ڏني عشق سنڙي لولي، نشو نينهن ڏاڍو لايسو.
[صفحہ ٤٧]

ٻي هنڌ عمر ماروئي جي پردي ۾ ٻن چيو اٿن تہ:
ٻن هسون ٻن هار، عمر مونکي ڪين سيباٺا
دم دم ياد پون تا ابانا. [صفحہ ٩٩]

سڄو ڪلام پڙهڻ وٽان آهي. ذيڪاريل آهي تہ ڪئن نہ ماروئيءَ روپي عاشق پنهنجي ابدي الفت تان سڀ دنيوي سک قربان ٿو ڪري. جئن ماروئي عمر جي بنگلن ۽ باغن بافتن ۽ بخملن، عطرن ۽ عنبيرن کي خسيس ڄاڻي، اباڻا پونا ۽ پٽر، ڪٿا ۽ لوبون وڌيڪ پسند ٿي ڪري، عمر جي ڦان ڇانئين سيج تي سمهڻ جي بدران خشڪ ڌرتيءَ تي سمهي

ٿي ۽ ٻوڙ پلاوَن سان ڍيڍ پرڻ جي بدران تنگي تسيا ڏيئي آلفت ۾ آسود ٿيڻ هڪ خوش نصيبي تي سمجهي، تئن درويش پڻ دنيا جي سوادن ۽ مزن کي ٿو ڪٽا ڪري ڦٽي ٿو ڪري ۽ عشق جون جهيڙا جنيون ۽ طعانا تهمت ڇمي سر تي چائي ٿو، جيئن فقير صاحب چيو آهي ته:-

عشق وڃايو حجاب، ڦٽ ڦڪڙي آه ڏاج منهنجو.
آيا نينهن نسواب، طعنه تهمت آه لاڳ منهنجو.
ٻره وارن جو آه باب، سرتيون سور سهاڳ منهنجو.

(صفح ٤)

ائين سور سهندي هو پاڻ مطلق مسماري ٿو ڇڏي ۽ اندر ٻاهر، پاڻ ۾ ۽ ٻين ۾ دلبر ئي دلبر ٿو ڏسي ۽ محسوس ٿو ڪري ته ڏسندڙ ۽ ڏٺل هڪ ئي چيز آهي يعني:-

ساهڙ سان سهڻي، ساڻر پڻ سوڻي، (شاه)

فقير سائين ٿو چوي:-

آهي دلبر مان ناهيان؛ ٻولي اها يار ٿو ٻولي.

يعني جيئن سامي ٿو چو ته:-

تسي ذات سچائي ذات ڪيء

شاه صاحب جي ٻيتن وانگر ٻيدل سائينءَ جي ڪلام ۾ پڻ تجنيس خطي (Alliteration) جام آهي. جيئن هينيان لفظ ڏيکارين ٿا:-

آڳو اعتباري - ٿاه وڏي ڏاهي - ٻنڌن ٻڌايان - قلب ڪعبو- ذوق ظهور- الستي انجام- ڪجليون ڪهري لاڪيٿي لوٿي وغيره.

ستون به گهڻو ڪري انهيءَ آهن؛ جئن ته:-

پٽ پهريندس ڪينڪي
سرڙو ڏناٿون سيج ۾
ساعت پاڻيان سال
مارو چارڻ مال
جيئن آه جنجال

پهڻي پس پڪي مان، سونهن پريو سرور.
پڻ مام ۾ مانجهي مري.

سسئيءَ جي ڏاڪڙي جي ٽيهن ڏينهن (صفح ١٣٤-١٤٢)، عشق جي بيتن (صفح ١٤٣ کان ١٤٨) ۽ جوڳين بابت ڏوهيڙن (صفح ١٢٢-١٢٥) وغيره تجنيس خطي تمام سهڻي نموني پيش نظري ۽ ڏيکاري ٿي ته ڪيڏو اڻاه علم جو مالڪ هو فقير بيدل سائين. لفظ به اهڙا ڪن شاعرن جيان ثقيل نه آهن پر بلڪل پورا ۽ معنيءَ دار. اهڙو ڪو بيت يا اهڙي ڪا ڪافي وغيره مشڪل لڀندي؛ جنهن ۾ تجنيس حرفي نهايت نزاڪت ۽ خوبيءَ سان استعمال ڪيل نه هجي. بيدل سائينءَ جي ڪلام جو پورو پورو مزو وٺڻو هجي ته يڪتارو ڪٿي ويهي آلاپجين ته رڳ رڳ رقص ۾

اچي ويندي ۽ اندر وارو پيو اجلون ڏيندو.

جيتوڻيڪ فقير صاحب جن اکري علم نہ پرايو هو، تڏهن سندن ڪلام مان ظاهر آهي تہ ڪين پاڪ قرآن شريف جي واقفيت ڪافي هئي ۽ سورٺ، ليلان چنيسر، عمر مارئي، سهڻي ميهار وغيره واقع جيڪي شاه صاحب ۽ ٻين شاعرن پنهنجي شعر ۾ قلمبند ڪيا آهن، تنجي ٻڻ پوري پوري ڄاڻ هئن. سندن شعر ۾ متشرعي خواه مجذوبي خيالاتن جي ماڻهن لاءِ بلڪل دلچسپ ۽ هدايتن سان ڀريل اشارا موجود آهن. علم و ادب جي لحاظ کان ٻڻ فقير صاحب جن جو شعر قابل مطالعہ آهي. ڪٿي تہ تمام اونهيون ڳالهيون ٿيون هنيون اٿن، ڪٿي وري پيرا مٿي پون ۽ تہ ڪٿي اوچا منجهہ آڪاس بيٺا آهن. فقير صاحب جن قلبي شاعر هئا. سندن قـال يعني ڪلام سندن حال يعني رهڻي ۽ سان موافقت ۾ آهي، تنهن ڪري اثرائتو ۽ وزندار آهي.

(١٠) فقير صاحب جا همعصر

اتر سند ۾ ساڳئي وقت ٻي درويش ٿي گذريا آهن، جي چڻ تہ شڪارپور کان وٺي ويندي اتر سرحد يا انڪان ڪجهہ مٿيري مفاصلي تائين ملڪ جا باطني استاد هئا. ٻہ ڪجهہ شڪارپور جي ويجهو فقير ٻيڙل سائين، جيو شڪارپور کان ٢ اسٽيشنون پري همايون اسٽيشن جي

لگ همايون جي ڳوٺ ۾ **مولوي عبدالغفور صاحب** (مفتون) ۽ ٻيون جيڪب آباد جي پرڳڻي بلوچستان جي ناڙي علائقي ۾ **فقير رکيل شاهه سائين**. مولوي صاحب جن پهريائين چولو ڇڏيو، تنهن کانپوءِ رکيل شاهه سائين ۽ ٻچاڙي ۾ فقير ٻڌيل سائين. تنهي جو ڪلام بلڪل اعليٰ ۽ موزون آهي ۽ روحانيت سان ڀريل آهي. پهرين ٻن صاحبن جو ڪجهه تمام ٿورو شعر اڳي ڪن ڇاپي جي ڪتابن ۾ آيل آهي، پر اڃان باقاعده رسالو ڪو نه ڪڍيو ويو آهي. اتر سنڌ ۾ گهڻو ڪري ماڻهو مٿين ٽن درويشن مان هڪ نه هڪ جا مريد يا معتقد آهن.

سچي

ڌڻيءَ جي

ساراهه

١. ساراهيان سچو ڌڻي قادر قدرت دار
جنهن نبي پيدا ڪيو نور مون سونهن پريو سردار
تو خاوند آپائي خلق ڪي ڏيه ڌڻي ڏاتار
مان ۾ مدايون گهڻيون اڃي مٽيندو مختيار
هادي ڏينهن حشر جي ڪرائيندو دل سندو ديدار
آهي ڪلمو جن قرار تن تي ٻاجهه ٻيدل چوي.

٢. ساراهيان سچو ڌڻي جيڪو آهه الله
جنهن نبي پيدا ڪيو نور مون منهو محمد شاه
اتم آهي اڳرو اُمت جو امراءُ
لاهي ڪس قلوب جي جنهن آجو ڪيو ارواح
لنگهائيندو لڪن ڪون جيڪو سڪيو نيندو ساه
جنهن ورتو ڪلمي سندو راه تن تي ٻاجهه ٻيدل چوي.

۳. ساراهيان سچو ڏڻي جيڪو پاڪ آهي پرور
ڳل نشانءُ الله جو پنهنجون محمد آه مشر
مرشد سي معافي ڪيو مان تون ڏولاڻو ڏونگر
اوڪي منجهه آئڻ چوي ايندو آرباڻي انور
چئا سي چن پٽ کون کليو بهشت جو در
آه جو تن اندر ڪلمو جن قلوب ۾.

۴. ساراهيان سچو ڏڻي جنهن جي قدرت قراري
ڪلمو جنهن تي راس ٿيو ڪندو سيد ستاري
ڪاهي ايندو ڪاڪ ۾ جاتي منزل آه باري
قبر جي عذاب کون رکندو آڳو اعتباري
الله لڳ الحد ۾ ڏيندو ڪلمي سان ياري
ڏسي حسن حبيب جو وڻندو هيئڙو هوشياري
جنهن جي دار سان ياري تنهنکي ڪس لڳندي ڪانڪا.

۵. ساراهيان سچو ڏڻي جيڪو دلاسو ڏيندو
عربي عيب امت جا اچي ڍوليو ڍڪيندو
سيد وٺي سات ۾ ان هي ذماڻي نيندو
منهنجا عرض آئڻ چوي مولا مڃيندو
بدون بخشيندو ڪلمي جي تم قرار سان.

۶. ساراهيان سچو ڏڻي جنهن جوڙيو ملڪ جهان
ڪن فيڪون جي ڪل ۾ جنهن جو زمين ۽ آسمان

سڀ ساسيءَ کي ساهه وجهي جنهن ٺاهيو باغ بيان
روزي تو رازق ڏئي جو آهه مالڪ مهربان
ٻيڙي لنگهائيندو پاڄهه سان ڪندو آڳوڻي احسان
ايندو محمد مصطفيٰ ملهائيندو ميدان
آهه سيد تي ايمان جيڪو پار لنگهائيندو پاتشاهه
٧. ساراهيان سچو ڏٺي جيڪو قادر ڪرم ڪندو
سيد آهي سهڻو جنهن جو تجلو نور سندو
مديون مٿان جون اچي محمد ميٽيندو
هيڻن سان هلندو ڏئي پاند پناهه جو.
٨. صفت صاحب جي ڪجي ٿاهه وڏي ناهي
سيد مالڪ سات جو جيڪو آريائي آهي
ڪامل ڏيندو قيام جي ايندو ڪيچ ڏٺي ڪاهي
ٻديون بخشائي نيندو ڪلمي جي ته قرار سان.

* كافي *

ڀلي يار آيا

خاڪي بدن ۾ ڀلي يار آيا
دل ڪا درسن دوست مٺن ديدار پايا.

۱. تنهنجي سڪ ۾ يار سدا تي هيءَ سڪي
پروانا ڀر ڏي روڄون روز لڪي
من کي محب اهن وڻي وات پڇي
تنهنجي ملڻ ڪاڻ مان، اداسي آهيان.

۲. ننڊڙي لاڪون نينهن، جاڪون مٺن چايا
آڻي عشق عجيب ٻنڌڻ ٻڌايا
اڳن اسان جي ٻير تو گهمايا
سڙي تي سنپار جنهين دم آيا.

۳. تنهنجي ملڻ ڪاڻ ٻاسان ٿي ٻاسي
هج تون اسان وٽ پرين ٿيءَ نه پاسي
هن جو مٺيءَ کي نينهن ۾ نوازي
پنهنجا قول قرار ڪري وڻين سجايا.

۴. ٻڌل چوي يار سکو مل سائين
راتيان ڏينهان منهنجون اکڙيون ايڏانهن
هيءَ جو ڪڙي آه در تهڏي دانهين
تنهنجي درد فراق دونهان تي دکايا.

بيدل فقير جو رسالو

ڪافي نمبر (١)

عشق جو ميدان

پير پڙهه پرجهي پساءِ   عشق تي آوکو اداءِ
١. مرد ٿيءُ منصور جيان   ڪٽي روح رمزن ۾ رچاءِ،
لاهي سانگا ساهه جا   سوريءَ تي ڪٽي سر نواءِ.
٢. وحدت واريءَ وات تي   پوءِ ماڳ ۾ مانجهي مري،
سؤ لڱين صدقو ڪري   اهو سر ڪٽي گهوري گهماءِ.
٣. پيءُ پيالو پرت مون   وحدت اندر وڪڙي وڏاءِ،
آءُ چلي چوگان ۾   پوءِ ڪات ڪان ڪنڌ نا ڪاڍاءِ.
٤. الف سان آجرو ڪري   ڪٽي جسم پنهنجي کي جڳاءِ،
ذڪر ذاتي ذوق جو   ڪٽي دل اندر دونهون دکاءِ.
٥. تاڻي نوايا جيڪي نينهن جي   آ سڌ بيدل تن کي سڃي،
سنگت تن سامين سندي   پنڌڙا ڪري پل پل پڇاءِ.

ڪافي نمبر (٢)

عشق عجب اسرار

ڏاڍا بره دا باري بار آيا
سر تي عشق عجب اسرار آيا.

۱. بره ته بحري باز ڏٺم
تڏهن شوق شاهي شهباز ڏٺم،
عاشق شيرين تي فرهاد ڏٺم
وجهي ڏونگر ۾ ڌڪار آيا.

۲. مجنون ليليٰ تي ديوانه ڏٺم
تڏهن حيرت وچ حيران ڏٺم،
شاهه ڪنعاني سلطان ڏٺم
تي بردا وچ بازار آيا.

۳. هڪ چڪيءَ ۾ چور ڏٺم
تڏهن مرد سچو منصور ڏٺم،
انهيءَ محبت ۾ مخمور ڏٺم
چڙهي سوري تي ته سوار آيا.

۴. پڙهي بره سندو ڪو باب ڏٺم
تنهن ۾ ڏوه نڪو ڪو ثواب ڏٺم،
آئون عشق سندو ڪو جواب ڏٺم
پهري جنگ سندو جنسار آيا.

۵. هر جاهه پيدا حق نور ڏٺم
دل ۾ دلبر جو ڪو حضور ڏٺم،
بن موسيٰ تي ڪوه طور ڏٺم
تجلي تساب تکو چمڪار آيا.

ڪافي نمبر (٣)

عشق جو اڙاهه

عشق سندي اڙاهه ۾ عاشق جيري جان جلائن تما.

١. راتيان ڏينهان روح پنهنجي ۾ ويٺا رام ريجهائن ٿا.

٢. آڏي عيد آنهن جي آهي جوڪي ڪوپا ڪنڌ ڪپائين ٿا.

٣. عشق پڊل تي امام انهن جو جوڪي سجدي سيس نوائين ٿا.

ڪافي نمبر (٤)

دل جو درد

درد دل چوان ڪنهن کي
بنا ديدار ڪونهي دارون

١. سڄڻ کي سڪ منجهان سارهان
اکين مان آب ٿي هاريان
تون بن کهڙيون ڪيئن گهاريان
موڙي آءُ محب مهارون.

٢. ڪٿي هان فراقن فناني
ڪڏهن ملندو دل جاني.
فراق در در ديواني
ڦٽي هنڊڙو ٿيو ڦارون.

٣. آڳن منهنجو يار بي ايندو
دلاسا دوست جو ڏيندو.
ڙماڻي نال هي نيڻ لو
ڪريان ويٺي روز پوڪارون.

٤. آڏا قاصد آڻي وڃان.

ٻيل جو حال هيءُ ڇنجانهہ،
ٻڌي هٿڙا پيرين پنجان
منهنجي ٻاران ڪجڻ زاريون.

ڪافي نمبر (۵)

برهہ وارن جو باب

عشق وڇايو حجاب
ڦٽ ڦڪري آهہ ڏاج منهنجو.
۱. ڳالهيون ڳڻ سچ جا ڳايان
حال اندر جو ڪين ٻڌايان،
آيا شوق شتاب
رند ڪي سمجهن راز منهنجو
۲. باري بار برهہ جو آيم
بسم الله ڪري سر تي چايم،
آيا نينهن نواب
طعنا تهمت آهہ ماڳ منهنجو.
۳. لڪ لنگهي جڏهين پار پياسي
ملڪ آنهيءَ ۾ اتي وياسي،
ڪونهي ڏوهہ ثواب
عرش اوتارو آهہ ماڳ منهنجو.
۴. ٻيل محبت جيڪي مڃيون
سر تي سهنديون جهيڙا جنيون،
برهہ وارن جو آهہ باب
سرتيون سور سهاڳ منهنجو.

ڪافي نمبر (٦)

عشق جي آلٽي بازي

درد بنا ٻيو سمجهي ڪير

آلٽي بازي عشق جي آهي.

١. ٻاه ٻره جي ڏي ٿي پڙڪا
مچ ۾ گهري ڪو مرد مٿمر.

٢. هيءَ تان ڪار ڪسن جي آهي
رانـد ڪٿي ڪو ممير دلير.

٣. جيئري جان جلائي پنهنجي پوء پائي هن پڙ ۾ پير.

٤. سجهه ٻيدل هن ڳالهه ڳجهي جو لاهوتي ڪولکندو پير.

ڪافي نمبر (٧)

محبت ۾ مخمور

ٻي ڪي ڪين سڃاڻن سور عاشق محبت ۾ مخمور.

١. اکڙيو جن کي نينهن نرالو پر پيتائون پرت پيالو،
تيا هڪ چڪي ۾ چور.

٢. آلف اندر ۾ ڪين آجارو آڀريو سچ حقيقت وارو،
تيا نسورو نسور.

٣. قلب ڪعبو جن جو آهي ٻي درويندا کهڙي ڪاهي
ڪن تا هردم حج حضور.

٤. يار ٻيدل کي رمز رلائي رهبر مرشد راه ٻتائي
ٿيو راضي رب غفور.

ڪافي نمبر (٨)

يار جا ديدار

اڄ تہ مونکي عيد ٿي جڏهن يار جا ديدار ٿيا.

١. پر پيالو وٺين ڏهني دل ديواني جنهن ڪئي،
ڪلي عين پيا اکڙيون ٻئي گلبدن گلزار ٿيا.

٢. سينو صفا سي صاف ٿيو تنهن ذڪر الله ٿيو،
رڳ رڳ آني پرواز پيو غير مڙيئي سي غار ٿيا.

٣. مٺن ڏٺا مهتاب ها تجلي تڪي ڏاڍو تاب ها،
شافع نبي سرتاج ها سائي سچو سردار ٿيا.

٤. سڱ پيدل سر گهور تون بت پيچي ڪر پور تون،
مرد نا منهن موڙ تون سر صدق سؤ وار ٿيا.

ڪافي نمبر (٩)

نينهن جا نڪتا

جن نينهن جا نڪتا پڙهيا سي تہ پور پهرين وپا جڙهيا.

١. نينهن جو نعرو هڻي
وپا پرم جي بازي ڪٽي،
سڪ ساه ۾ هيڙن کٽي
سي تہ عام ۾ هت نا آڙيا.

٢. جوان پيا جهڙي مري
ڪولي ڏاٿون دل جي دري،
سرها ٿيا سڪ ۾ وري تن جا جيءَ جانب سان جڙيا.

٣. جن کي لڳي لنؤ يار جي
وسري ويـن ڪم ڪار بي،
طلب هـيـن سردار جي
سي ته لام بيءَ ڏي نـا لڙيا.
٤. سڻ ڀيڏل سي سـور ۾
پل پل پـرين جي پـور ۾،
ماندا اِنهيءَ مذڪور ۾ سي ته سوز ۾ سارا سڙيا.

ڪافي نمبر (١٠)

آڻـاڏڳو عشق

آڻاڏگو عشق آه اوکو هزارين مرد ماري ٿو.

١. ڏيئي منصور جان مستي پياري جام ٿو دستي،
وسائي دل سندي وسـتي مٿي جندڙي جياري ٿو.
٢. نواڻ نيشان ٿو ڪوڙي جايون اچي جيءَ ۾ جوڙي،
خوديءَ جا خيال ٿو توڙي جڏهن منهڙو ڏيکاري ٿو.
٣. لائي محبت سندي موڪان وڃائي غير ڏيئي چوڪان،
بنائيجيءَ اندر جهوڪان سبق سورن جا سيکاريٿو.
٤. ٻيڏل لنؤ عشق لائي پائي وهو يار ڪاجهاتي،
اندر ٻاهر ذکر ذاتي تن من ۾ تنواري ٿو.

ڪافي نمبر (١١)

آهي دلبر مان نه آهيان

ڇڏي دنيا کي بي سر ٿيءُ دري ڏس دل واري کولي.

۰۱ سچائيج سر هيءَ سارو لاهي ڇڏ مرد مونجهارو،
وسائيج ديس دل وارو لهي وٺ لعل کي ڳولي۔
۰۲ دنياجي ڇوڙ تون دعويٰ ڀڄي ڇڏ غير جا هڪاوا،
اڳيون ڇوندء سچن وءِ واه سونهن منجهه ڀاڪجي ٽولي۔
۰۳ مري ڏس در دلبر جو سچي رب پاڪ پرور جو،
تو ۾ آهي نور انور جو سارو اسرار اندر ڇولي۔
۰۴ ڇوي ٻيدل مان ڇا آهيان ڳالهيون ڳجهه ڀار جا ڳاهان،
آهي دلبر مان ناهيان ٻولي اها يار تو ٻولي۔

ڪافي نمبر (۱۲)

ڪاڏي لڪان؟

سڄڻ رئيءَ تي سڪان محبت ماري آهيان۔
۰۱ ڪٿندس خان پنهل ڏي وحدت واريون وڪان۔
۰۲ ڪاغذ ڪيچ ڏٺيءَ ڏي روبون روبون لڪان۔
۰۳ دل ۾ دلبر يار جا سبق ويني سڪان۔
۰۴ نينهن ٻيدل نروار ڪيو هاڻي ڪاڏي لڪان؟

ڪافي نمبر (۱۳)

منصور مام

منصور ايها مام عاشق ٻاجهون ٻيو ڪير سمجهي؟
۰۱ خيال خوديءَ جا عاشق ڪ ورڻ
مرڻ ڪنون سي منهن نه موڙن
ڪسي ڏين قتلام۔

٢. وڃن ڪلالين ڪامل ڪاهي
ڪنڊ ڪلهن ڪون لاشڪ لاهي
جنگ پين ٿا جام.

٣. محبت واري موج ٿا ماڻن
هر جاء حق جي ذات سڃاڻن
پيچي دنيء وارا دام.

٤. صدقي ساه ڪرن قرباني
فڪر انهيء ۾ تين ٿا فاني
هدا اوڏوتن انجام.

٥. سوريء تي ڪن نه سر جو سانگو
فيضن پڏيل ٿي نسنگم نسانگو
پيا چا چاڻن عام.

ڪافي نمبر (١٤)

عشق جو عجب رنگ.

ڏيو عشق عجب رنگ لايو تو لايو شور مچايو تو.

١. ڪاڻ پنهل جي مر سسئيء جو روهن منجهه رلايو تو.
٢. شاه منصور جي چولي اندر آنا الحق آلايو تو.
٣. هير جي خاطر شاه رانجهن جو نيڻين نير وهايو تو.
٤. شيخ صنعان جهڙا عالم عابد تن جو هوش گنوايو تو.
٥. حسن حسين جهڙا شير بهادر ڪربل منجهه ڪهايو تو.
٦. ليلي خاطر مجن ديوانو ولين منجهه ويڙهايو تو.
٧. بنڌڻ لاڪڙ يار پڏيل ڪي جاڻب جام پلايو تو.

ڪافي نمبر (١٥)

اندر ۾ اسرار

سمجهه سر سهي ڪر يار آئي آندر ۾ اسرار.

١. جودم جيوين رهج فڪر ۾ ذاتي واري ذوق ذڪر ۾
پڌ چاني ۾ چمڪار.

٢. بانڪا کيڏتون بره جي بازي پاڻ وڃائج گم تي غازي
ڪر ڏڙ سيء ڪون ڏار.

٣. ويهي ائث آندر ۾ اورج راتيان ڏينهان چرخو چورج
قلبيء جي ڪوڪار.

٤. آه بيدل ڪي عشق اول ڪونه رمز لکي تس روز ازل ڪون
سرڪي صاف ڏني سردار.

ڪافي نمبر (١٦)

عشق عجب اسرار

عشق عجب اسرار ڏٺم بره جو باري بار ڏٺم.

١. مجنني ڪسي لئو ليليء لاتسي
روئندا زارون زار ڏٺم.

٢. منصور ڪي ڪنهن محبت ماريو
سوليء تي همسوار ڏٺم.

٣. صوفيء جو سر نيزي چاڙهيئون
سامي سخن سچيار ڏٺم.

٤. يار بيدل جي ڪول هميشه دم دم جو ديدار ڏٺم.

ڪافي نمبر (١٧)

آوکو عشق آفات

آوکو عشق آديون آفات آهي
هيءَ راند رڻ مون مري ڪو ملهائي.

١. الڻ لنؤ ۾ لاتي لڳي آه جن کي
هيءَ سڌ ته ساري خبر آه تن کي،
لاهوتي لنگهي ويا وڪڙي وڏائي.

٢. اهڙو عشق آهي؛ تو رمزان رلائي
لکين مرد مانجهي تو خوني کپائي،
هٽي نينهن پوءِ تو ڪونتل ڪڏائي.

٣. نظرسان نهوڙي وڃي تو وڪوڙي
موٽي مرڻ کون منهن ڪين موڙي.
آٿيون آڏيءَ تي تو کوپا کهائي

٤. دلڙي کسي ويو پاڻي يار جهاتي
اصلي پيدل کي آهي ذوق ذاتي،
دکڻ درد دونهان مچ ويو مچائي.

ڪافي نمبر (١٨)

ٻار ٻرہ جو ٻاري

ڏايو ٻار ٻره جو ٻاري آهي
سڌ سور وارن کي ساري آه.

١. چانيءَ ۾ جڏهن پاتم جهاتي دلبر ديد ڏيکاري آه.

٢. ٻاهه ٻره جي ڏي ٿي ڀڙڪا
ٻاروچل اڇي ٻاري آهي.

٣. ٻانهي گولي يار پنهنجي جي
پاند ڳچيءَ ڳل ڳاري آهه.

٤. لنؤ لنؤ دي وچ لات لڳائي
قرب وهائي هڪاري آهه.

٥. سڪ بيدل کي صحبت واري
ٻر ڪري يار پياري آهه.

ڪافي نمبر (١٩)

دم دم ۾ ديدار

جنهن نون عشق لڳا اسرار   تنهن نون دم دم هئي ديدار.

١. عشق گهتي جڏهن دام دوالي   عاشق ڦرندا مست موالي،
عشق جي آهي چال نرالي   عشق ڪري دل باغ بهار.

٢. عشق جڏهن تو رمز لائي   سوريءَ تي پيو سر چڙهائي،
ذاتي نڪتا تنهن پڙهائي   عشق آهي ڳان سر سردار.

٣. عشق ڏيکاري نوري تجلا   آندر ٻاهر ٻهو هو الله،
عشق پياري جام پيالا   عشق آهي تان عجب خمار.

٤. عشق بيدل جڏهن فوج اُتاري
سوين لکين پيو مانجهي ماري،
ورد وظائف عشق وساري
عشق دي آهي سخت بازار.

کافی نمبر (۲۰)

جھڑی مرن

سک رمز جیتی مر جاون دی

ناھی حاجت ھنر ھلاون دی۔

۱۔ شاہ منصور سر سوری بولی

رمز انھی اھ سا گالھ جولی،

لنؤ لنؤ دی وچ ذترّی لولی، انالحق الاون دی۔

۲۔ علم عقل نون عشق نہ مندا

جان جان ھستی دا حال نہ پندا،

چوڑ تکیا انھی خاکی تن دا

نیست نہ رک ول آون دی۔

۳۔ چوڑ دعوی ھکدرد کون گھن تون

بد ھوائی دا بوتا بیچ تون،

مرشد واری مام چا گھن تون

ھکر نہ کسب کماون دی۔

۴۔ پڑہ پڑہ علم کیا فاضل ھووین

مرن کنون اگی مول نہ مووین،

جھڑا ھووین تھڑا ھووین

پڑہ آیت آپ وچاون دی۔

۵۔ بدل نفی اثبات کر چائین

وچ آپنڑا دی آپ نہ آڈین،

ساري ذات صفات ڇپائين احمدئون عبد ڇپاون دي.

ڪافي نمبر (٢١)

محبت واري جام

محبت واري جام سر نيون مرد گهڻا مخمور ڪيا.

١. سوري تي ڪن سانگ نه عاشق ڪيئي تن قتلام.
٢. بار برهه جو بيشڪ باري غازي ڪندا ڪام.
٣. الف جنهين ڪي آ اندر هه بيءَ نه لڙندا لام.
٤. ڪڏهن وسارن ڪينڪي آلستي الجام.
٥. رمز پڇل جو روح رنجهايو جهڙ جان ڏيئي جام.

ڪافي نمبر (٢٢)

سڀني ۾ آپ سمايا

نظر پيو سي يار پيارو ناچو بنڪي آيا جي.

١. اندر تونهين ٻاهر تونهين
هر جڳ دي وچ وسندا تونهين،
پوش رنگي سر پايا جي.
٢. ڪاٿي ساز سرود وڄائين ڪاٿي شريعت راه ٻڌائين،
ڪاٿي منصور مرايا جي.
٣. احمدئون آئين عبد سڏائين
وچ پيجري دي آپ ڇپائين،
آپڻا ٻوه رايا جي.

٤. بيار پريل جي ڪول سدائي
ونجن اقرب نه اهي جدائي،
سيني ۾ آپ سمايا جي.

ڪافي نمبر (٢٣)

اکڙين جو اسرار

تنهنجي اکڙين جي اسرار هزارين حيران ڪيا.

١. پير پيغمبر شاهه سڪندر ڪامل ڪلنگي دار
موهي مستان ڪيا.

٢. انهن ڪجلين ڪمي ڪهايا ابروءَ جي جهلڪار
ڏاري ديوانا ڪيا.

٣. عشق مجنن کي بر ۾ بهاريو ولين ڪيس ولهار
گوندر گهمسان ڪيا.

٤. عشق پريل تي اوکو اڏ انگو درد لايا ڏند ڪار
سورن سامان ڪيا.

ڪافي نمبر (٢٤)

نيڻن جي چوٽ

جنهن کون اکڙي چوٽ نيڻالدي
سا مست ٿري دل سالدي.

٢. راتيان ڏينهان طلب توهان جي
وار نه ماهيان هڪ واندي.

٣. عشق سعن جي آتش ڀاري
هنيڙي منجهه ڀڙڪاندي.

٣. سور آنهيءَ جي سڌ سائي ڄاڻي
جيڪا عشق آڙي ۾ آندي.
٤. اڳو ٻيدل جي يارني ايندو
ڏيندس پانهن سيراندي.

ڪافي نمبر (٣٥)

هاديءَ جو حسن

حسن هرجاءِ هاديءَ جو نظر ۾ نور آيو سي.
١. ڪڙا هي يار اندر چولي گفتا عيب پيو ٻولي،
ديدان هي دل جون ڪولي عجب ديدار پايو سي.
٢. جاڏي تاڏي ڏسان جاني پسي سو پاڪ پيشاني،
ڀري آيو پوش سلطاني جنهنجي گهور گهايو سي.
٣. لڪي ليٽڙو پاتائين لڪيو پنهنجو قول ڪياٿين،
"الانسان سري" چياٿين واعدي خوش ڪرايو سي.
٤. ٻيدل جي ڪول بيدلبر وسي ويجهو ونحن اقرب،
مدد مولي سچو سرور سيني ۾ يار سمايو سي.

ڪافي نمبر (٣٦)

سر ڏيئي سر ڪٽ،

هميشه يار جي حب رک ڇڏي ڏي حرص حيراني.
١. نانگا هڻ نينهن جو نعرو لاهي ڇڏ لوڪ جو لارو
سيني ۾ سمر تي سارو تجلو نور نوراني.
٢. پچن تا پنڌ جي پرجا سانگا تن ڪي ناهن سر جا
پين تا جام ڪوثر جا لنگهي تيا لعل لاثاني.

٣. وڃائج وقت نا ويهي آئي تون جاڳ پرڏيهي
هتئون هليا ويا ڪيئي سڪندر شاه سلطاني.
٤. بيدل سوريءَ سر سنجي هوئي پير نا هنجي
ڏيئي سر هي سر ڪنجي رسي پوه فيض رحماني.

ڪافي نمبر (٢٧)

رنگ الهي آهين تون

پنهنجو ڳولي ڏس تون پاڻ آدم ڪوئائين تون،
رنگ الهي آهين تون.

١. تو ۾ ڪعبه تو ۾ قبله
ذات مون ذات جاڳائين تون،
بٺيا باغ ۾ دل جي اندر
هر دم حڪم هلائين تون.

٢. دلدل وانگي بت بنايئه
تنهن کي آپ نچائين تون،
و نحن اقرب آپ آلاڻ ۾
مٺ ڪيون پاڻ لڪائين تون.

٣. پاڻ گهمائين پاڻ گهتائين
بازي آپ بنائين تون،
سوريءَ تي منصور چڙهائين انا الحق الائين تون.

٤. بيدل آڪي هر مظهر دي وچ
آهي رنگ رلائين تون،

آپي مـلان آپي قاضي
آپـي درس پـڙهائين تـون.

ڪافي نمبر (٣٨)
هر صورت دي وچ يار

وهه دلبر ڪري سينگار آيا
هر صورت دي وچ يـار آيا.

١. ڪاٿي ميخانه مخمور ڏٺم
ڪاٿي شريعت ذوق ظهور ڏٺم،
ڪاٿي سوريءَ تي منصور ڏٺم
چـئي انا الحق اظـهار آيـا.

٢. ڪاٿي مٿي تخت تيار ڏٺم
ڪاٿي چـئو چوڪيدار ڏٺـم،
ڪاٿي ڪاراڻو ڪمدار ڏٺم
ڪاٿي نـاچو ٿي فـروار آيـا.

٣. ڪاٿي عيسيٰ آني داؤد ڏٺم
ڪاٿي ابـراهيم خليل الله ڏٺـم،
ڪاٿي موسيٰ ڪليم الله ڏٺم
ڪاٿي احـمد علي اظهار آيـا.

٤. ڪاٿي عجب هي ادريس ڏٺم
ڪاٿي يحيٰ نبي جرجيس ڏٺـم،
ڪاٿي حسن حسين شهيد ڏٺم
ڪاٿي احمد ٿـي اعتبار آيـا.

٥. ڪاٿي صحيح بيدل سلطان ڏٺم
ڪاٿي پڙهندا ياد قرآن ڏٺم،
ڪاٿي ڪيل جٿيان صنعان ڏٺم
ڪاٿي يوسف مصر بازار آيا.

ڪافي نمبر (٢٩)

حسن جي بازار

حسن بازار ۾ هر دم ڪسڻ جي ڪار آه يارو.

١. بره جي باه ني پڙڪي جلائڻ جان صوفي سرڪي،
ڪوڙا-ونها ڀهرين ڏڙڪي سڄڻ هنيون نينهن جو نعرو.

٢. سڙن آهي ڪين مردانا سوين سر تي سهن طعنا،
ڪيا هن ديد ديوانا ڏسڻ سان سير تي سارو.

٣. قاتل پيا روز ڪوڪارين لکين پيا مام سان مارين،
جگر جوخون پيا هارين ڪري جتي سيف ستڪارو.

٤. بيدل سڻ مام محبت جي وٺي وڃ وات وحدت جي،
سرڪي پي صاف صحبت جي لاهي ڇڏ لوڪ جو لاڙو.

ڪافي نمبر (٣٠)

طلب توهان جي

درد مچايان، ڏڙيان يار سرتيون سورن سمهي وڃايو.

١. الف اسان نون يار پڙهايا لام ذي مول نه لڙيان يار،

٢. دام ديدن جي ۾ دل ڦاٿي آءُ اماڪ اڙيا يار.

٣. عشق خليلي آڙه مچايو سور انهيءَ وچ سڙيان يار.

٤. يار بيدل کي طلب توهانجي خيال انهيءَ وچ ڪڙيان يار.

ڪافي نمبر (٣١)

دل جون پڪارون

عرش آذامي ويئون

دل جون دم دم پڪارون پڪارون.

١. عشق آوهانجي هيءَ حال ڪيڙو

هوش عقل سارو گم جو ٿيڙو،

لهي ويئون لوڪ ميارون ميارون.

٢. اوهان ڇوٿيون ڇوريو منهنجا چاڪ چڪن ٿا

دل جي اندر دونهان روز دکن ٿا،

ڏاڍي محبت مارون مارون.

٣. درد منجهارون دل دانهون جو ڪيڙو

عرش عظيم کون لنگهي پارجو پيڙيون،

يار بيدل جون آچنگارون آچنگارون.

ڪافي نمبر (٣٢)

ننگ، ناموس ڇٽ

عشق جذهن لنؤ لائي ٿو

ننگ ناموں وڃائي ٿو.

١. لنؤ لنؤ اندر لوري لائي

مٿيون سڀ منجهائي ٿو.

ڇوريءَ ڇوريءَ ڇوڪان ماري

خون جگر جو کائي ٿو.

٢. ني منصور نـه سوليءَ آنـي
انـا لـحق الائـي تـو.
عشاقن كـي آئي انـدر ۾
قرب جا كات وهائي تـو.

٣. درد وارا تان دفتر كولي
سـڪ جا سبق پڙهائي تو.
الف كيا آواز اندر ۾
ٻوليون يـار ٻڌائي تـو.

٤. لكين لوك نه ڏئي پيو طعنا
نوبت نينهن وڄائي تو.
مار زغا رک شرط شاهانا
هر جا حكم هلائي تو.

٥. وچ ميدان محبت والي
كوپو كنڌ كپائي تـو.
مرڻ كنون تان مول نه مڙندا
پير پرت ۾ پائي تـو.

٦. يار بيدل كي راتيان ڏينهان
جيءَ ۾ جوش جڳائي تو.
مرشد ميرا حق جي صورت
رهبر راه بتائي تـو.

كافي نمبر (٣٣)

رندي جو راهه

هوُ هوُ هل مچايو آهه لنؤ لنؤ دي وچ لات اُهائي.

١. جاڏي ڏسان تاڏي يار جو ديرو — صورت وچ سمايو آهه.
٢. و نحن اقرب دائم دل ۾ — هاديءَ حق فرمايو آهه.
٣. عشق جي آتش بدن ۾ پڙڪي — دردن دود دکايو آهه.
٤. رمز رنديءَ جو راهه پيدل کي — پير مغان پرجهايو آهه.

ڪافي نمبر (٣٤)

رمز رانجهن جي

جمڪا رانجهن رمز رلائي — سا تہ عجب ڏسڻ ۾ آئي.

١. راتيان ڏينهان طلب توهانجي — خيال ويو تن کائي.
٢. زور اوهانجي نسنگ نهوڙيو — چشمن چوٽ چلائي.
٣. محبت تنهنجي مچ مچايا — دونهين درد دکائي.
٤. روز ازل کون بيدل يارکي — هر دم خيال خدائي.

ڪافي نمبر (٣٥)

عشق الهي عقاب

عشق الهي عقاب — سڪ پڙهايو آهه برهه جو باب

١. سڪ زليخا يوسف سماڻو
ماڳ مومل جي رسيو وڃي راڻو.
سهڻيءَ ميهر لئہ وسايو ڀاڻو
محب مسافر مهتاب.
٢. سڪ شيرين فرهاد پڪاريو
محبت ليليءَ مجنون ماريو.

سڪ سسئيءَ کي ڏونگر ڏيکاريو

پنهل جـو نينهن نـواب.

٣. تخت هزاري جو صاحب زادو

هير کـي هـت اِرادي آنـدو،

مارئيءَ کي ڪيڙو ڪوٽن ماندو

عمر جي سـر تـي عـذاب.

٤. سڪ ڏيکاريو سو ٿي ميخانـو

شـوق شـراب ڪيو مستانو،

[ٻيدل دم جو دريـاءَ ديـوانو

سـر ڏيـڻ آهه ثـواب.]

ڪافي نمبر (٣٦)

سر گهوريندس

گهڙيءَ گهڙيءَ سر گهوريندس

مان تہ ڏيهہ پنهل لئہ ڏوريندس.

١. هيءَ سر يـار سڄڻ جي اڳتون

ڪنڌ ڪلهن تـون ڪوريندس.

٢. راتيان ڏينهان روح پنهنجي ۾

سڪ جا سـڱا مان سوريندس.

پڪي ٻيدل جي آهہ تون پيهي

حـال انـدر جـو اوريندس.

ڪافي نمبر (٣٧)

درد مچايون ڌڙيون

درد مچايون ڌڙيون اکيون اڙيون قابو ڪڙيون.

١. اکڙيون بحري باز جان لاشڪ آئي لڙيون.
٢. سڪ تي سمهيون ڪينڪي سور اُنهيءَ ۾ سڙيون.
٣. لنؤ لنؤ منجهه لڳي ويئون ميخان محبت مڙهيون.
٤. سڪ جا سانير روز پيدل ڪي چڙڪن جيئن چڙهيون.

ڪافي نمبر (٣٨)

سر ڏي سوريءَ سنيري

عاشق ٿئين تہ اچ يار سر ڏي سوريءَ سنيري.

١. محبت جي ميدان ۾ پرواني جان پچ پار.
٢. لاهي سانگا ساهه جا رمز انهيءَ ۾ رچ يار.
٣. مرد مڙندا ڪينڪي سالڪ چوندا سچ يار.
٤. روز پيدل جي روح ۾ محبت هاريو مچ يار.

ڪافي نمبر (٣٩)

سوريءَ تي سر

جيڪي هن عشق ۾ ايندا

سوريءَ تي سر سدا ڏيندا.

١. مٿي سوريءَ عاشق آيا

انهن آڪڙين ڪيئي گهايا.

ملهي ميدان ۾ آيا

منصور جيان موت ۾ ايندا.

٠٢ ڪنا سي قرب جي ڪاتي

ڪپائن جان جند چاتي،

جن کي لنؤ ليولڻ لاتي

آهي سر گهور ٿيندا.

٠٣ اچن نا پير اڪي پايون

ڏاڍي ڪنهن ڪستمون ڪاهيون،

ڪوپا ڏين ڪنڌڙو ڪپايون

آهي ڪڏ يار سان هوندا.

٠٤ ٻيدل جهڙي ڏسي جاني

ڪهي ڪر جند قرباني،

ڪافي نمبر (٤٠)

برهه بهاري لائي

دلبر ديد ڏيکاري وهه واهه

برهه بهاري لائي وهه واهه.

٠١ نظر ماڻ سي نين نهوڙي

مژگان تير ڪپائن ڪوڙي،

وچ ميدان ڪڏائن گهوڙي

حملا ڪري هزارين وهه واهه.

٢. چشمن چور ڪئي دل چوري
سڪ وارا تان سڳڙا سوري،
مئي سر صدقي يار تون گهوري
جان جسو جند ساري وه واه.

٣. برهه بيراڳي مي من ڪيتم
هوش عقل جنهن سارا نيتم،
هٿئون جام حيدر دي پيتم
نشو خود خماري وه واه.

٤. عشق ڊيل تي اوکو اڏانگو
عاشق رکن نه سر جو سانگو،
لا وارو تون لنگهي پئم لانگهو
مرشد سام سيکاري وه واه.

ڪافي نمبر (٤١)

شوق جو شعلو

ڪيا هن شوق جي شعلي هزارين مرد مستان.

١. سوريءَ ڏيئي سر تيا سرها،
سامي سڪ سور ۾ سرهاڻا،
ڇڏي توکل سندا ترها،
لنگهي ويا پار پروانا.

٢. جنين جي رمز دل ربهي،
پئي پورا ڪيائون ديهي،

وڃا پاڻ ساري پڇي
ڪوڙياڻون نينهن نيشانا،
٣. صحيح ھي سر سڃاڻائون
نمون وڃي نينهن لاڻائون،
پرت ۾ پير پاتائون
ڪوليائون درد داستانا،
٤. بيدل سر مي گهوريون گهورن
سامي سڳا سور جا سورن،
الف سان روز پيا اورن
وساياڻون ماڪب ميخانا،

ڪافي نمبر (٤٢)

عشق اولانبو آهي

آڄ ڪاهي سر لاهي عشق اولانبو آهي.
١. هيٺو تي هل هوت ذي خيال خوديءَ جا ڊاهي.
٢. جوڳي هليا هن جوءِ تي سڪ جا سندرا ساهي.
٣. منصور ڪي ڪنهن محبت ماريو پاڻ چڙهيو هو ڦاهي.
٤. سرتيون بيدل ڪي سورجي ڏور وڏي آهه ڏاهي.

ڪافي نمبر (٤٣)

ساڳيو آن سلطان تون

جي سڃاڻين پاڻ کي ساڳي آن سلطان تون.
عبد جو اولو ڪري آئين تي انسان تون.
١. اول نفي ڪر ناڻه پنهنجو پوءِ ڏسين اسرار تون.
دل مديني قلب ڪعبه منجھ مڪو ملتان تون.

٢. غير وڃائي گم ٿي غازي آهين نسورو نور تون،
موج مستيءَ جي مچائي ٿيءُ پڇي پروانہ تون.

٣. هڪڙن ڦاسايہ پاڻ کي هن دنيا جي دام ۾،
مڙس ٿي منصور جيان ڪر سر نيزي نيشان تون.

٤. سر بيدل ساڳيو سڃاڻج تو ۾ ظهورو ذات جو،
اندر ٻاهر هوءُ ٿي ٻولي آن دفتري ديوان تون.

ڪافي نمبر (١٤٤)

هردم حج حضور

سمهڻ نہ تو ڏي سؤر دردن دود دکايو.

١. راتيان ڏينهان روح منهنجي ۾ پل پل پوي ٿو پور
ناچو نينهن نچايو.

٢. محبت تنهنجيءَ مست ڪيڙو
چاڪن ڪيو آهہ چور
کهور نيڻن جي کهايو.

٣. دل اندر ۾ ڪعبو قبلو هر دم حج حضور
پرين پاڻ پسايو.

٤. شاه عليءَ جو شوق بيدل کي محبت ۾ مخمور
جانب جام پلايو.

ڪافي نمبر (١٤٥)

برهہ پڙهايو باب

کوليو نينهن نقاب عقل سڀ عشق اڏاريو.

١. رمزن واري راز سان ڀڳو هوت حجاب.

٢. روز وڄي تنهن روح ۾ رڳ رڳ منجهه رباب.

٣. قربن واري ڪات سان ڪهي ته ڪري ٿو ڪباب.

٤. اچي ڪڙڪيم اوچتي برهه جو بحري عقاب.

٥. روز ازل کون اصل بيدل کي برهه پڙهايو باب.

ڪافي نمبر (٤٦)

محبت واري مام

انهيءَ محبت واريءَ مام

ڪيئي ڪيا درويش ديوانا.

١. جوڳي پنهنجي جان جلائن پير اچي هن پڙ ۾ پائن،
ڪسي تنهن قتلام مڙن ڪين آهي مردانا.

٢. عشق قاندي اها چالي ميڙين مال نڪا ڪي مالي،
جنگ ڀين تا جام جوڙين عرش مٿي آستانا.

٣. ڦوڪي باه برهه جي ٻارن ورق وحدت جو ڪين وسارن،
وحدت منجهه وريام الف سان اورن يار يگانا.

٤. مٺا ملامت جهيڙا جهيون
سامين پنهنجي سر تي سهيون،
چائي مرد مدام ڳل ڳچيءَ ۾ پائن ڳانا.

٥. عشق بيدل تي اوکي چاڙهي
سر تي سهنا ڏک ڏاڙهي،
غازي ڪٺندا ڪنور هيا ڪام
سوريءَ تي ڪن سر مانانا.

ڪافي نمبر (٤٧)

دلبر ساڏي ديري

دلبر ساڏي ديري آيا عشق ڪيا آواز آني.

١. نوري نبي حضوري چادس رمزن لايا راز آني.

٢. شمس قمر تان ڪتيان تاري ڀهون ڇپايا تاب آني.

٣. جن ملائڪ حوران پريون ماٿهو ٿيا مشتاق آني.

٤. مور مرنگهه پيا سهسين پکي نوڙي پيا ڪن نياز آني.

٥. رمز لڳي دل راضي پاڙي تاڙيون ڪليا طاق آني.

٦. صحيح ڀيل پڙه ياد هميشه ڪلمه محمد پاڪ آني.

ڪافي نمبر (٤٨)

سڄڻ، آءِ اڱڻ!

آءُ تون اڱڻ عيدان ڪيون

ڪڏ ٿي گذاريون ڪا گهڙي.

١. گهوريان ڏکن جا ڏينهن هي

جيءَ ڪسي جدائيءَ جهوريو،

روئندي گذاريم راتڙي

ڪوڙها پيم ڪل تي ڪڙي.

٢. هنڙا ڪنيون هڪلان ڪريان

دلبر اوهان جي دره م،

سڏڙا سڻي آءُ تون سکهو

توسان منهنجي جيءَ جي جڙي.

٣. ازل کون ھم عشق تنھنجو
يون وايون وري ويون،
ھردم جسو جولان ۾ ويو ساھ سورن ۾ سڙي.
٤. سچ ھئي ٻيدل جي منت تون
دلبر پنھنجو ديدار ڏي،
سر ھي سي صدقي کريان
مون وٽ اچو لحظو لڙي.

ڪافي نمبر (٤٩)

دلبر، ڏي دلداري!

دل درد تساندي ماري دلبر ڏي دلداري.
١. مٺن زھر ڪٽورا پيسان
تنھنجي عشق لانيون ھن ليکان،
منھنجون عرش ٻڌيون ھن چيخان
مٺن تہ روئندي زارون زاري.
٢. وٺين دل ۾ درد دکائي
وڌو گھور تنھنجيءَ آھ گھائي،
ڏنو طلب توھان جي تائي
جلي جان جند وھمي ساري.
٣. تو تہ بساري بره بچايا آئي محبت مچ مچايا،
بساري ٻار بره دا آيا آئي آتش عشق آثاري.
٤. محب ٻيدل کي مل تون کول گھونگھٽ اچي کل تون،

يار آڳڻ اسان جي ٿل تون
آءُ هيڪر هوت هزاري.

ڪافي نمبر (٥٠)

حاضر ناظر يار

دل دلبر وٺو ته ڪسي انهيءَ ديدن واري دام سان.

١. ونحن اقرب رڳ رڳ اندر
روز رانول پيو رهي،
اها پڪ آئم پيغام سان.

٢. وحدت ساڻ وڪوڙي دلڙي
هر دم بيٺو تو هسي،
موهي محبت واريءَ مام سان.

٣. ڪجليون ڦهري ڪيس ڪرن ٿيون
دانهن دلاور دسي،
اهي غازي گوائن گام سان.

٤. حاضر ناظر يار پيل سان
ڳجهڙيون ڳالهيون تنو ڏسي،
سي ته ڪين سائيندس عام سان.

ڪافي نمبر (٥١)

رندي راهه

رمز رنديءَ جي راه سالڪ سمجهن پيو ڪيرچاڙ؟

١. صدقو يار سچڻ تون مڏي مال متاع.
٢. دونهان درد دکايا اندر منجهه آڙاهه.

٣. محبت جي ميدان ۾ اهندا ڪاهيون ڪاهه.
٤. دائم رکن تا دل ۾ ڏسن هر جا هڪ الله.
٥. ڪندو ٻاجهه بيدل جوي شافع محمد شاهه.

ڪافي نمبر (٥٢)

موتو قبل واري مام

موتو قبل واري مام جي سمجهين سالڪ ٻهي سر ڏي.

١. پيالو ڀر مان ٻيءَ تون لعل لاهوتي ٿيءُ تون،
ٻيءَ ڪنهن لوچ نه لام.

٢. لاهه تون سر جو سانگو ٿيءُ تون نينهن ۾ نانگو،
ڇڏ تون خوديءَ جا خام.

٣. بيدل آکي ڏس تون
پاڻ پنهنجي مون پس تون،
الستي انجام.

ڪافي نمبر (٥٣)

رهبر رند

اماڻ رهبر رند سڏايون ٿا
سر جو سانگو لاهيون ٿا.

١. ڪجهڙي ڪجهڙي رمز رلائي
نسوبت نينهن وڃايون ٿا.

٢. جهيڙا جنيون لوڪ جا طعنا
ڇمي سر تي چايون ٿا.

٣. مؤ نوءِ واري مام پرروڙي
سوريءَ سر فـــرايون تـــا.

٤. عشق پيدل کي روز ازل کون
گيت انا الحق ڳاهون تـــا.

ڪافي نمبر (٥٤)

جانب جو جادو

ويو ڪاريگر ڪڙي دل ديدن جي دام ۾.

١. راتيان ڏينهان روح منهنجي ۾
مـــوج منصوري چڙهي چڙهي.

٢. فوج حسن دي ظالم جنگي
سر عشاقن لـــٽوي لٽوي.

٣. نينهن نيڻن جي نـــاب قتائي
تو ساه سورن ۾ سڙي ســـڙي.

٤. سڪ ۾ ساريون روز سڄڻ کي
پـــنا ويٺي پڙهي پڙهي.

٥. روز ازال کون يار پيدل کي
ويو جـــانب جـــادو جڙي جڙي.

ڪافي نمبر (٥٥)

محبت بنا جاهل عبث

بنا محبت سچي رب جي
جيئڻ جڳ ۾ ڪوڙو آهي.

١. ٻڌي محبت سندي بازي
ڪيڏن ڪنؤ ڪهوٽ ڪي غازي،
ريجهائي رام ڪوائون راضي
سوريءَ سرڙا ڏنائون ساهي.

٢. ذڪر ذاتي آهو چنه تون
ڳولي قولي لعل ڪي لهه تون،
ڪاهي ميچ ۾ پتنگ پڻ تون
سانگا سپ ساهه جا لاهي.

٣. محبت منصور ڪي ماريو
سوريءَ جنهن سر اچي چاڙهيو،
انالحق جو هٿي نعرو چڙهيو سو پاڻ هو قاهي.

٤. ٻيدل حق نينهن جو نعرو
وجودئون ڏنيءَ ويسارو،
لاهي ڇڏ لوڪ جو لاڙو تنهنجو وري عاص سان چاهي؟

ڪافي نمبر (٥٦)

نينهن جو نعرو

عاشق ڪري اعتبار ويا وحدت ۾ ڪذجي.

١. ڪنهنڪي سڻائن ڪينڪي اندر جسو آواز.
٢. ونحن اقرب ويجهڙو وٺ نه پائن وار.
٣. نعرو هنيائون نينهن جو ڏڪري ٿيا نروار.
٤. عشق ٻيدل آوڪو اٿسي بره جو باري بار.

ڪافي نمبر (٥٧)

ذوق ذاتي

هيءَ مام پروڙي ڪير درد وارن پنهنجي دل ۾ سڃاتي.

١. عاشق انٿ اندر ۾ اورن غازي ڪپي وها غمر،
ذوق جڳائي ظاهر ذاتي.

٢. سر بنا هت سودو ناهي
مانجهي اهي ڪو مسرد مٺير،
دست محبوبان دي ڪسڻ جي ڪاتي.

٣. رمز حقيقيءَ جو راه سڃاتي پسر جو لڏائون پير،
جان جگر ۾ پائي جهاتي.

٤. حامي هميشه هوت پڄل سان آذر علي شبير،
رمز رلائي جنهن اِها لنؤ لاتي.

ڪافي نمبر (٥٨)

نور جمال

جنهن دل ويکيا نور جمال
سا دل مستئون مست خيال!

١. مٺن رانجهن دي رانجهن ميڏا
چوڙيسم جهنگ سيال!

٢. صدقي صدقي يار سڄڻ تون
سڏيون خزانا مال!

٣. عشق بنا پھو پند اجایو
بي سب ڪوڙي قيل و قال.

٤. راتيان ڏينهان روز بيدل کي
لائي آهي درد دمال.

ڪافي نمبر (٥٩)
اوکي عشق دي چاڙهي

ڪيئي ڪري قتلام عشق اٿانگو اصل ڪون آهي.

١. بي سر تي کو کيڏي بازي
گوه ڪتي کو پڑ مون غازي،
وحدت ۾ ويس وريام
جنري جسم پنهنجي جان جلائي.

٢. اوکي اٿانگي عشق دي چاڙهي
دم دم دي وچ ڪسڻ ڏهاڙي،
نالهن کپڻ جو کام
پتنگ اچي کو پاڻ پچائي.

٣. بسات بره جي بيشڪ باري
عام نه سمجهن هي سڌ ساري،
سمجهي کو مرد مدام سوري آٿي سيس نوائي.

٤. سمجهه بيدل سر گهور تون سارو
پند پري پيو آ پڙ ۾ پسارو،
رند ريجهائي رام مانجهي اچي کو ميدان ملهائي.

ڪافي نمبر (٦٠)

ديدن جو دام

ٻاڻ هڻي سو ٻئي ٻئي دلڙي دلبر يار لٽي ويو۔

١. اکڙيون آماڪ زور وڙهن ٽيون
چوريءَ چوڪان ڏيئي ڏيئي۔

٢. دام ديدن جي ٻم يار ڏناري
قدرت سان قابو ڪئي ڪئي۔

٣. ڪجهه آندر جون ڳالهڙيون
ڇا ٻڌايان ڇني ڇني۔

٤. عشق ٻيدل کي آڙاه ٻاريان
نندا نيڻن جي وئي وئي۔

ڪافي نمبر (٦١)

محبت جي ميخ

دام وجهي ويو دلبر دلڙي سو يار لٽيڙي لٽيڙي۔

١. عشق آريءَ جو لڳڙو جنهنکي
سور انهيءَ جي سڌ آ تنهن کيءَ
قاتي سا ڪين ڇني ڙي ڇني ڙي۔

٢. ميخ محبت جي يار هڻي ويو
درد ونديءَ جي دلڙي ڪٺي ويو۔
ڪهورڻ ساڻ گهتي ڙي گهتي ڙي۔

٣. عشق اولانيا تو آڳ اٽاري
مرد هزارين هيو مانجهي ماري،
چشمن ساڻ چٽي ڙي چٽي ڙي.
٤. سڪ تہ پيل کي آهہ سندس سڏائي
راتيان ڏينهان اها وحدت وائي،
هرگز ڪٿي هٽي ڙي هٽي ڙي.

ڪافي نمبر (٦٢)

زلف جي تار

دلبر منهنجي دلڙي لٽي ڪئي قابو زلف جي تار ۾.
١. سڪ منجهون سڏڙا ڪري
مشتاق تو لئي تو مري،
وڃ پڇي پيرڙا پري
جهڙو عاشق تنهنجو آزار ۾.
٢. سؤ پيرا تو تو لئي پچان
لون لون اندر ويٺي لچان،
روزي رهبر جي رسان
ديدان اٿم دلدار ۾.
٣. تنهنجا ناز نيڻن جا نوان
آهہ شمس شرمايو اوهان،
ڪهڙيون چٽيمان ڪهڙيون چوان
صفتان تنهنجون سنسار ۾.

٤. پيل چوي اوکي اڙي
وڃو ساھ سورن ۾ سڙي،
گڏ تي گڏاھيون ڪا گھڙي
ويھون نشي جي خمار ۾.

ڪافي نمبر (٦٣)

سڪ جا سبق

عجب ڏنم اسرار اکين ۾ مام ڏيئي دل مارن ٿيون.

١. عشق سندو آڙاه مچائي
باھيون ٻره جون ٻارن ٿيون.

٢. عشاقن تي آيون آمالڪ
سرڙي سيف آلارن ٿيون.

٣. محبت واري مام سيکاري
پر ڪري جا پيارن ٿيون.

٤. مڙگان ماري تير تکيرا
خون خاصن جا هارن ٿيون.

٥. راتيان ڏينهان روز پيل کي
سڪ جا سبق پڙهائن ٿيون.

ڪافي نمبر (٦٤)

تنهنجي سور سمجهايو

ڪل اکي مونکي ڪانه هئي
تنهنجي سور سمجهايو اچي.

١. پر پيالو پرت جو پرين پيارو آچي،
سام محبت جي ڏيئي جنهن روح ريجهايو اچي.

٢. چنگ چولي ۾ پيئي لوچ لچايو اچي،
دل ۾ درد فراق جو آ دود دکايو اچي.

٣. ساز سورن جو کٽي جنهن واه وڄايو اچي،
شوق جون شعريون پڙي نينهن نچايو اچي.

٤. نينهن بيدل کي روز ازل کي يار جڳايو اچي،
در در ديواني قران طلب تپايو اچي.

ڪافي نمبر (٦٥)

سچ جي

رنديءَ وارو راهه رمز سچ جي روشن ڪيڙو.

١. اندر تونهين ٻاهر تونهين تونهين ساه پساه.

٢. سڀ صورت ۾ سهڻل سائين آهي پاڻ الله.

٣. مڙن ڪين مرڻ کون عاشق ايندا ڪاهيون ڪاه.

٤. روز ازل کون عشق بيدل کي ڄاڻي شاهنشاه.

ڪافي نمبر (٦٦)

آلف سان اورج

بسار ملامت چاوين تون
مرد مري پڻ جڙي جڳ ۾.

راتيان ڏينهان الف سان اورج

١. روح ۾ رام ريجهاوين تون.

۲. ڳل وچ ڪفني پوش پ...
مـارن مـاڪ مـ...

۳. جوڳي موٺيا جؤ تـي تن ڳوڙهـا ڳل وهايا.

۴. ڀڏيل چوي پنڌ اڳي آئثي
هـي جـڳ جيـوڻ اجـايا.

ڪافي نمبر (۷۰)

آمالڪ آڙيون

آئي آمالڪ آڙيـون ديـدان دلبر تو سان.

۱. نينهن جنهين ڪي نسنگ نهوڙيو
سـور انهي ۾ سڙيون سڙيون.

۲. ميخان محبت جون يارهئي وئين
جان جـگر ۾ جڙيون جڙيون.

۳. رويون رويـون راه نهاريان
خـيال انهي ۾ ڪڙيون ڪڙيون.

۴. راتيان ڏينهان روز ڀڏيل ڪي
درد لائيون هـن ڏڙيون ڏڙيون.

ڪافي نمبر (۷۱)

محبت لاء ماندي

ساعت ڪين سري ڙي سري ڙي محبت لئي هان ماندي.

۱. سرتيون سور تيا تم سونهان
درد دکايـا دل منجهه دونهان،

منهن تو مچ ٻري ڙي ٻري ڙي
وار نه آهيان هڪ واندي.

۲. مرتيون سڄڻ جي آءٌ سڪ ۾ سڪان ٿي
خط پروانا روز لکان ٿي.
ڳوڙهن ڳاٽ ٻري ڙي ٻري ڙي
وينٺي پڇايان پاندي.

۳. جانب جيري اچي پاتم جهاتي
ٻيوس منهنجي دلڙي جو ڦاٽي.
آئي منجهه آڙي ڙي آڙي ڙي
ٻره ڪئي هان ٻاندي.

۴. نينهن ٻئل ڪي هو نندي لاڪون
هيانءُ فراق ڦٽي ڪيو ڦاڪون.
مارس ذوق ذري ڙي ذري ڙي
ڪيچ ڏٺي ور ڪاندي.

ڪافي نمبر (۷۳)

ٻره باهه ٻاري

حسن هلان هڪري آيو ٻره لڳو سر ٻاري.

۱. راتيان ڏينهان (ني وي ميان) ننڊ نه آوي (ڀلا)
طلب تسوهان جي تسايو جان جلي جند ماري.

۲. درد اوهانجي (ني وي ميان) دود دکايا (ڀلا).
محبت مچ مچايو ٻره ڦوڪي باهه ٻاري.

۰۳ عشق اوهان جو (ني وي ميان)
اڳ مون نہ چاتو (ٻلا)،
سورن ڪٿي سمجهايو ڏک ن ڏني آه ڏيکاري.
۰۴ عشق اوهان جو (ني وي موان)
اصل ٻيدل کي (پلا)،
ننڊڙي جو نينهن نپايو تار تڳان تنهنجي تاري.

ڪافي نمبر (٧٣)

دلبر رمز رلائي

رانجهن ويڙهي آيا ميڈا دانهہ وي ميان
صدقي صدقي ماه سڄڻ تون.
۰۱ رانجهن آئي ونجلي وڄائي
دل ۾ دلبر ڪا رمز رلائي
هاديء هوت ملايا.
۰۲ مئن تہ رانجهن دي ٻانهي گولي
يار پڙهائي منڙي ٻولي
جانب جادو لايا.
۰۳ رانجهن آئي پسانم جهاتي
دست ڏولن دي ڪسن دي ڪاتي
مئن بي سيس نوايا.
۰۴ آئي ٻيدل کي نينهن نهوڙيو
واسينگن جاڻ وره وڪوڙيو
دونهان درد دکايا.

ڪافي نمبر (٧٤)

مليا سچڻ حقاني

رنجهي رات رانجهو آيو دلبر اسان ڏي ويڙهي.

١. منجهان چاري سو ٻيلي آيو پره دي ويلي،
مليا سڄڻ سويلي ڪيو بخت سوايو.

٢. ٻن پيئي ڪيڙاندي ٻولي مٺن هان رانجهن دي گولي،
ڏني عشق مٺڙي لولي نشو نينهن ڏاڍو لايو.

٣. شروع ٿيا شادمانا در در وڳا دماما،
ڦري دار آيو جاما سڀ ساڪ ٿيو سجايو.

٤. ٻيدل چوي هان ڀانهي مليا سڄڻ حقاني،
هنڙي لٿي حيراني مطلب مولا پڄايو.

ڪافي نمبر (٧٥)

ڪهڙي آهي تنهنجي ذات؟

ڪيهي تنهنجي آه ذات ڪهڙي ڪبوتر هت ڪيئن آئين؟

١. سل سچي ڪر سڌ ڏي تون ساري
ملڪ ڪهين تو ڪل گلزاري،
پيدا ٿئين پريات قسمت آئي ڪارڻ رهائين.

٢. وچ بدن جي تنهنجو اوتارو
باغ چمن ۾ وئين بهاريو،
مٺڙي ا وين ڪا لات
حال پنهنجي جي ڪا خبر ڪا يئين.

۰۳ جن مکو توکي جوڙ مان جوڙي
خيال خوديءَ جا ڇڏ سڀ ڇوڙي،
تن جي کرين نہ نات موڳا ماري ننڊ من منائين.
۰۴ آءُ جو آکان اٿين تو سان
کر حال پنھنجي جي ڳالھ بيدل سان،
گھمين قربن ڏينھن رات
ڳليءَ ڳليءَ تي پير تہ پائين.

ڪافي نمبر (٧٦)

وڃان گھوٽ توتان گھولي

لڳي آه سڄڻ دي لولي دن رين دل آداسي.

۰۱ ويکيم تيڏا نظارا من مون لٿا مونجھارا،
کر نظر يار پيارا ڪنجي آئي تہ ڪولي.
۰۲ طلب تن کي تايو سورن سھڻ وڃايو،
پکي پير منھنجي پايو وڃان گھوٽ توتون گھولي.
۰۳ سڪ سوز کئي هان ماندي
هڪ وار نہ ماھيان واندي،
پڇان روز تنھنجا پاندي
آهيان ڳليءَ ڳليءَ تي ڳولي.
۰۴ سڄ تون بيدل جون آنھون دردئون کري تو دانھون،
ڏي ٻھڳڻ ٻڏيءَ کي ٻانھون سڀ ھي جھاڳيو ۾ جھولي.

ڪافي نمبر (٧٧)

ويا پنهنجو رام ريجهايون

سوري ساڻگ نہ ڪن سر اچي ڏين عاشق جهڙو جلايون.

١. آڙاهہ ٻـرندا آگ جا جيءَ ۾ جهڙ جهڙ تا ڪن،
دود دکن من ۾ مچ ويا مچايون.

٢. ڦرهيون جن جي هٿن ۾ ساريون سبق پڙهن،
روز رڙن نيڻين مي نـار وهايون.

٣. جن کي خوف خدا جو سک ٿي ڪين سمهن،
ننڊ نہ ڪن ويا پنهنجو رام ريجهايون.

٤. اورن ٻيل سي الف سان منهن ٻـائي مر مونن،
روز ڏسن جانب جهاتڙي پـايون.

ڪافي نمبر (٧٨)

هر جا وسندا ڀار

هر جا وسندا ڀولڻ ڀـار آيـا بازي بيک بنائي.

١. ڪڏان ماريس دم منصوري سوريءَ تـي هسوار،
انا الحق تو آپ آلاوي.

٢. ونحن اقرب واحد ويجهو وٽ نـہ ڀـانئيج وار،
رگ رگ ۾ تو رمز رلاوي.

٣. هر جا ڪيتس جلوه ذاتي نـور تڏو نـروار،
جوتي وڌو آهي جبل جلائي.

٠٤ هرجاءِ پيڙل حق نور نظر ۾ دل ۾ ڪر ديدار،
ڪعبه مسجد تو ۾ آهي.

ڪافي نمبر (٧٩)

ڳجهه اندر جون ڳالهڙيون

محبت ميخان هنيون دل ڙي ڪنيون

اڊيون منهنجو يار هليو ويو.

٠١ ڳجهه اندر جون ڳالهڙيون
ڪنهن ڪي سان ڪين چيون.

٠٢ نڙڪان تنهنجي وو نينهن جون
لنگهي وڃي پار پيون.

٠٣ سور سيبائن ساهه کي ويو ته ڏکيءَ کي ڏيون.

٠٤ سڪ ته پيڙل کي ساهه ۾ جيئن ٽچڪن تيل تيون.

ڪافي نمبر (٨٠)

پيو ساهه، ڏوکي ساري

گهنڊ ڪول، کل پيارا، دلبر خدا جي واسطي.

٠١ چشمان جڏهين تو چائين
لکين گهور سان تو گهائين،
وجهي دام دل ڦاسائين
ڏئي آبرن سندا اشارا.

٠٢ محبت وڌي هسان ساري
ڳتي تنهنجي تي ڳاري،

پيو ساه نوڪي ساري پل پل ڪريان پڪارا.
۳. ميچ هيءَ بيدل جي آزي ڪر رحم تيءَ تون راضي،
عاشق گهڻو آداسي تو لئه سڄي سويارا.

ڪافي نمبر (٨١)

لنؤ عشق ڏاڍي لائي

ڏاڍيون عشق رمزان لايون، نشي نينهن جي نهوڙيو.
۱. لونءَ لونءَ اندر ڏي لونهان
درد دکايا دونهان،
ڦٽڙا ڏين تا ڦونهان پڙڪن بره جون باهيون،
لڳي آگ جنهن پتوڙيو.
۲. رگ رگ اندر ڏي ريلا لڳڙا بره دا ميلا.
آيا دم دم ڪسڻ دا ويلا
وڃي گهور سان تو گهايون،
ڪنو خوب اچي جنهن ڪوڙيو.
۳. ڏنو عشق اشارو جنهن پر مون نشو پياريو،
سورن سبق سيکاريو بوندان بره وسايون،
وئي وره مون وڪوڙيو.
۴. بيدل چوي تو جائي لنؤ عشق ڏاڍي لائي،
وئي آهه عقل جي وائي وڃي تن کي طلب تايون،
جڳهو بره جيءَ ۾ جوڙيو.

ڪافي نمبر (٨٢)

ڦالو بليٰ جو قول

جي تون نہ عاشق مري ٿيءُ موچارو

کھوري کھوز کر تون سر ساه سارو.

٠١ جي عاشق ٿئين تون، ڪلي راند ڪٽ تون

پاڻي ڀير پڙ ۾ پوئتي نہ هٽ تون،

سوريءَ تي سر ڏي، ڪر پڙ ۾ پسارو.

٠٢ عاشق ٿئين تان ڪر جند فاني

جنگ جام پيءُ تون، پيالو حقاني،

ٿيي مار جر دي هٿي نينهن نعرو.

٠٣ سڪ تون ڏيل عاشق آهيئي

لاهي لعل تيئڙا سانگا سيئي،

ڦالو بليٰ جو ڪيائون سخن سچارو.

ڪافي نمبر (٨٣)

تن ۾ تار اگيے،

لاڻي تار تن ۾ سهڻي يار مانکي

موهي مست ڪيڙو ديدار مونکي.

٠١ محبوب مٺيءَ جا اچي غم گنوايا

ڪري چهرو گلابي اگھ منهنجي آيا،

ڏنو جام پيالو سردار مانکي.

٠٢ تون آهين ننگ پرور سردار سڀ جو

توتي ذ سوراني آهي راز رب جو،

وني ڏال ڏيندين مختيار مانکي.

۰۳ دل نـاز تنهنجي آ نهوڙي

وجهي پيچ پرتيون ويو وره وڪوڙي،

هنئين ميخ من ۾ منٺار مانکي.

۰۴ پڊل ني آکي سڪ آه جنهنجي

ٻانهي مان آهيان توڙئون تنهنجي،

پرين پاڻ کون ڪندا نه دم ڌار مانکي.

ڪافي نمبر (٨٤)

گهوريان سڀ سينگار

لائي لنؤ هٿي ويو يار سوان جنهنجي بره ڪيو بيمارميان.

۰۱ هـوت هٿي ويو هٿ سان

سو نه ڪنديو منجهه ڪاپار ميان،

جن کي لڳو سيٺي چاڙندا

هـن درد جو ڏنـڌڪار ميان.

۰۲ نيڻن نـار نـوان ڪـيا

مي تـه روئن زارون زار ميان،

هـنڌ پنئڙيون هـوت لئي

مي ته گهوريا سڀ سينگار ميان.

۰۳ انـئي پهر عـجيب لئي

مانکي اندر ۾ آڌ مـاد ميان،

سورن ساڙيو ساه کي

آچي قلب کين قرار ميان.

٤. سون ۾ مدايون ٿي گهٽيون

سي تہ بيحد بي شمار ميان،

کندو ٻاجهہ پيل چوي ويندو سات گڏيون سردار ميان.

کافي نمبر (٨٥)

لا مکاني دا سير

عشق جهوتا ڏيندا صبحاني دا

متن پي دوُر پڙهيا دل جاني دا.

١. سهڻا يار ميڏا مشهور هيا

تڏهين روشن زمين بي نور هيا،

اهو منجهہ قرآن مذکور هيا

الف ميم حکم هي حقاني دا.

٢. شمس قمر نتو تاب جهلي

ابرو سيف بيٺا تنهنجا مينگهہ ملي،

آهہ يار متو منهنجو محبوب بلي

پر تيا تور نبي کي نوراني دا.

٣. چشمن کوئي جو ديدار ڏنو

تڏهين راتيان ڏينهان کو آرام ڦٽو

اکين نال کو يار متو

اهو سير نيو لا مکاني دا.

سمجهه پيل پڙه قل هو الله

سارو قلب ڪري هادي هوهو الله

مليو يار منو ٿيا مڙئي پلا

ڪافي نمبر (٨٦)

دل جا پردا کول

سر تي پوش هيس ڪو سلطاني دا،

مرد ني ميدان ۾ ڏي سر سينگاري يار ڪي.

١- سر جي دعوي ڇوڙ تون منهن نہ مچ ڪون موڙ تون،

جاڙون جيءَ ۾ جوڙ تون ڏس دل اندر دلدار ڪي.

٢- الف ڪر الله تون وٺ پريان جو راه تون،

ڇو ٿيو آهين گمراه تون

ياد ڪر پنهنجي اقرار ڪي.

٣- دل جا پردا ڪول تون

روح نہ پئي گهر رول تون،

پاڻ ۾ پيهي گول تون

ڏس نوري تجليدار ڪي.

٤- ڪٿ پيل بازي اها

لاهي ڇڏ سي لوڪ جاليا،

خيال وڃ خطرا پيا

ڏس سڪ منجهون سردار ڪي.

ڪافي نمبر (٨٧)

طوطل پيو تنواري

منهنجي دل ته سچ تو کي تي سنڀاري
سدا گل چمن ۾ طوطل پيو تنواري.

۱. طوطا چمن ۾ ڦرندا هوائي
گلي گلي تي ڪرندا گدائي،
موٽيا ديس جائي ڏنڙا گذاري.

۲. طوطا چمن ۾ هيا پر ڏيهي
چڳندا هو چوٽا جو ڳي آهيئي،
آلائي ذات ڪيهي گهمندا ٻهاري.

۳. آکي جو پڊل چلي آءُ طوطا
رهيا هي مٽي دا خالي بت ٻوٽا،
سانگي ملڪ موٽيا ويڙا قطاري.

ڪافي نمبر (٨٨)

نشو نيڻهن جو

اکين کي عجب ڪو نشو نيڻهن لايو
ابرو سيف سچي حڪم ٿا هلايو.

۱. ڪريان دوست دانهون پٽدي يار پانهون،
تڪيان روز راهون پرين پاڻ پسايو.

۲. بچي باز بحري ڪيئه بي قراري،

دلڙي دام ماري جسو تو جاڳايو.

٣. وئين دل جاڳائي ليئو لعل پائي،
ڏاڍي تار لائي بره تو بچايو.

٤. بيدل هئي سڪ تيرا ڪريو يار پيرا،
آچي محب ميرا پڙ ۾ پير پايو.

ڪافي نمبر (٨٩)

موکي آتي ڪيئن مرڪندي؟

مرجان ڪڪڙ وتي ڪرڪندي

لنبڙي ڪڪڙ وتي ڪرڪندي.

١. جنهن هت تم پنهنجو يار سڃاتو
پنيل پر ڏي پير نه پاتو،
اچا ڪوڙيءَ ڪين چاتو ڪندي گلا ۾ گرڪندي.

٢. ولهيءَ ويئي عمر وڃائي ڪوٽويو ڪوتيءَ ڪي ڪائي،
اڳيون پوندس مار الهي ڦتيءَ ڪرڙيءَ جان ڦرڪندي.

٣. هت وٺيا انس محل ماڙيون
اڳيون پوندس وڙ ڪ پڇاڙيون،
ڪرم پنيون پيئي ڪندي راڙيون
موکي آتي ڪيئن مرڪندي؟

٤. رلي ويئي راٺيون راٺي تڙي طمع ڏي تاٺيون تاٺي،
سمجهه بيدل پرجي تون چاڻين
ڦرڪڻ وتي مرجان ڦرڪندي.

ڪافي نمبر (٩٠)

ڳوڙها پيم ڳڙي

سور ۾ وئي آهه سڙي ڙي جيڏيون

هيئه دل ته سِـ نينهن نهـوڙي.

١. رئندي رئندي رت جا ميان
ڳوڙها پيم ڳـڙي ڙي جيڏيون.

٢. هـوت هٿي ويو هٿ سان
ڪا من ۾ ميخ مڙهيڙي جيڏيون.

٣. سڏڙا ڪريان ني سڪ سون
پسنا روز پـڙهي ڙي جيڏيون.

٤. دلبر باجهون مشڪل مٿيئه ڪي
کهارڻهڪ ته کهڙي ڙي جيڏيون.

٥. راتـيان ڏيـنهان روح ۾
من ۾ موج چڙهي ڙي جيڏيون.

٦. اصل بيدل ڪي دم دم دل تي
درد بڌي آ ڌڙي ڙي جيڏيون.

ڪافي نمبر (٩١)

هندو مومن هڪ ڏٺو سي

سر ميري جڏهين عشق آيا ويکيم تجلا نور حق.

١. عشق ۾ جيڪي آچن آهي سانگ سر جو نا رکن،
پتنگ پـروانه پـچن مرڻ نـا تن جـو مرڪ

٢. موتو قبل ﭘڻ تون مري ﭘڌ خبر هيءَ تون ڪري،
عشق ننسي اوڪو وري ڪر دوُر دنيا جا ترڪ.

٣. هندو مومن هڪ ڏٺو سي ڪو نه ڪو تن ۾ فرق،
لونءَ لڳي تان لعل ٿيا وحدت سندو ورياڻون ورق.

٤. ورهه واريءَ وات تي قربڻون پيا ڪامل ڪسي،
سر ڏيل صدقو ڪري وحدت جي واديءَ ٿيا غرق.

ڪافي نمبر (٩٣)

لاهوتي لعل ٿيا

ڪل لوڪ کي ڪيهي پوي
هن عشق جي اسرار جي؟
ديدار ريءَ ڪانهي دوا
هن بره جي بيمار جي.

١. عشق جي سر آئيو سي محبتي محو ٿيا وتن،
ڪيا وتن خمار ۾ ڏني ديد تن دلدار جي.

٢. لنؤ عشق جي جن کي لڳي
سي لاهوتي وڃي لعل ٿيا،
نعرو هنياڻون نينهن جو
ڪياڻون ڏڙي سسيءَ ڪون ڏارجي.

٣. جن سرڪ صحبت جي چکي
سي سوز نا ڪنهن کي سلن،

سامي سدا هن سير ۾ وت نہ پائن وار جي.
٠٤ سر ڏيل صدقو ڪري آئي پون آڙاه ۾،
شهادت شوق مون تين اتن سڪ سچي سردارجي.

ڪافي نمبر (٩٣)

آيو نبي سونهارو

وريو اُمت جو وارو، آيو نبي سونهارو،

سونهن سويارو.

٠١ در در خوشيون خير جو تيڙا

گهٽيءَ گهٽيءَ گلزارو.

٠٢ ملڪ ساري ۾ ٿيو مشهوري

نور جنهين جو نعرو.

٠٣ صدقي صدقي ساه سچن تون

سر گهوري نيندس سارو.

٠٤ روح ڏيل جيڪي تي روشنائي

ويو اندر جو تم آنڌارو.

ڪافي نمبر (٩٤)

ڪسي ٿيءَ ڪباب

بره ڪيو بيتاب سورن آئي ڏم ڏم لائي.
٠١ بره ڪوڙيون آئي تندون تاران
ڏور پون ٿيون تن جون پچاران،

روح ۾ وڄي ٿو رباب رانول آئي ڪا رمز رلائي.

٢. سور سڄڻ جا سلڻ جا ناهن
ڪنهن کي سا ۽ ن سان پاڻ سان آهن.
شوق تي ڪڙي سان شتاب
محب ملڻ جي آهي حڪ سدائي.

٣. عشق اِنهيءَ ۾ جيڪي جو آڙيا
سور درد جا مسئلا پڙهيا.
سينو ڪيائون صاف خان خودي کي وينا ڪائي.

٤. بيدل لڳو تي نينهن جو نعرو
منزل ماڻي تسيءَ موچارو.
ڪسي تيءَ ڪباب دل جا درسن ماڻ الهي.

ڪافي نمبر (٩٥)

خبر ڏي تون خاطي

مان جو مران تي تو دير لاتي.
ڪج يار پيرو ڪنبي جند جهاتي.

١. ڏک هي ڏکن تا دونهان دکن تا.
باه تو جا ٻهاري پائي يار جهاتي.

٢. ٻڌي يار ٻانهون ڪريان روز دانهون.
ويٺي روز روئان توسان دل قاتي.

٣. آهي بيدل ڪي عشق الهي.
ڪڏهن يار ايندو خبر ڏي تون خاطي.

ڪافي نمبر (٩٦)

تنهنجي وائي وات

تنهنجي وائي آه وات
پريات مٽي لات ڪانگل ڪا سٽائي،

١. سنهري سامي آيو موٽن مشڪل بسات،
٢. ڏسندي ڏينهن گذاريان ڪ ۾ ساري رات،
٣. روز پڊل ڪي روح ۾ طلب توهان جي تات،

ڪافي نمبر (٩٧)

دلبر ٿيءَ نہ ڏار

تنهنجي بره پدا اٿم بار
مل يار، تنهنجي تارمٽي ڪي ملوجي،

١. وني وره وڪوڙيو واندا ناهن وار،
٢. پالج پورهيائت ڪي مان ۾ ني عيب هزار،
٣. هج هميشه هتڙي دلبر ٿيءَ نہ ڏار،
٤. ڪرڪاپاجهپڊلچوي صاحب لڳ ستار،

ڪافي نمبر (٩٨)

پت پيي ڪر پور

عشق جي منزل زور راند ڪورڻ مون چائي،
جيئري مري ڪو مودان ملهائي،

١. چڙه سوريءَ تي ڪر نڪو سانگو
آهي اصل ڪون عشق اڏانگو،
هيءَ سر گهورڻ گهور ڪوپا ڏي ڪند ڪپائي،

٢. عشق جي بازي جيڪو ٿي کيڏي
پرواني جان پاڻ پچائي،
بت پڄي ڪري پور عاشق جان جلائي.
٣. يار زوراور زهر جو لائي
هٿ پريان جي کهڻ جي ڪاتي،
ماس ڪٽهن تون ڪور ذي تون لڳن تون لاهي.
٤. ڏس پيدل تون هر دم هادي
يار وڇائي ٿي ڳلن سان ڳادي،
پنهنجي اندر ۾ اور جانب جهاڙي پائي.

ڪافي نمبر (٩٩)

ياد ڪر انجام کي

جي عاشق ٿئين ته ڇڏ عام کي وجود مون ڏس چام کي!
١. لنگهي عام ڪون عاشق ڇتا،
ڪاتيءَ بنا پيا ٿي ڪٽا،
في الله ۾ نيئي ڪتا محڪم مليا اسلام کي!
٢. جيڪي عام ڪون پاسي پيا،
تن دل جا درسن مڙيئي ڪيا،
صاف ٿي سمجهي ويا، مردن چاتو هڪ مام کي.
٣. پئي عين ڏس وجود جا پوءِ دور ڪر محبوب جا.
تو وٽ تنبو حبيب جا روح ۾ تون ڳولج رام کي.

٠٤ رخ تي پيڊل رهيئي اهو
هيڪي پرين جو هيچ پيو،
قالو بلي تي قول ڪيو ياد ڪر انجام ڪي.

ڪافي نمبر (١٠٠)

پرينءَ پاڻ پسايو

محب مٺيءَ جي گهر ۾ آيو ميندي مون اڇي لاهو.

٠١ سرتيون هار سينگار ڪيو سرهي سيج وڇايو.
٠٢ جنهن ته ڏني ڏک ڏور ٿيا
سرتيون ڪم ٿيو سڄايو.
٠٣ سير ڪتوري واسيا پيرل پير اچي پايو.
٠٤ اڳو پيڊل جي عيد تي پرينءَ پاڻ پسايو.

ڪافي نمبر (١٠١)

ڪر ڪمائي

سامي سير ڪرڻ ڪيئن آئين تون نه ڪمائين تون.

٠١ جهڙو آئين تهڙو ويندين
موڪا من نه منائين تون.
٠٢ ڪر ڪمائي يار پنهنجي جي
ويلي وڪر وڃائين تون.
٠٣ عشق پيڊل تي اوکو اٿانگو
سوريءَ سر نوائين تون.

ڪافي نمبر (١٠٢)
هت نه وسارو تيءَ

جوڳي منهنجڙو جيءَ
پيارو مسافر سير تي آيو.

١. جوڳي تيوين تان ڪر تون صفائي
ڇوڙ طمع کي ڪر نه گدائي،
مرڪي سور مون پيءَ
ڇڏي ڏي هيءَ هول اجايو.

٢. عجب ڏٺو سي ملڪ الله دا
سير ڪيتو سي فاني جڳ دا،
قادر آهي ته قوي
باريءَ جنهن هي باغ بنايو.

٣. هائي هوتن ڏي ڪر ڪا هلڻ جي
ڳنڊ ڳالهه پرين سان ٿاهي چنڻ جي،
هت نه وسارو تيءَ
توکي ڪنهن ڀول ڀلايو.

٤. ٿاهي جوڙي توکي مڪائون
سمجهه پڙهل ڀر ائين آتاهون،
يا ڪي نه ڀار ڏانهن تيءَ
مستان گهمون عام اجايو.

ڪافي نمبر (١٠٣)

سانگ ڪري آيا سانگيئڙا

آئي ملڪ اسان جو اکي اکي
اسان جهٽ جالڻ وارا جوکيئڙا.

١. نيئي ٽرينده خاڪ مٿيءَ
سر جا پائي سڳي سڳي،
اسان پلڪ ٽڪڻ وارا پر ڏيهيڙا.

٢. پار پرين ڏانهن ڪير جهليندو
زور نہ ڪنهن جو لڳي لڳي،
اسان امر مڃڻ وارا مارو ئڙا.

٣. سج چنڊ نہ هو ڪتيان تاري
اسان انهيءَ ڪون بہ اکي اکي،
ڏيهہ ڏورڻ آيا سي ڏوتيڙا.

٤. پيل چوي نيٺ جو نينده
ويري مٿي نئي وکي وکي،
اسان سانگ ڪري آيا آهيون سانگيڙا.

ڪافي نمبر (١٠٤)

رخ تيرا سپ نور دلبر

رخ تيرا سپ نور دلبر معني ويکيا اسرار بي.

١. اکيون تيڏيون باز بحري
وچ ڪجل دي ڏار بي،

نين زنگي هي ته ظالم
ابرو هي تلوار بي.
٠٢ ڏند تيڏي موتي داڻي
لب هيا ٿي لعل بي،
زلف ڪالي هن بشيهر
مک روشن گلزار بي.
٠٣ شمس تو شرمائيو
تو جهڙو ڪونهي ڪو ٻيو،
ڪريان قمر قربان توتان
سؤ ٻيرا سؤ وار بي.
٠٤ ڪهر ٻيل جي گهوٽ آئين
سر ڪري سينگار بي،
جنهن گهليءَ مان پير پاتئه
سا گهلي هيڪار بي.

ڪافي نمبر (١٠٥)

جانب جو جمال

ڏسي جانب جو ته جمال درد ديوانڙي ڪئي هان.
٠١ جانيءَ ريءَ جهان ۾
ساعت ٿيان سو سال.
٠٢ صدقو يار سڄڻ تون
مڏيون هي سڀ مال.

٣. قاصد چئج قريب کي
مـن هيئڙي جو حـال.

٤. آءُ اڳي ناں عـيد ٿئي
سڻ ٻيدل جو سوال.

ڪافي نمبر (١٠٦)

محبت والا پيالا

آڇي لڳي توسان ياري جنهن مونکي باهه جي ٻاري.

١. آهون دانهون سڻ تون مٺڙا جون
دوست ڏجاءِ دلداري.

٢. ڏنـڙءِ پيالا محبت والا
نينهن نشو ٿـيو خماري.

٣. سور سڄڻ جا ڦٽ چاڪ اندر
رو رو ڪرينديءَ هـان زاري.

٤. مهر مولا جي ٻاجهه ٻيدل تي
صـاحب ڪئي آه سـتاري.

ڪافي نمبر (١٠٧)

لا مڪان کان نازل

جتي عـاشق هـڻندا نعرو
آتي سر واهن جو سڱارو.

١. شوق شمع تي اچن ٿا ڪاهيون
ڪنڌ ڪلهن کان ڏين ٿا لاهيون.

پتنگ پنهنجو پاڻ پچايون
پڙ ۾ ڪن تا پسارو.

٢. آڏي عجيبن ڪسڪ جي ڪوڙي
عاشق ڏين تا سر اچي ٻوڙي،
مڙن ڪين مرڻ کون توڙي سر ڏين تا سارو.

٣. لا مڪان کون تيرا نازل
حق تنهين کي آهي وري حاصل،
بيشڪ آهن باالله واصل
عرش ڪرن تا اوتارو.

٤. سچل ٻيل کي چڙهيون فوجان
دم دم دل تي آون اوجان،
عاشق ماڻن مرجان موجان
هٽي نينهن نغارو.

ڪافي نمبر (١٠٨)

ملڪ سارو تو مستان ڪيو

تنهنجي حسن سچل حيران ڪيو
ديدن دام وجهي ته ديوان ڪيو.

١. طلب توهانجي ڪا تات اٿم
ايها وائي مٺي ڪا وات اٿم،
ڏک ته تنهنجو ڏينهان رات اٿم
ٻره بت پچي ته بيران ڪيو.

٢. لنؤ لنؤ اندر مان وڃني لڇان
دم دم داڻهون ڪيان پانڌي روز پڇان،
بره بار آيا ڪنهن سان ڪين ڳڇان
سورن ساه اندر سامان ڪيو.

٣. تنهنجو سور سڄو مان ڪنهنکي سلان
بره باه ٻاري جوش منجهه جلان،
طعنا لوڪ ڏئي جهولي آءٌ تي جهايان
هيڻو حال ڏسي ارمان ڪيو.

٤. جن انسان ملڪ حوران ديو پريون
تجلي تاب تنهنجي چوري ڪيون سي چڙيون،
ڪئيون قرب تنهنجي ڪيون ذوق ذريون
موهي ملڪ سارو تو مستان ڪيو.

٥. آءٌ تون ٻيڻل جي ٻهه ڪول مٺا
نالي نانءَ الله جي ڪجهه ٻول مٺا،
ساٿو محب چڏي گهنبڊ ڪول مٺا
توتان جان جسو مان قربان ڪيو.

ڪافي نمبر (١٠٩)

هر جاءِ حق

هر جاه ويکيم حق اظهار چرچم ڪري آيا يار.

٥. ڪاٿي ملان ڪا تي قاضي
ڪاٿي رمز رنديءَ ۾ راضي،

کافي ڦرندا مست مجازي
کنيس ملامت سر تي بار،
۲. کافي ناچو ناچ نچندي
کٿ مبر تي چڙھ بانگ ڏيندي،
کافي قاتل قتل ڪريندي
پهري جنگ سندو جنسار،
۳. کافي ميم دا برقع پاتس
احدؐ تون آکي عبد سڏايس،
هر جاه اپنا حکم ملايس
پوليون پولي لک هزار،
۴. سمجھ پيل تون هيءَ سر سارو
نانگا هڻ تون نينهن جو نعرو،
نو ۾ آهي پرين پيارو
ونحن اقرب کر اعتبار،

کافي نمبر (۱۱۰)

دنيا ڇور تہ دلبر ويکين

دنيا ڇوڙ تہ دلبر ويکين آهين نور الاهي دا،
۲. نو ۾ آهي ذات ظهورو
شملا چا پڳ شاهي دا،
۳. وحدت دي وچ گم ٿيءَ غازي
مکڙا ويکين ماهي دا،

۳. هت هت عاشق موجان ماڻون
ٻي پـﮯ الا بـقـائـي دا.

۴. عشق ٻيدل اوکـي بـازي
سـودا کري صـفائي دا.

ڪافي نمبر (١١١)

جوڳي آدم ڪنون اڳي

ذات جوڳين جي نہ معلوم ڪنهنکي
هت مسافر آيـا زي.

۱. جوڳي موٽيا پوئتي قطاري
سامي ڳوڙها ڳل تي ڳاڙي،
عهد لکثي اٽکايا زي.

۲. جوڳي آدم ڪنون اڳي جو هيڙا
سج چنڊ تارا پوءِ پيدا ٿيڙا،
آدم پوءِ بنايا زي.

۳. فنا في الله جي ڦوڪ جو ڏيندو
سچو سر هڪ صاحب هوندو،
خاڪ بي خاڪ رلايا زي.

۴. آکي جو ٻيدل جوڳي الاهي
ڪل ڪنهين کي نہ ذات جي ڪائي،
لڪ مہ جنهن پاڻ لڪايا زي.

ڪافي نمبر (١١٣)
قاصد ڪهي وڃ يار ڏي

لوُنءِ لوُنءِ اندر وڃني لڄان
سرتيون سڄڻ جي سور ۾.

١. جڏهين عشق سر آواز ڪيو
سارو عقل سڀ هوش ويو،
منهنجو پرين سان پيچ پيو
ڦران مست تي مخمور ۾.

٢. محبت اتم من ۾ مدعا
پر ڏي وڃج قاصد ادا،
ساري ڪجانءِ منهنجي صدا
هتڙا پڌي حضور ۾.

٣. قاصد ڪهي وڃ يار ڏي
دلبر مٺي دلدار ڏي،
اکڙيون انهيءَ سوپار ڏي
پل پل نهارن پور ۾.

٤. جن کي پڇيل سڪ ساه ۾
سي رڙنديون وتن رند راه ۾،
اتن آسرو الله ۾
هر دم نظر حق نور ۾.

ڪافي نمبر (١٠٣)

پرين پاتو پير

يار بنا پيو ڪير گهٽيون گهير ٿو گهمائي.

١. ونحن اقرب ويجهڙو تنهن ۾ فرق نه آهي قير.

٢. هندوءِ مومن هيڪڙو ناهي ويري ڪو وير.

٣. وڻ ڪستوري واسيا سرها ٿيا سي سير.

٤. اگهه پيل جي عبدتي پرين پاتو آه پير.

ڪافي نمبر (١١٤)

بره جا بحري باز

سمهه سرتيون سڪ وچاڻم

بره بچايم ڪي بحري باز.

١. سر تي آيم عشق اٿانگو

سرتيون چوڙيم سيڪو سانگو،

عشق اندر ۾ ڪيا آواز.

٢. دلبر وٺين تون دلڙي ڏتاري

محب مٺا وڃ منهڙو ڏيکاري،

تنهنجي نيڻن جا ڪي نوان ناز.

٣. وره ڪوڙيون آٿي تندوڻ تاران،

ڪستمنجهون ڪيم ڪوڪاران،

سورن وڄايم سهسين ساز.

٤. عشق ٻيل تي اوکي بازي
گوءِ کٽن کي ڀڙ مان غازي،
مشڪل سمجهڻ رندي هي راز.

ڪافي نمبر (١١٥)

سگهڙو موڻج يار

سگهو موڻج يار توکي وڃا ساريون
سچ جي سرڪ صاف وڻين ڪا پياريون.

١. تنهنجي سورن جي کهڙي ڳالهه ڪريان
ٻائي ٻاند ڪچيءَ پر جي پيش پوان،
ابرو عاشق تي ڪن ٿا ڪان سنوان
ڏاڍي ڇوه چڙهيون وڙهن ويچاريون.

٢. تنهنجي سڪم يار سدا ٿي هي هسڪي
پروانا پر ڏي رويون روز لکي،
من ڪي مُحب، اچن ويني وات تڪي
منهنجي ڦٽن جو نو وٽ دوستدارون.

٣. عشق هو ٻيل کي ٻنڌڻ لاکون
ڇو محب ڏکين منهن عجيب اسانکون،
روحڙو آه رتو تن هي توهانکون
دم نہ نجاه ڏار توڏي ٿا نهاريون.

ڪافي نمبر (١١٦)

اکڙيون عشق ريجهايون

اکڙيون عشق حسن ريهي ريجهايون
روئن روز گهڻو پرکي پڇايون.

۰۱ لڳو آه عشق حسن ڪنديءَ هان ڪوڪارا
ديميون ۾ ڏڏڪار نينهن جا نغارا،
محڪم مٿي ني آهن يار پيارا
تنهنجي سچ سور تندڙيون تپايون.

۰۲ تنهنجي عشق حسن فوجان اتاريون
لڳي آه جنگ جائي اڇن خماريون،
سيف نيڻن جي هڻن اولاريون
طرحين وجهي تاب وجي دلڙي گهايون.

۰۳ يار پيل وٽ باغ جوڙي بنايو
ڪليا گل هزار مصلحِ وڇايو،
سر ته آدم دي ائين آلايو
سيني اندر صاف ڏسو ليٽڙو پايون.

ڪافي نمبر (١١٧)

ڳالهه ڳجهه جي هيءَ ڳري

آءَ ادا مالڪ سهي ڪر ڳالهه ڳجهه جي هيءَ ڳري.
محبت سندي ميدان ۾ پڙ مام ۾ مانجهي مري.

۰۱ جوڳي وبا هيءَ جڳ ڇڏي
لاهوت ڏي ويڙا لڏي،
پاڻ وحدت ۾ ڳڏي تن سرڪ صحبت جي پري.

۰۲ محبت هين من ۾ مدعا
جڙي ڏٺيا جيءَ ڪون جدا،

ساري ڪرن سر جي صدا
نعرو هڻن هل حيدري.
٣. نتا عام ۾ عاشق اڙن
سر ڏيئي سوريءَ چڙهن،
حرف تان حق جو پڙهن
رکن تاج سر تي سروري.
٤. پل پل پيل سي پور ۾
سامي سدا هن سور ۾،
هردم هن حضور ۾
کولي ڏسن دل جي دري.

ڪافي نمبر (١١٨)

رڻ مان راند ڪئي

پڌو جن شوق جو شملو
سوره سوريءَ سيئي چڙهندا.
١. ڪئي مون تي عشق احساني
دلبر دل مون لدم جاني،
ڪيو سي سير صبحاني
الحمد ياد سي پڙهندا.
٢. جيڪي لنگهي گام ٿيا غازي
کٽي ڏ.ن بره جي بازي،
ڪيائون نفس سان تعدي
آهي رانديون رڻ مون ڪٽندا.

۰۳ ڀيل هيءَ پنڌ تي ذر جو
پس ٿيندو تنڌهن پر جو،
سانگو لاهن جيڪي سر جو
نعرو آهي نينهن جو هنڌا.

ڪافي نمبر (١١٩)

خاڪ دا پيرا

ڪاٿي جوڳي ٿي ڇايا
پنور ڪلن تي آيا.

۰۱ جا ڏانهن آيا پهه پين ڌاڏي
مال ڇڏي ويا ماڻيا.

۰۲ ڇوٽي پاٿي امر مي آندا
قسمت رات رهايا.

۰۳ پيرو ڀيل دا خاڪ دا ٻڌا
تنهن ۾ مور سهايا.

ڪافي نمبر (١٢٠)

من مسيت، قلب ڪعبه

من پنهنجي کي مار مار
سر ڏيئين سرهو ٿيئين تون

۰۱ من مسيتون قلب ڪعبه
يار جو دل ۾ ديدار،
جي ڏسين جٺري مري
تو ۾ وڃي تند تار تار،

٠٢ سـر وڃڻ سـودو ڪرڻ
ايهو عـاشقن انجام يـار.
اهي ري ڪاتيءَ ڪنا وتن
لانگھا لنگھي پـيا پار پار.

٠٣ عشق جـي ٻڏل چـوي
جن کي اديـون لوري لڳي.
سي سمهي ڪيئن ننڊ ڪنديون
اهي روز روئنديون زار زار.

ڪافي نمبر (١٢١)

عشق دي چالي

مام ڏئي دل مـاري تـو
اها عجـب عشق دي چالي.

٠١ هئون حيدر شـاه علي جـي
پـيالا جـام پـلائي تـو.

٠٢ انالحق جـون ٻوليون ٻولي
سوريءَ سـر سينگاري تـو.

٠٣ مژگان تيـر نين تفـنگي
ڏاڙي خـاطر ڏاري تـو.

٠٤ روز ٻڏل کي رمـزان لائي
اولانبا تـه اتـاري تـو.

ڪافي نمبر (١٢٢)

هر طرف تيرا نعرا

رخ چمن تمارا پيارا
ڏسي ٿيا مست عالم سارا.

١. قمر لڄائي جاني
تيون حوران پريون حيراني،
وه واه سڄڻ تيري پيشاني
چا بجلي ڏي چمڪارا.

٢. ڏند لب لعل هي سڄن ڪا
ڪيا هي موتي عدن ڪا،
رخ هي شمع پريم ڪا
سهڻل گل هزار.

٣. وه واه چشم دي چالي
تيريون ديدان مارن دو نالي،
تيري نشان دي چال نرالي
ابرو عجب نظارا.

٤. من هي پڍيل جو گهائي
جاني جسم جاڳائي،
اڇي سهڻل حڪم هلائي
هر طرف تيرا نعرا.

ڪافي نمبر (٣)

ٻاڻ لڳو

جن ٻـــان جيءَ جڙي
سي سانگ چڙهي ويم سڄڻ.

١. وينـــي وانءِ نـــهاريان
ڳوڙها ڳل ٻـــما ڳڙي ڳڙي.

٢. دل ماندي دانـــهان ڪري
ڪهاريان ڪيئن ڪهڙي ڪهڙي.

٣. اٺـــئي پـــهر اهـــاڏڪي
ويئي سور انهيءَ ۾ سڙي سڙي.

٤. لـــڳو ٻـــاڻ ٻيل چوي
قـــابو دلڙي ڪڙي ڪڙي.

ڪافي نمبر (١٢٤)

رمز ڏکي، لنو لاوڻ دي

سوري سر سلها وڻدي
رمـــز ڏکي لنوٗ لاوڻ دي.

١. هرجاه حق جا هوڪا ڏين ٿا
وحدت جو ويساه رکن ٿـــا،
مرد اهائي مام سکن ٿا
ذات ۾ ذات ڇپاوڻ دي.

٢. رمز رضا ۾ رهن سي راضي
هان ڪيڏن ڪا بره جي بازي،

گوه ڪٽن ٿا پڙ سون غازي
بره جي بار اٿاوڻدي.
۰۳ سامي سڪ ۾ سر ڏرن ٿا
گوريا غازي گام پرن ٿا،
محبت ۾ مخمور ڦرن ٿا
پيؤن سرڪي سيس ڪهاوڻدي.
۰۴ مري پڊيل ميدان ملهائن
جوڳي پنهنجي جان جلائن،
سامي سڪ جا سگهڙا پائن
ڪن پر ۾ پاڻ پڇاوڻدي.

ڪافي نمبر (١٢٥)

عشق آيا جهوليءَ پايا

عشق آيا جهوليءَ پايا مئن بہ يار دا
ملي جاني تہ حقاني اسرار دا.
۰۱ ملي محب مسڪ متوالا
جنهن جام پيارم پيالا،
نيڙا نينهن نشو خمار دا.
۰۲ مان تہ روز رڻان ني ساريان
ڪوڙين ڪانگ اڏايان،
ويکيان منهن مئي مختيار دا.
۰۳ جڏان پاتم جانب جهاتي
ڪليا جان جگر سڀ ڇاتي،
نمڙا گلبدن گلزار دا.

٤. آکي ٻيدل گڏ پرين هوندين تون
هيءُ نال نماڻي نيندين تون،
مان نہ نوڪر تيان ٻهزار دا.

ڪافي نمبر (١٢٦)

هت سير تي آيو

ڪل نہ ڪانہ تي پوي
هن جوڳيءَ جي اچڻ وڃڻ جي.

١. آيو پکيڙو پيڙي اندر،
لکين لاتيون تو لنوي.
٢. هيءَ حقيقت حال پنهنجي جي
ڪنهن کي ڪين تو چوي.
٣. ڪاٿي بادشاهي ڪاٿي گدائي
سختيون سور پيو سهي.
٤. سمجھ ٻيدل هت سير تي آيو
ڏينهن ٻہ ٽي تو رهي.

ڪافي نمبر (١٢٧)

الف سان اور

جوڳي تا جاڳن
جڙ لڳي آ جن کي.
١. جن جي مصلحت ميم سان
سي ڪيئن سک سمهن،

٢. جن جي ادر الف سان
سي ورنيون لام لڏن.
٣. جن جو من مکو ڏيو
سي ڪعبي کين وڃن.
٤. هاروچل سان ٻيل چوي
اڳيان ٻول پڙن.

ڪافي نمبر (١٢٨)

حج اڪبر

سوريءَ تي چڙهي سر ڏي
دوست ڏسين دلبر يار.
١. پهي پس پکي مون
سونهن پريو سرور يار.
٢. محب تنهنجي من ۾
تون ڏورج کين ڏونگر يار.
٣. موتون قبل مر تون
حج پڙهين اڪبر يار.
٤. حامي ٻيل سان هوت تيو
آريائي انور يار.

ڪافي نمبر (١٢٩)

گهوري حدائي

مهٽي هار مون کي رمز رلائي آهيان ماندي.
پهان پاندي لنؤ ٻولي لائي.

١. تنهنجا سور مون پور آهن اندر ۾
سٽي سوال ڏسي حال رک تون نظر ۾،
هوت نہ ڇڏجان هئن پوريءَ کي بر ۾
لڳي لام تنهنجي سام معاف ڪر مدائي.

٢. ڪريان دانهون پڌي پانهون ٽڪيان تنهنجون ويٺي راهـــون
وٺي سير پري پير ايندي اڳاهون،
شب روز مانکي سوز آهي تو لئي تيلاهون
ڏينهن رات تنهنجي تات سڪ اٿم سدائي.

٣. آءُ اوري وڃان گهوري مل منهنجا جاني
تون يار مننار مان هان تنهنجي پانهي،
آهين نور تون حضور ڪونهي تنهنجو ثاني
جهاتي پائي لنؤ لائي دل تو ڏپائي.

٤. پڌل چوي يار ڪڏهن پرين ايندين
ڇڏ ماٺو تيءَ سپاٺو وني ذال نيندين،
هڪ پيرو ڪري تورو گڏاري گڏيندين
مل هاڻي رب جاڻي گهوري پوه جدائي.

ڪلام هير رانجهو

ڪافي نمبر (١٣٠)

رانجهن رمز رلائي

جنهن جي دم دم دل ۾ وائي

رانجهن رمز رلائي آهه.

١. ڊنيريان سڀ ڪر ويساهه پيلي

الله ماهي دي سانون ميلي،

گهور گهوريان مٽن سر تون ويلي

عيد ميلاپ جي آئي آهه.

٢. نديان تر ڪر مٽن يار جو ويسان

نال رانجهو دي ڪول ٻهيسان،

عطر عنبر ۽ مشڪ مليسان

حورن مهندڙي لائي آهه.

٣. رخ تہ رانجهن دا نور پيشاني

ڪون پانيان مان تنهنجو ثاني،

آءٌ ٻه تيڙان تنهنجي ٻانهي

جنهن منهنجي جان جڳائي آهه.

٤. پڊل آکي رانجهن آيا

محب دليان دا الله ملايا،

ٻيحد تيڙم بخت سوايا

الله آميد پڄائي آهه.

ڪافي نمبر (١٣١)

پيچ اصل ڪان پايو

ميندي رانجهن دي لايو

يار پلي ڪري آهو.

١. ڪوڙي دي گهر مول نه وسان
اوهان نوڙي سمجهايو.

٢. ڪنهن ڏک پارئون ٿيڙو گداگر
رانجهن پوش ستايو.

٣. بيدل ني آکي آهه ته انهن جي
پيچ اصل ڪون پايو.

ڪافي نمبر (١٣٢)

دلڙي رانجهن سان ڦاٿي

جنهن جي ميندي اکي مان لاتي

وهي دلڙي رانجهن سان ڦاٿي.

١. لنؤ تون ڪانگل ڪڏهن پرين ايندو
ڏي ڪو سنيهو ساتي.

٢. پار درياهون جهوڪ رانجهن دي
لڪ چپ پائيسان مان جهاتي.

٣. سور سڄڻ جي ساه کي ساڙيو
جان ڪنبي جند چاتي.

٤. آکي بيدل مهرئون مليا
ول ڪٿي ذات صفاتي.

ڪافي نمبر (١٣٣)

ھڪڙا ھولي

مولي سانون ھڪڙا پيا نظر آوندائين
آوندائين، سو رمز رلاوندائين.

١. اسان رانجھن ھڪ ٿيو سي
ڀول نہ ڀيو ڪو ڀاوندائين.

٢. اھي ڳالھيان وحدت واليان
ڳلي ڳلي ڪر ڳاوندائين.

٣. جاڏي تاڏي سھڻا سائين
ٻاري آپ ٻناوندائين.

٤. ٻيدل فقير چوي عشق الھي
سيني اندر سيباوندائين.

ڪافي نمبر (١٣٤)

ملبو نبي ذورا

رانجھو رات آيو، مولي ملايو
ٿيا سير سرھا، ڀرين ڀير پايو.

١. ويڙھي اسانجي ٿيڙيون واڌايون
من جون مرادون ڀرور پڄايون.
ذڪ ذور تيڙا ڀنو روح رايو.

٢. آيو اڱڻ مون ڪليون عشق تاران
دم دم دل ۾ ٻون تيون پڄاران،
ذڪر ذوق ذاتي جانب جاڳايو.

وڻ ٽڻ وس، تيون خوشبوء خريدان
کل گل کليا کيون عالم عيدان،
آيو شاه شافي جنهن اچي بار چايو.
٠٤ مليو ڀڏل کي نبي نور انور
ڀري تاج کلنگي آيو آهه دلبر،
موتني مهر ڪمائين جنهن منهڙو ويکايو.

ڪافي نمبر (١٣٥)

هردم خيال خدائي

جيکا رانجهن رمز رلائي سا ته ناهي سلڪ جي.
٠١ پر پر ماريس تير حگر دا
چشمن جوت چلائي.
٠٢ لڳڙي جنهن نون، خبر تنين کي
ٻي کي کل نه کائي.
٠٣ رانجهن آيا حق جي صورت
قرندا ويس مٽائي.
٠٤ راتيان ڏينهان روز ڀڏل کي
هردم خيال خدائي.

ڪافي نمبر (١٣٦)

سوز نبي محمد مير دا

عشق عجب هيا، کو رانجهو هير داوي
رب ميلي وڏي ويلي،
سچ سير دا، قسم پير دا دستگير داوي.

١. ڪڏان رانجهو ميڏي پڪي آيا هي
مئن تہ شڪر ڪري سر ني چايا هي۔
پيڙا دل ڪي دام زنجير داوي۔
٢. ڪڏان نال رانجهو دي اڙي هان مئن
ڪڏان پاس ندي دي ڪوڙي هان مئن۔
ڪوئي ڪير پيتم اڪسير داوي۔
٣. ڪڏان يار گداگر گامي هي
ڪڏان تخت هـيا صبحاني دا۔
ڪڏان پوش ڪيس فقير داوي۔
٤. آڪي پيل يـار پـيارا
سانو مل اڇي تون محب سوچارا۔
سانون سوز هيا نبي محمد مير داوي۔

ڪافي نمبر (١٣٧)

سونهن ويکيم سردار جي
آهيان جهي مان تيهي رانجهن يار دي،
الا مان تـہ ميهار دي۔
١. نال رانجهن دي لاوان مان لڌايان
سرڪ پيتم اسـرار دي۔
٢. يـار منهنجي جو صٽ نڪو ثاني
سونهن ويکيم سردار دي۔
٣. رانجهن صاحب صحيح سڃاتم
ديهد ويکيم دالداري دي۔

٠٤ ٻيدل ني آکي گل عجائب
آدم بوه بهار دي،

کافي نمبر (١٣٨)

رانجهن رمز رلائي

مل مبارک ڏيو مونکي جيڏيون رانجهن رمز رلائي هي ميان،
٠١ گل ڳچي ۾ پاتم ڳانا
لوک ماهي دي مارن طعنا،
اڄي کوڙم نينهن نشانا
بي مت عشق منجهائي هي ميان،
٠٢ لڄ حيا مان تہ شرم ستيان
نال رانجهو دي لڳڙي ويسان،
لکيل وٺي امر منيسان
چم خواري من چائي هي ميان،
٠٣ مل سهيليان ڏيو مونکي لاوان
صدق صدق پنهنجي يار تون جاوان،
هر کنڊ لاکر سيند ڳنڊايان
الله آميد پچائي هي ميان،
٠٤ ٻيدل ني آکي ٻانهيان گولي
عشق ماهي دي ڏتڙي لولي،
اندر ٻاهر يار دي ٻولي
بره سو بانگ پڙهائي هي ميان،

ڪلام عمر ماروئي

ڪافي نمبر (١٣٩)

مان مارن جي آهيان

حال وڃي هي چوندس تن مارن کي ويهي
تن مارن کي ويهي،
منهنجي دانهڙي جن ريهي.

١. مان مارن جي آهيان
مارو مٺ هن سي منهنجا،
ڪڏهن سيبائن ڪينڪي
ٻن زيور ٻيا تنهنجا،
جيڏيري ويندس آءٌ شل پکي پنهنجي پيهي.

٢. سک مارن جي سرس آهه
جهڙ جهان ٻيئم جهوڻي،
تن مارن جي سرتيون راهه نهاريان روئي
سي ماروئڙا ٿا وسن،
آءٌ پري ڪيئن پيهي.

٣. پيڙل آکي تن ريءَ حڪيم
آءٌ وري ڪيئن جيان،
ڪيڏي هيءَ قيد منجهون
ڇڏ تون، ميچ هيءَ منٺ ميان،
آيس جن سان ساهه سيباڻا سيهي.

ڪافي نمبر (١٤٠)
گهاريان ڪيئن مان گهڙي

تن مارن ري عمر گهاريان
ڪيئن مان گهڙي
گهاريان ڪيئن مان گهڙي
پيچ تون قيد ڪڙي

٠١ ماندي ماڙهن ۾ آهيان
ڪسئون ڪريان ٿي ڪوڪارا
داغ ابائنا دل تي
هيان ڦٽي تيو ڦاران
ڏيل پريو آ ڏک سان
ڳوڙها ڳل پيا ڳري۔

٠٢ جيءُ ۾ جهوري جن جي
تن ڏي شال وڃان
زهر تيا هن زيور
پانهين پٽ تي پڇان
ڏي تون رضا سان رخصت
وڃان پنهنجي لوه لڙي۔

٠٣ اڪڙيون سانوڻ مينهن جان
روئنڍ پاڇهون نه رهن
تن سانگين ڪي ساريون
نت نت نيڻ وهن۔

بيوس تـي هـان بـنـد ۾
سـڀـي هـان روز رڙي.

٠٤ ٻـيـدل آکـي تـن ري،
وهـن وه مـون تـنـهـو
ڏنـونـس ٻـڌي آهه دردن
ڪـامـل مـو ڪـيـو
جـوش جـلايـم جـيـرا
سـڪ ۾ ويـو سـاه سـڙي.

ڪافي نمبر (١٤١)

پسان پـکا پکياڻا

طلب مارن جي آهه تات، شل ايندا اباڻا
هن ماڙيون هن طول وهاڻا.

٠١ پـرون چـونـديـنـدس پـانـد
پره ڦٽي پريات، پسان پکا پکاڻا.

٠٢ ويهـڪ جن جي واريءَ تي آهي
اثارن اڌ رات، مارن ڀڪر ڀاڀاڻا.

٠٣ اڳـڙا ابـاڻـن انـگ تـي
ڏيه وارن جي آهه ذات، ماڻڪي سيڻي سيباڻا.

٠٤ ٻيدل چوي پسان پيکن کي
وائي اها وات، ڏسان ڏيه ۾ ڏاڏاڻا.

ڪافي نمبر (١٤٢)

سنگهارن جا سور

سنگهارن جا سور جاڳائن ٿا جهٽ جهٽ ۾.

٠١ آڻيا مينهن ملير تي ٻهرن ڪيا ٻور،
ٻيرون چونڊينس پٽ پٽ ۾.

٠٢ ڪٿي آئين ڪوه تون ٻڌم نه ٻاٻور،
چورائي وٺين چٽ گهٽ ۾.

٠٣ آءُ شرع تي سومرا عمرا ڪر نه ڪلور،
لوڙهه لڏينده لٽ لٽ ۾.

٠٤ ٻن هي هند پڊل چوي ٻن کهٽيون کهر ٻور،
ڪه وهن ڪٽ ڪٽ ۾.

ڪافي نمبر (١٤٣)

لا ڪيڏي ٿم لوڏي

نن مارن جا ميان عمر سور وڃن ٿا ساڙيون
پسان پيڳنجون پٽ تي ويڙهيچن جون واڙيون.

٠١ آءُ ڪانگا ڪا تن جي، لنءُ ھائي لات وري
سانگيڙن جي سڪ، روئندي ڪچ پيا ڪري،
دم دم ڪريان ٿي دانهون، گهوڙها ڪل سي ڪاڙيون.

٠٢ رنجايل جي روح ۾ پل پل پور پون
سانگيڙن ڪي ساريون نت نت نمي وهن،
ٻيوس تي هان ٻند ۾، روز ڪريان ٿي راڙيون.

٣. تن مارن سان عمر منهنجا نيڻ لڳا

ساهه سيبائڻ ڪينڪي ٻن تنهنجا وس وڳا،

لاڪيٽي ٿم لوئي، پٽ ڪريان ڦاڙيون.

٤. ٻيدل آکي ٻن پيا تن ريءَ گهر گهٽيون

جهانگيرڙن سان جهنگ ۾ وڃي پيان خوب ڪٽيون،

ڏوٿيٽڙن جي ڏک ۾ مول وٺن نه ماڙيون.

ڪافي نمبر (١٤٤)

پٽ پهريندس ڪينڪي

عمر ڏي موڪل ميان وطن آءٌ ويندس الا

سرتين سان لئين حال ونديندس.

١. ڪڙي هيس ڪوه تي ڪا نه سڻائي ڪل ميان.

٢. پٽ پهريندس ڪينڪي پڪن جي آهه پل ميان.

٣. سهسين منهنجي ساهه ۾ سورن ڪيا ٿم سل ميان.

٤. ٻيدل چوي ميان سومرا چوته جهلين ٿو جهل ميان.

ڪافي نمبر (١٤٥)

عاشق قلم ڪهايا

رڻ ۾ پيئڙن رات عاشق قلم ڪهايا.

١. سرڙو ڏنائون سچ ۾ ان نه هيڙن وات،

تال تاس تپايا.

٢. ميينديءَ رتڙن هٿڙا پره ڦٽيءَ پريات،

ڳاني ٻڌڙا ٻئي آيا.

٣. مچ ٻيدل امر الله جا مارو ستا هن رات.
کهايل گهورن گهايا.

ڪافي نمبر (١٤٦)

ويڙهيچا ڪيئن وساريان

هت نه اهو ئي حال سانگيئڙا ويٺي ساريان.
سور مارن جا ڪنهنکي ڏيکاريان.

١. ڪٿ جي وهڻ جو مرم تو ماري
پٽ پهرڻ جو لقب اسانکي.
لوئي ابائي لعل
سر ڪنبهه سر نه سينگاريان.

٢. روز مارن لئه ڪريان ويٺي ريهان
چاڪ چڪن تا ڦٽ لڪ ويهان،
ساعت پانيان ٿي سال
ڏينهن مان غم ۾ گذاريان.

٣. عمر ابائن ڏانهن قاصد ايندو
ڪيت سنديون ڪلي خبران جوڙيندو،
مارو تا چارن مال
مان ويٺي تن جي راه نهاريان.

٤. ٻيدل آکي ترس نه پيڙه
بيوس آئي بند جو ڪيڙه،
هت نه جيئڻ آه جنجال
ويڙهيچا مان ڪيئن وساريان.

ڪافي نمبر (١٤٧)

ماندي دل تي مري

نن مارن ريءَ عمر، ماندي دل تي مري،
ماندي دل تي مري، ساريون ڳڻ ٿي ڳري.

١. محبت منهنجي من ۾ مارن جي آهه سدا،
ڪيڏي قيد مون ڇڏ تون جنهري ڪرڻ جدا،
دم دم ڪرهان ٿي دانهون، ڳوڙهن ڳاٽ ڀري.

٢. ميخان ماروئڙن جون جان جگر ۾ جڙيون،
ٻن تنهنجا ٻنسر ٻولا ڪين وڻن ٿيون ڪڙيون،
ليمان ڪاري ٻنڌڙا، ويهان ڪيئن ڪري.

٣. مانڪي ماروئڙن جا پل پل پور پون،
ننڊ ناهين ڪا نيڻن چران وري چاڪ چڪن،
ڪ ۾ ڪرهان ٿي سڏڙا، ڏک ۾ تو ڏيل ڏري.

٤. باغ باغيچه، بنگلا مور وڻن نا ماڙيون
پسان پڪن جون پٽ تي ويڙهيچن جون واڙيون،
اندر ڏي تو آڏ مان ساعت ڪين سري.

٥. هڪ جيڏين سان هيڪر وڃي پنهنجي ماڳ ملان،
ڳچھ اندر جون ڳالهڙيون سڀئي سور سلان،
عمر آسيدان آهن وطن تي واڳ وري.

٦. ڏونيڙا وڃي ڏسندس جيءَ گهريا هن جيئي،
جالي آيس جن سان ساه سيباڻا سيئي،
چور ڪئي هان چاڪن مارس ذوق ذري.

٠٧ سبق پيل هيءَ سڪ جو ڪيئن وساريان ويهي،
ڏونيڙن جي ڏک ۾ ڌڪي ني هيءَ ڏيهي،
درد ڏکايا ڏونهان من ۾ تو مڇ پري.

ڪافي نمبر (١٤٨)

لوئي نه لڄايان لعل

ساه سانگن ڪي تو ساري (پلو ساري) روئي ته وڃايم حال.

٠١ قلم قضا جي ڪوٽ ۾ آندس
نت ڪير گهڙيون هت گهاري،
(پلو گهاري) ٻن مڏيون هي مال.

٠٢ درد مارن جي ڪئي ماري دل ماندي
روز ڳاراٿو تو ڳاري،
(پلو ڳاري) جالڻ مونکي ته جنجال.

٠٣ ريءَ مارن جي ٻن گهر ماڙيون
موجھه وڏي هان ماري،
(پلو ماري) ساعت پانهان هڪ سال.

٠٤ پيل چوي پٽ نه پهريندس
سپ ته ويندي سانڍ ساڙي،
(پلو ساڙي) لوئي نه لڄانڊ پنهنجي لعل.

ڪافي نمبر (١٤٩)

وڻن نا ڪيئن وهاڻا

دم دم ياد پون تا اباڻا ٻن هسيون ٻن هار
عمر مانکي ڪيئن سيباڻا.

١. جھوڪ جھانگين جي ڀٽر ٻوٽن ۾
ڪين جالين سي ڪڏهين ڪوٽن ۾،
ٽڙن تــي ڪن ٽنوار
ڀــٽن تــي جــوڙن ڀــاڻا.

٢. روز مارن لڇ جيءُ جکي ٿو
درد جو دل ۾ دود دکي ٿـو،
لـونءُ لـونءُ ۾ للڪار
سوين مانکي سـور سـاماڻا.

٣. ساعت سانگن ريءُ سال ٿي ڀانيان
ويٺــي تن جـي واٽ واجھايان،
ڏٺي نـه ڪندو شـال ڏار
ڏســان وچي ڏيهه ۾ ڏاڏاڻــا.

٤. ٻيل چوي هت ڪيئن مان جاليان
سانگيئڙن کي ويٺي روز سنڀاريان،
ماريو مـارن جـي آزار
وٺـن ڏــا ڪين وهاڻــا.

ڪلام سسئي پنهون

ڪافي نمبر (١٥٠)

ساعت سڄڻ ري ء سال

ڏکن جون ڳالهيون چوندس پنهل کي

اٿم اميد وري ملندو شال.

١. رمز سڄڻ جي دل ريهي

پنهل پڪي منهنجي ايندو پيهي،

صدقو سڄڻ تون مڏيون هي مال.

٢. طعنا تنڪا ماڻهو ڏين مهڻا

پوء اهي ڇاتر ڪري ڳل ڳهڻا،

سي مون سونهن تا موتي در لعل.

٣. مرض محبت جي جو آ ڏي نڪو دارون

هيانء فراقن ڦٽي ڪيو ڦارون،

پلا ڪري پيرو ننڪي ننگ پال.

٤. سرتيون سورن سبق سيکاريم

منهن تون گونگهٽ وري عشق اتارم،

درد لاٿي آٿي دل تي ڌمال

٥. لڄ ته شرم سڀ عشق وڃايم

ڪيچ ڪشالو پرين پند آيم،

پيهڻ پنهور ۾ مونکي آه جنجل.

٦. موهيو ٻيڙل کي موڻي عشق اوهانجي
چور کئي دل طلب توهانجي،
ساعت سڄڻ ري، پانيان سال.

كافي نمبر (١٥١)

پنهل هل پرچي!

پنهل شل پرچي آلا
پاروچل پانهي، سان.

١. کهوريان سئون کهوٽ جي
سال منئون خرچي آلا.

٢. ساڙ مدي، تي مصطفي
کهوٽ تنهنجي گهر جي آلا.

٣. سام نه پرتي، سيدا
ولهي، تي در نمي آلا.

٤. پاروچل وٽ ٻيڙل چوي
سو سر سمي ترجي آلا.

كافي نمبر (١٥٢)

قابو کوهياري کيو

عشق نتو ڏي آرام
پره پمراگهن هئي آهمان.

١. هوت هٿي وير هٿ سان
من ۾ مسخ مدام.

٢. قابو کوهياري کيو
وجهي لنؤ لنؤ ۾ لغام.
٣. نينهن نهوڙي ناڙ کيم
تن کي وڻي نہ طعام.
٤. هنڌي ساه سڌير ٿيو
پرين جو پيغام.
٥. سک پڻيل سي سدا
کولو آهه غلام.

کافي نمبر (١٥٣)

آيو ٻاروچل، آيو

آيو ٻاروچل، آيو جنهن رمزن روح رڃهايو.
١. سک پرين جي ساه ۾
سو تان هاديءَ هوت ملايو.
٢. راتيان ڏينهان روح کي
طلب، اوهان جي تايو.
٣. ڏونهان درد ڏکايا
سو تان محبت مچ مچايو.
٤. سهان سهڻي ساه کو
سو تان جارون ڀار جاڳايو.
٥. لڳو ٻان ٻڌل چوي
سو تان کهور پرينءَ جي کهايو.

ڪافي نمبر (١٥٤)

وڙهندس

وڙهندس ور پيلي سيپ بر
پنهل توڻ پاڻ مان گهوريان.

١. ساري دردن ڪيس ساندي
پچايان مان يار جا پانڌي،
وره ڪون وار ناهيان واندي
ڪپي سرهيءَ ڪلهن تون ڪوريان.

٢. ڪاڪيون ڪيچ ڏي ويندس ڪاهي
سورن جو سندرو ساهي،
ڇپر ڇو ولڻ مانکي چاهي
سليو ڏک ڏاج تني ڏوريان.

٣. پڪي منهنجي پنهل ايندو
ورتيون هي نال نماڻي نيندو،
دلاسا يار اچي ڏيندو
ڇرخو تنهن يار لئه ڇوريان.

٤. آڪي پيل گهٽيءَ گهاريو
وڇوڙي يار جي ماريو،
سورن منهنجو ساه بيڪاريو
هنئون جو حال ڪنهن سان اوريان؟

ڪافي نمبر (١٥٥)

جانب جام پلايو

ڏاڍي نينهن پنهل مون سان لايو تو
لايو تو، ٻره ٻچايو تو.

١. ستي پيئي هيس سيج پلنگ تي
جاڳون يار جاڳايو تو.

٢. شوق محبت جون ڇڪن ڇيڙيون
ناچوءِ جان ته نچايو تو.

٣. يار بيدل کي روز ازل کون
جانب جام پلايو تون.

ڪافي نمبر (١٥٦)

ڪاي در دري

سڄڻ ريءَ نه سري ڪا پينر هن نه نپور م.

١. دردن دود دکايا
اندر آگ ٻري ڪا.

٢. محبت منهنجي من م
ڪج نه ڏول ڏري ڪا.

٣. سهان سمهن نه اچي ميان
چاکن کيس چري ڪا.

٤. لنؤ بيدل کي لعل ڪيو
ڪنلاني دل دري ڪا.

ڪافي نمبر (١٥٧)

ڳھاريان ڪيئن گھڙي

ڳھاريان ڪيئن گھڙي ڪا پنهر هن پنهور ۾.

١. دل تہ دلبر يار سان اوچتي ئي اڙي ڪا.

٢. سور پچو ھا سرتيون لحظو ھت لڙي ڪا.

٣. ميخ محبت جي من ۾ اندر ۾ جڙي ڪا.

٤. دل ٻيل داڳھون ڪري سورن منجھ سڙي ڪا.

ڪافي نمبر (١٥٨)

ڇڏي ويا ڇھر ۾ چوري

ور ڏي ويندس منهن نہ متيندس

پنهر پنهور جون ڳھوري ڳهر ماڙهون.

١. جيڏيون جتن مونکي ڪين جاڳايم

سفر سورن جو سر تي آيم،

ڪيچ ڪاهيندس لڪ مون لتاڙيون.

٢. جيڏيون سرتيون چو تيون مونکي جهليو

چپ ڪيو چوڻ ڪون پنهنجو پاڻ پليو،

هول هڏا انهن وچي ٻت پاڙيون.

٣. ڪاڻ پروڻ زهر ني پانيان

حال اندر جو ڪنهنکي ٻڌايان،

عشق ڏنيون آٿي ٻاري ڪي آماڙيون.

۴. ننڍڙي نيڻن کي ڪين اڃي ٿي
عشق جي آتش من ۾ مچي ٿي،
سور سڄڻ جا وڃن نا ساڙيون.

۵. جي ۾ پيل تہ جن جي جهوري
هيڪل ڇڏي ويا ڇپر ۾ ڇوري،
روز رڙان ٿي ڳوڙها ڳل ڳاڙيون.

ڪافي نمبر (۱۵۹)

ووڙيندس وڻڪار ۾

ورلئي ڪندس وس يار لهندس لعل لڪن مون.

۱. انگ لکيو منهنجو اکين
آهه ڪين ميٽيان مس.

۲. ووڙيندس وڻڪار ۾
ڏيهہ ڏيندو مانکي ڏس.

۳. ڪاهيون ويندس ڪيچ ڏي
وڃي ڪورن جو ڪس.

۴. اينڌو هاروچل پيل چوي
پوندس ڪو شال ترس.

ڪافي نمبر (۱۶۰)

عشق آريءَ جو

سڄڻ تون ساهہ هي ڪرنيون
ڪري آهہ ڪهور ڪهوريندس.

١. ڇڏي سرتيون سيئي سانگا
ڪاڪيون آءُ ڪيچ ڪاهيندس،
پنهل جي ڪاڻ ڪري پنڌڙا
وڃي آءُ ڏيهه ڏوريندس.
٢. سمهي سڀ ساهه وٺو سرتيون
وڇوڙي يار جي ماريس،
سٽي سڏڙا ايندو عربي
وڏهي پنهنجو حال اوريندس.
٣. بيدل ڪي عشق آريءَ جو
ازل ڪون هو اڳي جنڊيون،
پانهي گولي تنهنجي در جي
منهڙو مان ڪين موڙيندس.

ڪافي نمبر (١٦١)

عشق ڪئي اثباتي

رمز روح رتو ڙي رتو ڙي
خان پنهل جي جنڊيون.
١. درد سڄڻ جي ڪا دل منجهه ديرا
جوش جلايم جنڊيون جيرا،
پلو من م مچ متو ڙي متو ڙي.
٢. ڪ سڄڻ جي ير شور مچايو
ناچوءَ وانگر پوهه نيڻهن نچايو،
پلو ڪاڪيون، قرب ڪتو ڙي ڪتو ڙي.

٣. راتيان ڏينهان اندر اداسي

ٻر جي ڪاڻ مان گهڻو تہ پياسي.

ٻلو پرت آهيان پتوڙي.

٤. عشق ٻيل مان ٻر ڪئي اثباني

ظاهر ظهور تيو ذوق ذاتي.

ٻلو وره وڪوڙي و توڙي و توڙي.

ڪافي نمبر (١٦٢)

پيچ پنهل سان

ڏيهه ڏيندو مانکي ڏس ڏيرڻ جا

ڪيچ ويندس مان بي ڪاهي ڪاهي.

١. راتيان ڏينهان اندر آدامي

ماه سڄڻ ڏي ساهي ساهي.

٢. ويندس رهندس ڪينڪي

لاڳاپا سڀ لاهي لاهي.

٣. لنؤ جو لڳي يار روز کون

پيچ پنهل نسو سان آهي آهي.

٤. عشق ٻيل آه جن کي اندر ۾

تار ترڻ تن کي چاهي چاهي.

كافي نمبر (١٦٣)

ٻولي ٻاروچل جي

لونءِ لونءِ منجهه لڳي ڪا ٻولي ٻاروچل جي.

١. تار طلب جي تن ۾ وحدت سان وڳي.

٢. هلوتهءِ ڪاهيون ڪيچ ڏي پيهر ڪيو نه پڳي.

٣. چوري چاڪ چريءَ جا دلبر دل ٺڳي.

٤. دل ٻيدل جي دلبر دردن منجهه دڳي.

كافي نمبر (١٦٤)

هنڌڙي ۾ هولي

ٻاروچي ٻولي ڙي يار سيڪارئم سورن جي

١. ڪٺندس پيهر پنهل جو ڳوڻن ۾ ڳولي.

٢. ڏٺي ويا ڏير ڏکيءَ کي ڏونگر جي ڏولي.

٣. پورهيت ڪٺندا پاڻ سان گڏيندا گولي.

٤. اٿمي ٻهر اندر ۾ هنڌڙي ۾ هولي.

٥. سڪ ٻيدل کي سيدا پاڪ پسان ٽولي.

رسول الله صلعم جي ياد ۾

(نوٽ :- جيتوڻيڪ فقير صاحب جو ڪلام گهڻو ڪري سڄو پاڪ پيغمبر صاحب جي محبت سان ڀريل آهي ۽ هنڌين ماڳين رسول عربيءَ ڏانهن قرب ـ انتا ۽ سڪ ڀريا اشارا ٿيل آهن، تہ بہ هن هيٺ ڪي خاص ڪلام ڏجن ٿا. هن ڪتاب جي صفح ٦٠ تي ڪلام نمبر ٩٣ ڊ.. هيٺين ڪلامن سان گڏ پڙهڻ گهرجي. صفح ٦ تي ڪلام نمبر ٨، صفح ٨٩ تي ڪلام نمبر ١٣٦ ۽ صفح ٨٨ تي ڪلام نمبر ١٣٤ بہ ساڳئي مضمون جي متعلق آهن. صفح ٩٠ تي ڪلام نمبر ١٣٧ ۾ بہ جيڪس اشارو حضرت صاحب، جي ڏانهن ڪيل آهي.)

ڪافي نمبر (١٦٥)

احمد من

ناز تيڏي دل نهوڙي

من ميڏا مستان آ،

١. مان پانهي تون ساءِ ميرا

سر تو تون قربان آ،

تو ڏني ماڻڪي عيد تي

لک پيرا شڪرانہ آ.

٢. تنهنجي ملڪ لڳ يار ماندي
ڪري گھڻو حيران آ.
بلبل جان بت بيراڳي
درس دل ديوان آ.
٣. سر سونهن پوشاڪ تنهنجي
سا موتي مرجان آ.
شمس قمر کي لڄائي سونهن تنهنجي صبحاني آ.
٤. بيدل آکي احمد من
رب تي ايمان آ.
جاڏي تاڏي يار جو
نعرو سو نشان آ.

ڪافي نمبر (١٦٦)

سونهن پريو سردار
آيو اڱڻ منهنجي يار
جند گھوري آه نبيءَ جي نانوَ تون.
١. اڱڻ آيو عمدان تيون
دوست ڪنديو دلدار.
٢. ويڙهي اسانجي تون واڌايون
گھڻيءَ گھڻيءَ گلزار.
٣. حامي هميشه هوت بيدل تي
سونهن پريو سردار.

ڪافي نمبر (١٦٧)

هاديء حق فرمايو

سيد آئي پار پڇايو

جيڏيون جانب پاڪ ڪري آيو.

١. خير خوشيون تيون ملي واڌائي

روشن ٿيڙا نور الاهي،

پاڪ پيغمبر ني پڳ ني آئي

هادي حق فرمايو.

٢. آهي اسان نون خوف نہ ڪوئي

پڙهيوسي ڪلمو وڃو ڪفرسيوئي،

محمد ضامن آهي سيد سوئي

سرتاج ني سمايو.

٣. رڳان پڙيل جون تن جون تاران

الف ميم پڙهن اختياران،

وچ سيني دي تيان باغ بهاران

گلن جوڙ بنايو.

ڪافي نمبر (١٦٨)

ويو معراج تي جاني

سيد ني راز تيو رب جو

ويو معراج تي جاني،

٠١ نڪو سچ هو نڪو چنڊ هو
نڪي ڪتيون نڪي تارا،
هيو آدم ڪون ٻيو اکيين
نبيﷺ جو نسور نوراني.
٠٢ سچي رب پاڪ فرمايو
مينون ڪا بات ڀولايو،
سڻايس يار رسول الله
آن تحمات نيشاني.
٠٣ حضرت پير اچي حب ؒ
قدم سردار جو چايو،
پيرن ؒ پير آه پترو
قطبي غوث صمداني.
٠٤ آکي پڏل روز ازل کون
لڳي مونکي تار آه حق جي،
اني ديکيا مٺن بي دلبر
پيي سا پاڪ پيشاني.

ڪافي نمبر (١٦٩)

سڪان تنهنجي سڪ ؒ

سڪان تي ڏينهان رات سيد تنهنجي سڪ ؒ.
٠١ ڪانگل ڏني آئي وڌائي پره ڦٽي پريات.
٠٢ روز ازل کون اصل اسانکي ڏک ڀرايو ڏات.
٠٣ يار پڏل وٽ توڀهڳن ٻولي سوئي سپاجهي لات.

ڪافي نمبر (١٧)

يار ِنور الاهي

يار اسان دي گهر آيا هي
جنهن دل دا دور ڪرايا هي.

١. يار اسان دا نور الاهي
وحدت دي جنهن ڳالهه الائي،
ساري اُمت سڀ شڪر ۾ آئي
محمد ضامن چايا هي.

٢. يار اسان کون ڏار نه ٿيندو
ڏال نمائي ڪڏ ڪڏهندو،
ائمن اسانکي ڪين ڇڏيندو
بار باريءَ سر چايا هي.

٣. يار پيڊل سان رمز رلائي
پنهنجي اچڻ جي ڪئي ڪايلائي،
تنهنجي ملڻ جي آهه سڪ سدائي
پيالا خوب پلايا هي.

ڪافي نمبر (١٧١)

ادا قاصد، ڪجاڻ زاري

آدا قاصد وڃي چئجاڻ
منهنجي هيءَ دانهن دلبر کي.

١. سڄي دانهون منهنجيون ميچ تون
کڻي خط هيءَ آني وچ تون،

چوان جيئن مان نيئن چئہ تون
ستي هيءَ سوال سرور کي.

٢. منهنجي پارون کجانءِ زاري
پاڻي ڳل پاند ڳچيءَ ڳاري،
چئجانءِ پرين کي هيءَ خبرساري
مديني جي مير منور کي.

٣. ٻيل کي سوز ٿو ساري
ڳوڙها نت روز وہنو ڳاري،
چکڻ مون يار اچي چاڙهي
پوندي شل پاڄهہ پرور کي.

ڪافي نمبر (١٨٢)

هنڊڙي ۾ هولي

تنهنجي عشق ڏني آهي مٺي ماڪي لولي.
ور محب مٺيءَ جا سچا ڪرڪاسولي.

١. جان تان مٺيءَ ۾ لک ٿي مدايون
آئي مان اوهان ڏي پاند ۾ پايون،
پنهنجي اچڻ جو ڏي کي واڌايون
تنهنجي ملڻ ڪاڻ ڳلين ني ڳولي.

٢. تنهنجيون محب ميارون منهن گهڻا مانڊي
پرين پاڻ سڄاڻ ڏس نہ اسان ڏي،
هيءَ ساه اٿم ساڻ دلڙي توهان ڏي
آڻ ٿئ اندر ۾ پسان پاک ٽولي.

٣. اسان تي اچي جي ڪرڪاستاري
تنهنجن دوستن دردن جند هي ڪاري،
روئي تي روز گهڻو وس نه وچاري
اٿي پهر اندر ۾ هنڌڙي ۾ هولي.

٤. هن تان بيدل ڪي سورن سيڪاريو
تنهنجي عشق عجيب آئي آڏاريو،
ڏکان تي تنهنجي تار سگهه نه وساريو
اصلئون اوهان سان پانهپ جي هولي.

ڪافي نمبر (١٧٣)

دام پيا دلدار دا
جادو لڳڙا يار دا
گيا هوش عقل ڪم ڪار دا.

١. جادو جانب روز چلايا
چم چم ڪر ڪي جوڳي آيا،
جوڙ ڪيتس جنسار دا.

٢. ڪ اندر ۾ سرس سداءِ
دلبر منهنجي ڏس جو لائي،
دل ڪي دام پيا دلدار دا.

٣. وچ سيني دي صاحب وسندا
دل بيدل دي هر هر کسندا،
ڪوئي سوز هيا سردار دا.

ڪافي نمبر (١٧٤)
اڱڻ مهتاب ٿي آيو

جڏهن لنهن تي ڏولڻ لايو
ڏسڻ مونکي خواب ٿي آيو.

١. صفا ٿي جان ڏي ساري
ڪئليو آهه چنڊ چوڌاري،
اچي ٿيو يار اعتباري
اڱڻ مهتاب ٿي آيو.

٢. ڀتي ۾ سرڪا سچ جي
لڳي آئي آگ ڪا اڳ جي،
هٿي ويو ميخ محبت جي
اڏيون منهنجو آب ٿي آيو.

٤. ڏٺو مي دوست منهنجو دلبر
صورت جو صاف هو سرور،
لنگهائيندو يار مون پرور
امت جو ارباب ٿي آيو.

٥. بيدل من خيال ۾ خوش ٿيءُ
لنگهي وڃي مرد ٿي ڪئي پيءُ،
ڀتنگ ڀڙ ۾ سڙي سچ ٿيءُ
ميني ۾ ثواب ٿي آڏيو.

ڪافي نمبر (۱۷۵)
سگهو مل سردار

دلبر تو ڪون ڏار
ڏکيا مان ڏينهن گذاريان.

۰۱ سڏڙا ڪريان ٿي سڪ مون
نيڻن وهائو نار،
ڪوڙين وٽي ڪانگ اڏاريان.

۰۲ ورتيا پانڌيئڙ سڀ ٿي گهرايان
پڇان پوٿي دار،
راتيون تنهنجون روز نهاريان.

۰۳ پرچ پرين ڏس پاڻ ڏي
مون م حرف هزار،
آرزيون وٽي عرض گذاريان.

۰۴ سڪ پيدل ڪسي سيدا
سگهو مل سردار،
سدا وٽي توکي ساريان.

ڪافي نمبر (۱۷۶)
نبي گهر آيو

اگهه نه سونهي هيس سور جي واقف
محبت مچ مچايو آه،

۰۱ قدرت نون قربان وڃان مان
سالڪ ملڪ بنايو آه،

٢٠ شڪر ڏنو سي جيڪي جاني
آل نبي گهر آيو آه.

٣٠ عشق ٻيدل کي ڪئي اثباني
رمزن روحڙو رچايو آه.

ڪافي نمبر (١٧٧)

ماڙ ڪڄائن ڪا محمد ميرِ

آهه ادا قاصد پر ڏهون آئين
مٺيءَ ڏي اچڻ جي هين اڪير؟

١٠ اکڙيون امالڪ اني وڃي اڙيون
درد سڄڻ جي لائيون ڏڙيون،
نيڻين وهن ٿا نديون ۽ نير.

٢٠ تنهنجي ملڻ لئي ڪريان وڃي حيلا
ڏي ڪو دلاسو ورج وسيلا.
تنهنجي آمن سان چنندا آسير.

٣٠ هيان ۾ فراقن ڦٽي ڪيون ڦاڪون
نينهن لڳو هو نينڊڙي لاڪون،
توڙئون لکي هئي اٿمن تقدير.

٤٠ هن نه مٺيءَ کي ياد ڪيائون
سل سڄي ڪر ڇا ڇا ڇيائون،
ٻول ٻڌان من ٿئي ساه سڌير.

٥٠ آهي ٻيدل کي سڪ سدائي
اصل اوهان جي وحدت وائي،
ماڙ ڪڄاڻه اچي محمد مير.

ڪافي نمبر (١٧٨)
شافي محمد شاه

عاشق اچن سر سٽيون
تن من ۾ لڳي تار جن کي.

١. من پنهنجي جو مدئي مارون
جوان ڏيئي جنگ جهٽيون،
منجهه ميدان تا مرڪز مانجهي
بره جي بازي کٽيون.

٢. روشن ريت آه راحت جن جي
قرب هاديءَ جي ڪٽيون،
لوڪ ساري جا جهيڙا جنيون
سور وارن سر سٽيون.

٣. دل جون تاران دوست پنهنجي ڏي
هرگز ڪين هٽيون،
منجهي نشي مخمور ڦرن ٿيون
پين وحدت واريون وٽيون.

٤. رهبر مرشد راهه پڌل ڪي
گهير لنگهايون گهٽيون،
شافي آه محمد شاه اسانجو
ويندو وڪر سڀ وٽيون.

ڏوهيڙا جوڳين بابت

١. جي ڀائين جوڳي ٿيان آءُ چلي ۾ چوگان
ساهي ٻنڌج سڙ تي سورن جا سامان
مري پڻ تہ مطلب تيئي ائين فرمايو * فرقان
ٻي ڀولي ٻولج ڪانہ ڀنا اسم الله جي.

٢. جي ڀائين جوڳي ٿيان تہ رک من ۾ مئائي
ماري من مٽي ڪري وڃ خوديءَ کي ڪاٽي
پوءِ سڄڻ سدائين آءُ دلبر تنهنجي دل ۾.

٣. جي ڀائين جوڳي ٿيان تہ لنؤ سڀاجهي لات
پنهنجو پاڻ پري ڪري ظاهر ڪر تون ذات
ڏينهان ۽ رات وٺهي اور ڏ تون الف سان.

٤. جي ڀائين جوڳي ٿيان تہ دل جي کول دري
دوئي جي ديوار کي طالب ھڻ ڏري
ملامت جي مٿي تي چڪي ٻند پري
پڻ تون مرد مري محبت جي ميدان ۾.

٥. جي ڀائين جوڳي ٿيان تہ ڪر ڏڙ سيءَ ڪون ڏار
راتيان ڏينهان رب کي ڪر پلپل پوڪار

---

* قرآن شريف

هو جو حرف هٿ ڪري لون لون ۾ لغارا
الستي اقرار وچي پارج پرين سان.

٦. جي پائين جوڳي تيان ته دوڙي وڃ دڳ
هو جو رازق رب رحيم آهه تار تنهين جي تڳ
عربي احمد ڄام جو سهي سڏائج سڳ
پئي تنهين جي لڳ جو اگهاڙن انعام ڏي.

٧. سور مڙيئي سور پر سور نه سلڪ جهڙا
سون کي تنهن محبوب جا پل پل پون پٿور
گهائي وڏو گهور هاروچل جي پڇل ڇوي.

٨. جي پائين جوڳي تيان ته بار ملامت کڻ
ڪپائي خوديءَ جو وڍي ڇڏ جاءِ وڻ
پيهي وچي پاتار ۾ ڄاڻيو ڏانهين ڇڻ
پوءِ نانگا نعرو هڻ ظاهر ذات صفات ۾.

٩. جي پائين جوڳي تيان ته وهه محبت پائي من.
* فاذڪروني اذڪرڪم انهين آتو عجيبن
وڏيون وحدت جون پري توکي ڏوڙا ڏاڻ ڏين
ڏهاڙي ڏڻ جون پيون اکيون عيدان ڪن
بي بولي ڏيئي هن ويهي اور الف سان.

١٠. جي پائين جوڳي تيان ته سامي سک صبر
ڪڍي ڇڏ قلوب مان ڪينو ۽ ڪبر.

* تون ياد ڪر مانکي مان ياد ڪريان توکي.

محبت جي ميدان ۾ گهور ڪري تون گهر
ڇڏي صدقو ڪرين سر تـڏي پسين پر ڪي.

۱۱. جي پائون جوڳي ٿيان ته صفا ڪر سينو
درس ڪيڏي ڇڏ دل مون ڪبر ۽ ڪينو
دائم وسي تـنو دل ۾ رانـجهن رنگينو
مـن مئون مدينه مري پڻه معلوم ٿي.

۱۲. جي پائين جوڳي ٿيان ته سڪي ٿيءُ تون سوڪ
ائين پڇائج پاڻ کي جيئن ڪرُ ۾ پچي ڪوڪ
مـن اندر محبت جو طالب رکج طوق
توڙي چڙهو چوٽي لوڪ ته ٻه مڙج نه منصور جان.

۱۳. جي پائين جوڳي ٿيان ته صحي پاڻ سـڏار
آئيون آب اکين مون جر جهجهو تون هـار
ڪن اکيون قابو ڪري ڪاڏهن ڪين نهار
ڪيج پيچ ڪنهن سان ڪينڪي گولو ٿي ڪ ذار.

۱۴. جي پائين جوڳي ٿيان ته ڪيڏ قلبئون ڪاڻ
روح ته پنهنجو رب سان وحدت ۾ تون واڻ
جاڏي راه رسول جي طـالب تـاڏي تاڻ
اندر ڪي آجرو ڪري من ۾ موجان ماڻ
رک تن سان روح رهاڻ جهڪي واقف انهيءَ واٽ جا.

۱۵. جي پائين جوڳي ٿيان ته هـڙه بره سندو ٿي باب
وڃائج وحدت سـمن اندر روح ربـاب

لاهي سانگا ساه جا کسي ٿيءِ کباب
اٿي عين ثواب سر ڏي انهيءَ سوز ۾.

١٦. جي پاڻين جوڳي ٿيان ته سک رندن واري رهت
جنهن سان پسين پر کي اها نا ميان سکج نيت
پيالو پيءُ پريت جو پڪي کر پريت
کري من مسيت پڙه نمازان نينهن جون.

١٧. جي پاڻين جوڳي ٿيان ته اڏيءَ تي تون آءُ
سوريءَ سر سڌو کري جهل گهور پريان جو گهاءُ
خوديءَ کي تون کاءُ ته ملٿي پاروچو ڀڙيل چوي.

١٨. جي پاڻين جوڳي ٿيان ته روح نه ٻي در رول
و نحن اقرب ويجهڙو کوهيارو تي کول
ماري من مٿي کري ڳجهو ويهي ڳول
دل جون ديدان کول ته اچٿي بوءِ بهار جي.

١٩. جي پاڻين جوڳي ٿيان ته مري پاڻ ملهاءِ
سي ڌڙ کان ڌار کري کوپا کنڌ کپاءِ
ڀاري باه بره جي دل ۾ دود دکاءِ
تن ۾ تاران لاءِ ذکر ذاتي ذوق جون.

سسئيءَ جا بيت

١. سنجرندي سورن جي پهريائين پوشاڪ
جان ساماڻي سسئي چڪي پنڌڙس چاڪ
بره هڻي بيتاب ڪئي، ڪيس ڦيري ڦٽ فراق
دل ڦاڙيون دانهون ڪري پيا آيِ ذرن آفلاڪ
پرور ڏٺي پاڪ هنڪي ميل هاروچل پيڇل چوي.

٢. صبح جاڳي سسئي هو سنجهي ويا سرڪي
لڳس هاڻ هروچ جو وٺي جهوريءَ ۾ جهرڪي
سا پنجي پٽيءَ تي، ڪري ڏول بنا ڏيرڪي
سورن جي سرڪي پيتائين پنڌڻ ۾ پيڇل چوي.

ستن ڏينهن جو بيان

١. چنڊي چنڇر ڏينهن ڪي وينڪس جوڙيا وار
سڏي ۾ سڏڪا پيري پر لئه ڪيڏي پار
پٽي روئي پنڌ ۾ پوري لئه پيتار
سونهارا سردار هن ڪي ڪاهي ڪيچ رسائين.

٢. آئي آچر ڏينهن ڪي تي منجهان خيال ڪڙي
هوت نه ڏٺائين هنڌ تي هيس جنهن سان جيءَ جڙي
قل هو الله کهي ڪري هن ساري سٽ پڙهي
اوري ڪين اڙي، وٺي کهندي ڪيچ ڏٺيءَ ڏي.

٣. سنيري سومر ڏينهن کي ڪيائين کهور کهٽي
بيٺي ڪين پنيور ۾ هلي هيڪل هڪ جٽي

هن کي ڦٽ فراق جي ڪيو حيران هٿي
رضا منيائين رب جي جيڪا واحد ڪئي نه وٺي
ميلين شال ڏٺي هن کي ٻاروچل ڏيل چوي.

٤. هڪ ڏنا هيس ساه ۾ اڱاري اڌ مات
جاڙئون جاڳي جل ڪري هلي ورلڻ وٺي واٽ
هڪڙو جهولو جهنگ ۾ ٻي اچ آني اوساٽ
ٻتوڙي ٻيرن سان ڪيائين جبل هڪڙي جهاٽ
اس لنگهي ٻٺي لاٽ ڏولاوا ڏونگر جا.

٥. اٺين اربع ڏينهن کي ڪيائين سچيءَ دل سان سوال
جانيءَ ريءَ جهان ۾ مونکي جٺڻ آه نه جنجال
ڏيندس ٻاه ٻنيور کي وٺندس مڏيون ساڙي مال
معلوم نوکي مصطفيٰ هن هيٺيءَ سندو حال
ڪر ٻلايون ٻال مداهون ميٺي ڏٺي.

٦. ٺي ڪڙي ڏينهن خميس جي، ٺيس البت روح اُداس
ريءَ قربين ڪانه هجي توڙي ٻلنگين لائي ٻاس
ڏاريءَ سندو دل ۾ کونه ڪيائون قيالمن
هاڻ ڪاهيندس ڪيچ ڏي توڙي مرون ڪاٺن ماس
سندو لوڪ لباس وٺي ڪين وجود کي.

٧. ڏيٺي جذبو جمع ڏينهن کيِ نرتئون هلي نار
سا ويهي ور ۾ ڪينڪي آڇيس ڪين قرار
مڻ صفائيءَ ساه جي هن کيِ بر ٿيو بازار
لکيس ٻاڻ ٻروچ جو ٻٻس جيءَ جسي ۾ جار
ڪامڻ سا نه ڪنوار ٿي رواني روه ڏي.

سائينءَ پيدل ۾ چيل

لولي سر (لوڙائو)

١. اول نام الله جو آهي ڪل ڪون قرار
خاصو دوست خداءِ جو آهي مرسل موچار
چئن يارن جو چت ۾ لنؤ لنؤ ۾ لار
حسن مير حسين تان مان سر گهوريان سار
لهي مونجهارو دان ڏئين دستگير تون
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!
سيد آءُ سگهو، چڙهي ماڻو مسڪين سان
مرسل مل سگهو.

٢. پيش لڳي هان پر جي سينو نئي ساهيان
قالو بلي جي قول جو ڪج ويٺي ڪيان
اصل ڪان آهيان پيدل پاروچل سان
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

٣. جادو هنيون جان ۾ جانب تو جوڙي
ورتو آهي واسينگن جان تنهنجي ور وڪوڙي
نينهن تو نهوڙي، محبت ماري آهيان
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

٠٤ موت ته ملئون ڀاڙهر خوش ڪيون ته خيال
تو سان ناتو نينهن جو لڙه لڳي نيس لعل
ساءِ لڳه سوال اگهي در الله جي
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

٠٥ تاڪون سڪ سرير ۾ جاڪون چايس چم
سودا تنهنجي سڪ ۾ ڪار نه وڻي ڪم
دير نه گهرجي دم مل ته ماندائي لهي
تون آءُ سگهو شل راضي رب ٿيندو!

٠٦ تنهنجي سڪ سرير ۾ ڪوڙها نغارا نيشان
هٿ ڪٿي هڪلان ڪريان مان ته زاري سان زبان
الله لڳه امان سيد ڪڇجو سات سان
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

٠٧ نينهن تنهنجي ناچوءَ جان شوق پڌيءَ ته شير
وڃي ٿي روز وجود ۾ بره تنهنجي جي پير
دلبر وجهه نه دير متان مان مري وڃان
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

٠٨ اٿئي پهر عجيب جو اٿم اوسارو
سر سڄو صدقو ڪريان مان سيد تون سارو
اپڙهو آه تارو عربي اوٺ امت جـو
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

٠٨ درد ونديءَ جي دل ڪي يار دلاسو ڏيندو
محب سداين جو ڏک اڇي ڏکيندو

ئـال وٺي نيندو آهي ننگ نبيءَ تـي
تون آءُ سگهو، شـل راضـي رب ٿيندو!

١٠. دل ته توکي دلبرا منهنجو ساهه گھوساري
ناقص نـماڻي کـي وهه نـه وساري
من وڌو سـاري منڊ هڻي محبت جو
تون آءُ سگهو، شـل راضـي رب ٿيندو!

١١. ڪنهنکي سليمان سور جون ڳجهون ڳالهيون
روئان ٿي رت ڳاڙهون سائين توکي سنڀاليون
ڪـڏ پرين جاليون جهٽ نه جدائي تي
تون آءُ سگهو، شـل راضـي رب ٿيندو!

١٢. سچي ڳڏئين سامهون عين اکيون چائي
ديدان ديدن سان ڳڏيون تنهنجي گهور وڌو ڳاڻي
وڌو قاسائي دل نه منهنجي دام ۾
تون آءُ سگهو، شـل راضـي رب ٿيندو!

١٣. جيڏيون اٿم جيءَ ۾ گهور پرين جو کهاءُ
سو دل سگائٽيءَ جو سگهو لهج سماءُ
تو لڳه سڪي ساهه ڏيم دلاسو دل کي
تون آءُ سگهو، شـل راضـي رب ٿيندو!

١٤. جيڏيون جانب يارجي اٿم جيءَ اندر جهوري
ڏيٺي وٺو ڏاج ڏکن جو مونکي ڏکم ٻڌي ڏوري
لڱؤ لڱؤ ۾ لوري تنهنجي اٿم توڙ کون
تون آءُ سگهو، شـل راضـي رب ٿيندو!

١٥. جڏهن جانب يار ري؛ ڪم نه وٺي ڪار
سرڪ ڏيئي سورن جي جيءَ وجهي ويو جار
گڏ ٿي ڏينهن گذار ڪي تون يار کيل جا
تون آهه سکو، شل راضي رب ٿيندو!

١٦. جڏهون جانب يار آه منهنجي جيءَ جو جيا پو
ڪونهي ڪوهيارل سان منهنجو سڱ نه سيا پو
تو سان ميلاپو خاوند ڪندو خير سان
تون آهه سکو، شل راضي رب ٿيندو!

١٧. چڪي روز چڙيءَ جان تن ۾ تنهنجي تار
سودا تنهنجي سڪ ۾ نٽين وهايم نار
دلبر ٿيءَ نه ڊار گل لڳي ڳالهيون ڪريو
تون آهه سکو، شل راضي رب ٿيندو!

١٨. روز گهٽي اٿم روح ۾ طلب توهانجي تات
ڏينهن نه سارو ڏک ۾ سڪان ساري رات
پره ڦٽي پرڀات اچ ته اميدان پڄن
تون آهه سکو، شل راضي رب ٿيندو!

١٩. روز گهٽي اٿم روح ۾ تنهنجي وحدت سان وائي
مون سان هج منهنجا پرين سهڻا سدائي
هاڻي جدائي ور تہ وڇوڙو لهي
تون آهه سکو، شل راضي رب ٿيندو!

٢٠. ميخان سي محبت جون اندر جيءَ جڙيون
ڪڏهن آ ڪلن ڪيڏي جيڪي ڪاريگر ڪڙيون

من ۾ روز مڙهيون جيڪي هٿ سان هوت هٽي ويو
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

۲۱. جانب جاڳائي وٺين پاڻي جيءَ اندر جهاتي
مارڻ آئين مٺيءَ ڪي ڪٺي ڪهڻ جي ڪاتي
دل توسان ڦاٿي ڪسڻ مان نه قبول ڪيو
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

۲۲. اڄ تون ناڻءَ الله جي سوڏل ڪين سڪاه
دل ۾ درد فراق جا من ۾ مچ متاه
بره تنهنجي جي باه جيءَ اندر جهڙڪاڏئي
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

۲۳. اڄ تون آسر ونديءَ ڏي ٻه ٽي ڀير ڀري
دام ۾ دام وجهي وٺين ماڻ ريءَ مري
ڳهوريان ڳهور ڪري سر تو توُن صدقي ڪريان
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

۲۴. ائين آهي سڪ سرير ۾ جيئن برسي ساوڻ مينهن
وجهي وٺين پيچ پريت جا تنهنجي ڦاز نهوڙيس ڏينهن
ڏکن سندا ڏينهن گڏ تي يار گذاريون
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

۲۵. سوڍا تنهنجي سڪ ۾ لنگهيا مهينا ماه
ڪنهن ڪي سٺايان سور جي دلبر توريءَ دانهن
ڀانهي سندي ڀانهن ڀر ورتيون وڃ ڀاڻسان
تون آءُ سگهو، شل راضي رب ٿيندو!

٢٦. ڪوليءَ گنهگار کي سچا لنگهائيج سير
ڪاهي ڏينهن قبر جي واهر ڪجانءِ وير
علي سرور پير ماڙ ڪجانءِ مسڪين جي
تون آءُ سکهو، شل راضي رب ٿيندو!

٢٧. محب مٺا ماندي‌ءَ جي اچي ڪجانءِ شفاعت شاه
نينهن تنهنجيءَ نبتر ڪيومان روز تڪيان ٿي راه
بي تہ ڪانهي واه، هيءَ ڪنل ڪاڏي وڃي؟
تون آءُ سکهو، شل راضي رب ٿيندو!

٢٨. اصل آه پديل کي لنؤ تنهنجو لاڙو
سام تہ پرتو سيدا، سک هي ويچارو
پير گهر جو پيارو، ڪامل ڏينهن قيام جي
تون آءُ سکهو، شل راضي رب ٿيندو!
سيد آءُ سکهو، چڙ ماڻو مسڪين سان
مرسل مل سکهو، شل راضي رب ٿيندو!

سسئيءَ جي ڏاکڙي جا

ٻيهر ڏينهن

١. هن ڪون رات رسي ويا ڪري ڏير ڏمر
سا پهرين ڏينهن اٿي پنڌ پئي ٻڌي سڪ سمر
ريلا روئي رت جا ڪياءِ پاڻي سپ پٿر
ڪڍندي وڃي ڪيچ ڏي لايون ڏم ڏچر
وينگس پنهنجو ور آءٌ ووڙيندس وڏڪار ۾.

٢. ٻي ڏينهن ٻاروچل ڏي گهمندي ڪيائين گهور
ڏکيو به ڏير ڪري ويس ماري تنهن مذڪور
ڪيائين عشق بورائو اڪ ۾ ساڻ ڪنيائين سور
سڪ ته سانول يار جي ڪيس اندر ۾ انگور
تيءَ راضي رب غفور مونکي پنهون ميلج پنڌ ۾.

٣. ٽين ڏينهن روئي رت جا تي نيڻن وهائي نار
سا ٻيهي وٽي ٻر ۾ سڌ ڪيون سڌڪار
ڳاڙهو رائو روه ۾ ٽو وسيون ڪري وسڪار
چوٽو چوڙيليءَ جو لڙ ۾ لڙيس وار
دوست پرين دلدار هن تي ڪرڪا ٻاجهه ٻڌل چوي.

٤. چڙهي چوٿين ڏينهن ڪي ڏسي ڏونگر جا ڏاڪا
پنڌ اڻاوا پٽيون جبل ڪي جهاڪا
هو ته آڏيءَ رات آئي ويا ٻار ٻڌي ٻاڪا

جنهن سان لعل لهي وڻان سرتيون سڌ ڏيو ساڪا
ڪوڪ منهنجي ڪاڪا، مَن ٻاروچل ٻڌي اچي.

٥. اچي رسيس روح ۾ موٽي پنجين ڏينهن ڪو ٻه
تنهن تان ٻڻي وار ٻٽي ڪيا ڪو نه ڇڏيائين ڳهه
عشق نه آري ڄام جي جيڪا ڪٽي هٽي محبت محو
جيڪي لکيو لوح قلم ۾ سو ساه برابر سه
روح رضا ۾ رهه تـه ملئي ٻاروچل ٻيل چوي.

٦. ڇهين ڏينهن ڇٽي پيس موٽي گوڙها مٽي ڳل
سا هلي هوت بلوچ ڏي پلي نه ڪنهن جي پل
عشق نه آري ڄام جي ڪيس ريءِ سيراهيءِ سل
اچي جاڳيس جيءِ ۾ جوراڻا ءِ جل
هڪڙيءِ ساڻ هڪل ٻئي ٻهڻ ڪي پرزا ڪري.

٧. جادو لڳس جان ۾ ثابت ستين ڏينهن
سورن شاخون ڪيون نسري بيٺس نينهن
اچي تان آلتيس آب اکين مان، جيئن برسي ساوڻ مينهن
هن تي شوق چڙهي ٿيو شينهن ٻاري ٻره بلوچ جو.

٨. اٺين ڏينهن آهون ڪيون ٿي سپ نهاري سير
ٻه ڪيون ٻچندي وتي ڳهر گهتيون گهٽ گهير
جانيءِ ڪاڻ جبل ۾ پٿون ڪندس پير
ڏمر ڪري ويا ڏير وٺي گل غريب جو.

٩. نائين ڏينهن نينگر جو اچي جهوريءِ پرزم جيءِ
عشق اڻانگو ادهون رکي نه ڪنهن جو ريءِ

هٿ ته ڏکا سهيلي ساڻ هيم ڏکو ماءُ نه ڏيءِ
پرورش ڪندم پنڌ ۾ قادر رب قويءِ
شاه صبر ۾ ٿيءُ ته ملئي پاروچل پديل چوي.

١٠. ڏهين ڏينهن ڏکن جا ورق ڪلي پيس واه
سا پڙهي پروڙي پاڻ ۾، اندر منجهه اراه
رمندي وڃي روح ۾ سون ڪيون ڪسٽئون ڪاه
گهوريان گهر پنهل تون هي مڏيون مال متاع
حاضر حضرت شاه هن تي ڪر ڪا ڪاجهه پديل چوي.

١١. يارهين ڏينهن يقين ساڻ، ڪيو ويچاريءَ وارو
اچي پر تي پنڌ ۾ نار هٿي نعرو
جاتي سنگتي نه هيس سچ ۾ آئي ڏنس ڏکن ڏيکارو
سورن لائس ساه ۾ آڇي ده ده دهڪارو
هيءُ سر سچو سارو آءٌ به رنيون ڪندس روح ۾

١٢. ٻارهين ڏينهن پروچ جو اچي پهر لڳس پاڻ
ڏکو پاڻي پنڌ ۾ ڏکو سر ڪنيائين ساڻ
وري ور وسائيندو هن پوريءَ سندو پاڻ
جيئن بجلي باران ۾ تيئن پرينءَ محبت ماڻ
اگ نه چاتم چاڻ ته ڪو پوندس ڦٽ فراق جو.

١٣. تيرهين ڏينهن تڪڙي هلي رضا مڃي رحمان
اچي رسج روح ۾ تون سولي ڪج سبحان
سا پڙهي حمد حبيب لئہ زاري ساڻ زبان
ترهو توڪل جو ٻڌي وڙي لهندي سان
دل مقابل دان تو هادي هر ڪنهن کي ڏي.

١٤. چوڏهين ڏينهن تان چاڪ چڪي پيس
هلي روج پڏي راڙو
ڏير ڏکي ڪي ڏک ڏيڻي
ڪيائون ڏوٻڻ سان ڏاڙو
عقل مت ڪسي ويس
اٿين ڪيس عشق اگهاڙو
سور پٽيندي سيج ۾
سرتيون تن سڪي ويس تاڙو
جانيءَ کون دم جدا جالڻ
آهي ڏکيو ڏهاڙو
پنهل کون پاڙو
شل جڙي جدا نه ٿئي.

١٥. پندرهينءَ ڏينهن
پريءَ جا روئي نهاري رند
خان پنهل جي ڳٺتيءَ ڳاري
سڪ ورتا هيس سند.
جهوري جيءَ جهونو ڪيس جهوري
ٻره وڌا هيس بند
چاڙهيون ٿي پٽ تي
سا روئي هٿي ڏسيون هند
پنهل خاطر پند
مان ڪندس ڪشالا ڪيچ ڏي.

١٦. سورهين ڏينهن سچ جا
سرتيون ڇڪي پڙس ڇاڪ
سا ڇڏي پيڪا پنهنجا
هلي هيڪل هٽي هاڪ
پنهل جي پيزار جي
آڻ ڪٽي ڇمندس خاڪ
جهڙڪي ساڻ جبل ڪي
ڪندس تاڙيون تڪا طاق
پرور ڏٺي پاڪ
هن ڪي ميلين پاروچل پڊل چوي۔

١٧. سترهين ڏينهن سچ جو
سرتيون باري آيس بار
رڻ ڪاري تنهن روه ۾
ٿي روئي زارئون زار
هو ته آديءَ رات آئي ويا
هن جاڳي ڪيو ته جار
ڪرها ڪاهي ڪيچ ڏي
ٿيا تنهين ويل تيار
منهنجا سڏ سٺي سردار
ٺل ڪندو پاجهه پڊل چوي۔

١٨. ارڙهين ڏينهن آئي سان
ڪماهه سورن ساڻ صلاح

دل ۾ ڳڻي ڳالھڙي
چلي منجھارون چاه
نہ اجھو ٿي انن کي پچان
رمي ورتائين راه
ور خاطر وڻڪار ۾
وجھندس ڏينھن ۾ ڪا ڏاه،
ھن ويچاريءَ جي واه
اچي ڪندو محمد ڪارڙي.

١. اٺ ويھين ڏينھن عشق ڪيا
ھيس اچي ناز نوان
جيئن جمي وڻ واڪو ڪري
تيئن تيس آيري سور سنوان
پنھل جو پرديس ۾
مان ڪنھن کي حال چوان
ھينئڙي پولي حق جي
مان ٻي نہ لات لنوان
شال قبول پوان
وچي ديري دوست جي.

٢. ويھين ڏينھن ويڙھي ويس
تن ۾ سڪ تمام
سور وجھايس سرتيون
اکين جو آرام

ڪڏندي وڃي ڪيچ ڏي هل ڪيون هاگام
اڇي پيو اٺ چاڙ ڪي ديدن سندو دام
ازل ڪون آجام آهه منهنجو ٻول ٻروچ سان

٢١. ايڪويهن ڏينهن عشق اماروڪري ويس چوٽيءَ ير چڙهي
ويڙهي واسينگن جان ڪئي هئي خيال ڪڙي
ٻڌي ٻاروچو ويس اندر جي ءَ جڙي
پيس نازڪ ڏاڍو نينهن جو قابو منڌ ڪڙي
جنهن جي دل آڙي سا ڪندي ڪشالا ڪيچ ڏي.

٢٢. ٻاويهين ڏينهن ٻروچ جي من لڳس ميخ
سازي ساهه مٿيءَ جو سور ڏنا هيس سيڪ
عشق ته آريءَ ڄام جي ڏنس روح اندر ۾ ريڪ
تنهنڪيڪاف جهلندا ڪينڪي آه جنهنجي نظر نيڪ
جيڪي لکيو منجهه ليک سا هرڪا ٻاڙي پانهنجو.

٢٣. ٽيڪيس ٽيويهين ڏينهن ڪي اڇي درد سندا دونهان
اڇي سنگتي سڄ ۾ سور تيس سونهان
جنهن جا عضوا عشق اليڙيا تيس ڦٽن جون ڦوهان
لنؤ لنؤ ۾ لوهان مونکي هن اديون آريءَ ڄام جون.

٢٤. چمڪي چوويهين ڏينهن ڪي ڪيو شمع شعاع
ڏکي سي ڏونگر ويو پيو پکين ۾ پرلاءَ
دانهون ٻڌي دهليون وڃي ٿو جبل جلدي ڪاءَ
عشق جي اليل جو جنهن ڪي ايم گهاءَ
ڪل نه بي ڪي ڪاهُ جن لڳو تن لکيو.

٢٥. پرٽيس پنجويهين ڏينهن ڪـي اچي پريان جـو پور
محبت وڏي هئي معامله تي هئي چوٽيءَ تائين چ ور
وچڻ پريان جي پار ڏي مونکي آهـي ذوق ضرور
دل قاسائي دام وجهي ڪيو ڪوهياري تـه ڪلور
هڻي محب ڪندو منظور هي دانهون درد وندي جون.

٢٦. ڇويهين ڏينهن ڇپر ۾ ڪري پئي ڪامڻ ڪو ڪارا
وڏي رمز رتيون ڪري پئي نـار هڻـي نعرا
پنهـل پيچ وجهـي ويس آڏي انـدر اوتـارا
رسندي وڃـي رات ڪـي هيءَ تڪيندي تـارا
سڄڻ سوڀارا مونکي ڏي ڏيوليا پاند ڏڪي جـو.

٢٧. سرڪي ستاويهين ڏينهن ڪي هنڪي جاڳيا سور سپر
راضـي ٿيندو روح ۾ ايندو سـوال سڻي سرور
پڌي عـرض پڌيل ڇـوي ايندو دم تنهين دلبر
جڏهين وارو ڏيندو ور تڏهين آءٌ به سهندس سرتين وچ ۾

٢٨. اٺاويهين ڏينهن انـدر مون آيس درد سنديون دانهون
پنهل جـا پرديس ۾ تـي رند ڏسي راهون
پئي دعا گهري درگاه مون هٿ پنڌي پانهون
هن اجهل جون آهون من پڌي پاروچو پاجهه ڪري.

٢٩. اڻٽيهين ڏينهن عورت آسري ڪري الهي تهاهار
ڪـر رکيـاءَ ڪيچ ڏي مـوڙي منـڌ مهار
سو مـرون انهيءَ ماڪ تـي هليس هاڙهي منجهه هزار
جاٽـي بـگهـڙ باندر يولا ٻچڙا بيحد بيشمار
روجهه مـمـان تنهن روه ۾ پـيـا اٿي ڪن الڪار
سره بلائون سج ۾ اڇن ڪڏ ڪيون ڪنڪار

قرن چراخ چريا تيا كارڻ قوت قرار
جاتي چيتا كيهر كيترا كن گروڙيون گجكار
گونئر جاتي گورخر ويس ويڙهي ۾ ولهار
وچون نانگ لڏن تي پيو پئو بجهي پلكار
جڏهين سولي كيس سردار تڏهن سيئي لك لنگهي ويئي.

٣٠. تلهي تيهين ڏينهن کي هلي كام كهي
وحده لاشريك له كياءِ سوجهي ست سهي
هيس سچائي ساه ۾ سارڻ ڏي كين رهي
آئي لعل لهي بركت كلمي پاك جي.

سسئي کي سرتين جي سمجهاڻي

١. سرتين سسئي کي چيو حال ويهي هڪ جاءِ
هوتي روانا رات کي لڏي لوه وياءِ
تون جارئون جاڳيءَ كينكي صبح سڌ كياءِ
هاڻي ساه كڻي سمجهاءِ چو متي پئي آهين معاملي.

٢. سرتين سسئيءَ کي چيو پيهر ۾ ولاڏي
هو تيئه روانا رات کي لاڳاپا لاهي
پوءِ كئي تنهين كاهي كامڻ پولڊينءَ كيترو.

سسئيءَ جو جواب.

١. چي پنڌ پريان جي پار ڏي، کي قرب واريون کن
راتيان ڏينهان رمز سان سڪ تي كين سهن
ورجي وسارين آهه حيف تنهين جي حال کي.

٢. كانءَ چڪي ٿو چاه مون كا سرك سندي سورن
پيئو ڏسان پڌر پئو. كامو ۾ كورن
ائين چركو جيءَ ۾ جيئن تؤ آهي تنورن
كا محبت كانهيو من تيلاهون ٿيون طعنا هڻو.

عشق جا بيت

١. عشق جنهين سر آئيو ڏوڙاتن ڏاجا
لنؤ لنؤ منجهه لبيڪ جي لنؤ لڳن ڪن جا
سامي سپاجها وتن ڪيف ڪڪوريا.

٢. عشق جنهن سر آئيو دل مدينو تن
ذڪر ذاتي ذوق جو ٿيا من ۾ ماتم ڪن
ڪعبہ ڪين وڃن، آه جسو جامع جن جو.

٣. عشق جنهين سر آئيو چاڙ تنهين چاڙو
پاروچل سان پيل چوي ٿا نباهن ناتو
اٿن اوراتو راتيان ڏينهان روح ۾.

٤. عشق جنهين سر آئيو سهيتيائون سور
پڙهي تن پروڙيو هي محبت جو مذڪور
ٿن ڪي ذوق ضرور سوڙي سڏ ڏيئو پيو.

٥. عشق جنهين سر آئيو سي نا سک سمهن
الستي آواز جي ڪوڪ رڪيائون ڪن
جو دئون جوکيڙن سفر سجايو ڪيو.

٦. عشق جنهين سر آئيو نهوڙيا سي نينهن
محبت پرتين من ۾ جيئن سدا ساڻون مينهن
روون راتيان ڏينهان ڪن اوسارو عجيب لئه.

٧. عشق جنهين سر آئيو سي نانگا نت نـون
صبر تن سبيل ڪيو ڪنهن کي ڪين چون
آها لات لنؤن جيڪا پولي پاروچل جـي.

٨. عشق جنهين سر آئيو سي جهليا ڪين رهن
هيري لعل جواهر جو ٽا سوجهي سر لهن
پولـي پي نہ ڪن سواءِ پـاروچل جـي.

٩. عشق جنهين سر آئـيو جهـولي جهلياڻون
سر ديون گرميون ساه تـي سپيئي سٺاڻـون
تنهن تـڙ تانگهياڻون جنهن تڙ عالم آسرو.

١٠. عشق جنهين سـر آئيو سختيون سٺاڻون
سڀ جفاڻون جـيءَ تي محڪم ميچياڻون
طمع ترڪ ڪياڻون راه ورتاڻون رب ڏي.

١١. عشق جنهين سر آئيو سي ڪنا ڪين ڪڇن
سوريءَ سندي سڏ ڪان غازي ڪين ڪسن
اهـي پـر پڇـن سـر جنهين جـا ست ۾.

١٢. عشق جنهين سر آئيو سي ڪيئن سور سلن
آڳ سندي آڙاه ۾ پيا جوڳـي جنگ جلن
پورو ڪين پچن ڏين لاهـي لحم لڳن نون.

١٣. عشق جنهين سـر آيو وڏا طالع تـن
ڪوشي ويهي گودڙيا گر جي گويا ڪـن
عـادت آديسين سـو يـارن سڦري ڪمي.

١٤. عشق جنھين سر آئيو مھڙا تن مرڪ
ڪچن ڪنھن سان ڪمنڪي هن ڪلا منجھ فرق
وحدت جو ورق پڙهي تن پروڙيو.

١٥. عشق جنھين سر آئيو تن جو مشائخي نہ سرڪ
نڪي گھوڙا لشڪر پاڻ سان ڪثن ڪونہ خرچ
غازي هن غرق وحدت جي واديءَ ۾.

١٦. عشق جنھين سر آئيو نانگا ٿيا نھال
ڪري ترڪ ترڪو پنھنجو مڏيون گھورن مال
هيٺو ڪري حال وڃي پھتا پر ڪي.

١٧. عشق جنھين سر آئيو سي نانگا ٿيا نروار
گر ڏي هليا گودڙيا تھدل تي تڪرار
استي قرار وڃي پاڙيائون پر سان.

١٨. عشق جنھين سر آئيو سي نہ طلبن سڪ
پاروچل جي پيل چوي لڳن لنؤ لنؤ اندر لڪ
ڏولاوا ۽ ڏک ساميون ڪيا سر تي.

١٩. عشق جنھين سر آئيو سي درد ڪيا دلگير
ڪاٿن ڪين خوشي جو هن فاقم منجھ فقير
تن ڪي محمد مير اچي هاديءَ ڏنا هٿڙا.

٢٠. عشق جنھين سر آئيو سي ساميءَ سياڳيا
روڙي تن سوھ ڪيا دڙيءَ جا ڏاڳيا
لوڪ منڌا لاڳا لاهوتن لاهي ڇڏيا.

٢١. عشق جنھين سر آئيو سي ڏوندينڌا سير

جانيءَ ڪاڻ جبل ۾ ڦِرون ڪياءَ پير
مَن مون ڪڏهن ميرِ وٽ هيڪڙائي هڪ ٿياءِ.

٢٢. عشق جنهين سر آئيو سي ڪوري ڏين ڪند
هليا هينئين سي هوت ڏي ويا پروڙي پند
تهدل ڪتي تند آڏن تن آجاريو.

٢٣. عشق جني سر آئيو تن جي ڳالهه ڪيان ڪيهي
وحدت منجهه وڪوڙجي تن دور ڪئي ديهي
پاڻ منجهه پيهي وڃي ذات ڳـڏي ذات سان.

٢٤. عشق جني سر آئيو سي چاڙهه ويا چاڙهي
مولي سي محبت جي موج تن ماڙهي
صحيح سچائي راهه ورتائون رب جي.

٢٥. عشق جني سر آئيو ويا دوئهان دکايون
ماري من مٽي ڪري ويا سر ڪي سمجهايون
پاڻ منجهان پايون ويا مشاهدو محبوب جو.

٢٦. عشق جني سر آئيو خودي ڪاڍائون
وحدت جي درياهه مان پيالا پيتائون
ڳولي لڌائون پريان سندو پيچرو.

٢٧. عشق جني سر آئيو پيا جاڳڻ وقت وڏي
وحدت منجهه وڪوڙجي ويا ٻرهم پاڻ ڳڏي
سامين سڪ چڏي سور ڪنيان ها سرتي.

٢٨. عشق جني سر آئيو لڳو تني لاڳ
ڀِهي ڪَتِ پِريتِ مون آئي جوڳي جاڳ
آئي تند نياڳ، ڪي پوهه هٿندين هٿڙا.

٢٩. عشق جني سر آئيو تن ڪيا سرن سندا سانگا
ڪاهي ڪلالين آئيا تن جڪيا چانگا
پيتائون پريت سون گهٽ منجهون گهانگا
پوءِ وهه ڪُٽ ڏيئي ڳاٽا مويچارن وڍائيا.

٣٠. عشق جني سر آئيو تن صاف چڪي سرڪي
ڪاهي ڪلالين آئيا مٽن تي مرڪي
پوءِ سرڪيءَ لئي سرڪي تن ڪوپن ڪنڌ ڪپايا.

٣١. عشق جني سر آئيو سي سر سينگاريو ڏين
سوري سندي سڏ ڪُون تُرُ نه تا ترسن
پوءِ ڪنڌ ڪپائون ڏين محبت جي ميدان ۾.

٣٢. عشق جني سر آئيو پيا الف سان اورين
آئي اسر ويل ڪي پيا چرخي ڪي چورين
پوءِ سدائين سورين ساهي سڀا سور جا.

٣٣. عشق جني سر آئيو تن ووڙي ڪيو وس
پريان سندي پار جو لڌو گاروڙن گس
قلبي لاهي ڪس ويا رمندا رام ڏي.

٣٤. عشق جني سر آئيو سي پيا مرد مري
اندر آزاه عشق جو وين مچ ٻري
ڪولي دل دري وين ڪهندا ڪابول ڏي.

٣٥. عشق جني سر آئيو لڳي تن لوري
انئي پهر عجيب جي تن جيءَ اندر جهوري
ڏکن جي ڏوري ڀڃي هارچو ويو.

۳۶- عشق جني سر آئيو سي نينهن ڪيا نانگا
سڀ سنائون سر تي ڳـلا جـا گهانگها
پوءِ لاهوتـي لانگها لحظي ۾ لنگهي ويـا.

۳۷- عشق جني سر آئيو ويا خودي ماري خان
انهن جي اسرار جي آهه ڪل ڪنهين کي ڪانه
پوءِ سورن جا سامان سامين ڪنيان سر تـي.

۳۸- عشق جني سر آئيو سي سامي ڪين سمهن
اٿي پهر عجيب لئي پيا لاهوتـي لڇـن
ڪنهن سان ڪين ڪڇن جو مزو چکيائون ماٺ جو.

۳۹- عشق جني سر آئيو ٻـولو ٻڌائـون
پيمانـيءَ جا ٻيڻ چوي ورق واريائـون
پرسان پاريائون قالو بلي جـي قـول ڪـي.

۴۰- عشق جني سر آئيو ٻـر ۾ سي پوتـا
غازين ٻـودا غير جـا درس ڪئي ڏوتا
جي چاڙهيائون چوتا سي لنگ لاٿائون ڪينڪي.

۴۱- عشق جني سر آئيو سي فانـي ٿين فقير
ويل وسارين ڪينڪي سامي سرت سڌيـر
تن کي محمد مير اچي وٺيون وحدت جون ڏنيون.

۴۲- عشق جني سر آئيو تني ڇـاتو ڇـاڻ
سڪ ٻنڌائـوڻ سندرو سور ڪنيائون ساڻ
ويـراڳيـن وٺـاڻ سوجهـي سر سهـي ڪيو.

سورٺ جا بيت

١. ماڙيءَ آيس منگتو ويل تنهين وينجهار
تنهن سالڪ ٻڌو ساز کي جها پن جو جنسار
ساز ٿاهي سر ڪڍي ڪياءِ تند تنوار
گز هنياءِ گرنار ۾ جنهن جو ڏور پيو ڏهڪار
اتي راءِ ڏياچ کي پيو ديهيءَ ۾ دهڪار
سو ٻڌڻ سان ٻڏل چوي ويس ڪيپ چڙهي خمار
ته اڄ نه آئيو اهڙو ڪو مان وٽ مڱڻهار
جنهن چوري چت چريو ڪيو پيو آهه جي جسي ۾ جار
هن ٻه ڪپي سو ڪاپار ڏنو موتي مڱڻهار کي.

٢. ماڙيءَ آيس منگتو رمي ڪنهين رات
سو سوال گهريائين رب کون ويهي پنهنجي وات
ته مهت لهي موتي وڃان تون ڏاتر ڏيارين ڏات
سو ساز ڪنهاءِ سڦرو سچيءَ سڪ صفات
اتي هوءِ هوءِ ٻولي حق جي اها تندن اٿاري تات
سا ٻاجهاري ته ٻڌل چوي پيس لنؤ لنؤ اندر لات
پوءِ ٻه ڪند ڪپي سان ڪات ڏناءِ موتي مڱڻهار کي.

٣. ماڙي ميلون منگتي اچي پندي هٿي پٽ
سو هن ٻه ماها مال جا ڪٽي ڪيس حوالي هٿ

ٻيجل ٻولائي چيس تہ آءٌ مول نہ ڪندس مٽ
جو سوالي آهيان سر جو جهڙپي نہ ڏيندس جهٽ
تاءِ ڏناءِ تنہ ڪي وري چاڙهي وٽ
هن ڪي تارن تن ۾ ڪيا فراقي ڦٽ
اُئين تندن ڏاڻ ڪيس جيئن سٽياڻي جي سٽ
پوءِ ادا خان لهي تون ڪٽ ڪٿي قابل ڪنڌ نوائيو.

٤. ماڙيءَ آيس منگتو هل ڪري هولي
تنهن سالڪ وڄائي ساز ۾ ڪا ٻاجهاري ٻولي
هن ڪي راحت راڳ مون آئي لنؤ لنؤ ۾ لولي
پوءِ ير گهوٽ ڪٿي گهولي سسي ساهہ صدق ڪري.

٥. ماڙيءَ آيس منگتو ڪري پراهون پنڌ
تنهن وڄائي تہ وقوف سان تهدل ويهي تند
گز هنياءَ گرنار ۾ سوجهي لهي سند
پوءِ هن بہ ڪپي ڪٿي ڪنڌ ڏنو موٽي مگنهار کي.

٦. ماڙيءَ آيس منگتو وري ڦيري واڳ
سالڪ ساز وڄائيو سٽي تنهن ماڳ
اتي تندن تماشو ڪيو اڇي رم جهم لايس راڳ
جو لڳس ٻاڻ ٻيدل چوي هنگي جو ڏئون ٿي هٿي جاڳ
هو بہ هو سالڪ سمجهو سور جو، جو پيس دل جا الڙي داڳ
پوءِ لکين گهوريون لاڳ ٿو سر سوڏا صدقي ڪري

كافي

دلبر آيا!

دلبر ساڏي ديري آيا
عشق ڪيا آواز آتي،
نوري نيڻ حضوري چايس
رمزن لايا راز آتي،
شمس قمر تان ڪتيان تاري
ڀون ڇپايا تاب آڌي،
جن ملائڪ حوران پريون
ماڻهو ٿيا مشتاق آتي،
مور مرنگهه ٿيا سهس پکي
پيا نوڙي ڪن نياز آتي،
رمز لڳي دل راضي ٻاڙي
تاڙيون ڪليا طاق آتي،
صحيح پڙهه پڙهه ياد هميشه
ڪلمه محمد پاڪ آتي،

بيت

١. سور جاڳي تان پوي
نه ته ڪيهي سڌري سور
جن کي لڳي جڙ جان ۾
ويندي ون سي وهلور
جن کي کايو کهور
آهي پٽينديون پر لئه.

٢. اوهي پٽينديون پر لئه
جن کي لڳو پاڻ
ٻاروچل ٻيل چوي
ويس کهي ڪاتيءَ ساڻ
پنهنجو وڃائين پاڻ
ڪياءَ حاصل صورت حق جي.

٣. ڪياءَ حاصل صورت حق جي
ڇڏي خودي ٿيا خان
پاڻ وڃائي پر لئه
ملهيان ۾ ميدان
سر نهنزي نشان
اچي ڀريون ٽڙيائون پڙ ۾.

ڏوريندس ڏونگر ۾

پنهل جا پيرا ڏوريندس ڏونگر ۾

١- اوکو پنڌ پهاڙ جو وڪڙ اوير ا
سورن ساڙيو ساه کي جلن تا جيرا
ڏسان شال اکين سان دلبر جا ديرا
کندو پاڄهه پدل چوي ميٺيندو ميرا.

ويٺي واجهائي

جيڏيون جانب سان دل منهنجي آهي،
سرتيون ستا سور ويو جاڳائي.

١- سسئي پنهل کان ٿيئي اوساري،
کيچي کيچ ويڙا ڪرها قطاري
بر ٻجهي ٻاري، هيءَ پانيڻ پاڪاري،
اجهو خان ايندم کيچ ڏٺي ڪاهي.

٢- مومل گهوٽ ماڙيءَ ۾ گهٽيءَ گنوايا،
ڏس ڏهاڙي عاشق کنڌيءَ کاک آيا
ميندري هٿي منڊ مومل کي لايا،
رويون راڻي کان کانگ ٿي اڏائي.

٣- محبت مجنيءَ کي نيڻن پٺي نهوڙيو،
ليلو هيو برتي ولين ۾ وڪوڙيو
الله عاشقن جو لاهج وڇوڙو،
لاتس لنئو ليليٰ بيٺو پچائي.

٤- سڪ نہ سهڻيءَ کي ميهر جي ساري،
اديون عشق آئي سچي سا اٿاري
ٻيل چوي بنديءَ تي پيا بار ڀاري،
ماندي ميهر لئي ويئي واجهائي.

اوري دين ايمان!

عشق ڪري آيو جلوو جنگي،
تيو هوش عقل حيران.
١- عشق وارن جا پنڌ پرانهون،
اوري دين ايمان.
٢- نہ مئن سني نہ مئن شيعا،
نہ مئن مسلمان.
٣- عشق اساندا ڪعبہ قبلا،
عشق دا عالي شان.
٤- عشق ٻيل چئي آني پهچائي،
جاتي مڙدن جا ميخان.

اچي منهن ڏيکاريو

دونهان روز دل ۾ هزارين دکن ٿا،
ڏاڍو عشق ايذاءُ، عضوا ڏکن ٿا.
١- دو دڙا دکائي وئين، مچڙا مچائي وئين،
گهايل دل کي گهائي وئين، گوندر گهٽن ٿا.
٢- اندر گورو تو کامي، ڪڏهين ڪين اجهامي،
سهيئي عيب ساں ۾، سي جيءَ ۾ جڪن ٿا.

٣- ٻيڏل چوي مان جنجي، ٻانهي هان توڙئون تنجي،
اڇي سڄڻ منهن ڏيکاريو، منهنجا نيڻ سڪن ٿا.

(بيت)

ال ايلاف ڀڙهي هيءَ أسر الاهر
ڦولينڊس فقيريائي ٿي ساري السم تر
هنکي پنهون ميل پرور ٻاروچو ٻيڏل چوي.

پرينءَ پرت پياري

ڪٿي راند رڻ مان ساري ڏسون ٿا،
بره جي اصل بات باري ڏسون ٿا.

١- محبت جي مچ ۾ پتنگ جان پچن ٿا،
ڪري ساه صدقي قربئون سي ڪسن ٿا،
عجب هاج تن جي سونهاري ڏسون ٿا.

٢- ڪيو معراج مردن متون نوڪ نيزن،
اصل ڪان انجامي هيا سان عجيبن.
ايها پرينءَ جي پرت پياري ڏسون ٿا.

٣- حڪم سان هليو هوت قربئون ڪسڻ تي،
پنڌي نينهن نوبت مڙيو نا مرڻ تي،
عشق جي ايها ذات، نياري ڏسون ٿا.

٤- عجب راز سان ٿي رندن روح ريجهايو،
ملي هوت هيڪر پتر پهر پايو.
ٻيڏل ٻاجهه ڀڳڻ ٻاجهاري ڏسون ٿا.

آءٌ ، هيٺن جا همراه !

شاهي مرسل شاه ميان،
تنهنجو سور اندر ۾ ساه ميان
آءُ هيٺن جا همراه ميان.

١- اوکا پنڌ پهاڙ جا،
اڇي رهبر رسج راه ميان.
٢- پوندي کن ڪريم جي،
هن آ مروند جي آه ميان.
٣- ناقص هن نذر ڏني،
اڇي نبي نر ڪج نگاه ميان.
٤- ڪرڪا پاڇه پيل چوي،
عربي لڳ الله ميان.

بيت سارنگ

١- اڄ پڻ اتر پار ڏانهن ڪڪر ڪئي ڪروڙ،
چاٽ وئي چمڪو ٽيو ڪئي گاج گروڙ،
تون پهچائين ڏوڙ سات پنهنجو سيدا.
٢- اڄ پڻ اتر پار ڏانهن ٽيا ڪارا ڪڪر ڪير،
اتا مينهن پٽن تي ٽيا ڳاهون ڳم ڳنڌير،
ڪليون پيارينڌو ڪير عالم کي ته انڙ چوي.
٣- اڄ پڻ اتر پار ڏانهن ڪيڏي ڪڪر ڪام،
چڙهي هنبار هليو، لڏي لولڳن لام،
اڇي عربي ڄام باندي ڇڏائج بند مون.

٤- اڄ پڻ اتر پار ڏانهن   تيا ڪارا ڪڪر ميل،
تبل وڄائي تڪڙو   پٽ ڪمائين ڇيل،
سارنگ چڙهيو سيڄ تي   ڪنهون ساز سويل،
بگل باجا بئنسريون   ڪرنائيون ڪرنيل،
وڻ ٽڻ انهيءَ ويل   ٻهڪڻ لڳا ٻيل ڇوي،
٥- اڄ ٻڻ اتر پار ڏي   ڪڪرن ڪيڏيا ڪنات،
ڪتوريءَ خوشبوءَ جي ٽي   وڻ وڻ مٿي واس،
سارنگ سنيري آيو   پهريائين پوشاڪ،
سائين ڪيا سهاڳ   عالم سان انڙ ڇوي.

* ڪلام *

-(*)-(*)-

ٿلهه :- اخلاق، فرش مظهر ڪيتا خيال هم نـي
دنيا ڪا چرخ چلتا صورت مثال هم نـي

١- بولاهـي خيال ايسا - هـر جاء ظهور ڪيسا
ڪوه طور نور موسيٰ - جلوه جمال هم ني

٢- ظـاهر ذغـا همارا - باطن هي ميرا نظارا
مين هون حسن هزارا - وحدت وصال هم نـي

٣- مٿن تان سليب ٿاهيا - عيسيٰ ڪو مين آڙايا
سي پـول مين پلايا - حيرت ڪمال هم ني

٤- عرفات حج هي عالي - مين هون سجود والي
اِت آت هي ميري چالي - فرضي سنبال هم نـي

٥- هم هون ڪلال ساقي - مين خيال خود مشتاقي
محبوب مين اوشاڪي - درد ڏسال هم نـي

٦- بهرل خيال مـولا - ونحن وصال سـولا
تجمل مـيـن تجلا - جذبئه جلال هم نـي

شرح ۽ معنيٰ

صفحو (الف)

حشر = آخرت، قيامت، قيام.

اُمت جو اُمراءُ = پيغمبر صاحب (صلعم)

ڪس قلوب = دل تي چڙهيل ڪٽ.

ارواح = روح.

لڪن = سوڙهن پيچرن، تڪليفن.

صفحو (ب)

مشر = مشرح = رب تعاليٰ جو پيغام سمجهائيندڙ.

ڏونگر = جبل.

آنڙ = پيدل فقير جو نالو (سندس ذات).

آرياڻيءَ = پنهل، محبوب.

انور = نوراني.

آجوتن اندر = اُنهن جي دل چٽل يا بخشيل آهي.

قراري = زبردست.

الحد = لحد = قبر.

عربي = پيغمبر صاحب (صلعم).

ڪن فيڪون = خلقت (خدا تعاليٰ جڏهن روز ازل جي روح ني خلقيا، تڏهن فرمائين "ڪن" = ٿي پئو. نتيجو نڪتو "فيڪون" = ٿي پيو انريت خالق خلقت جو آغاز ڪيو).

صفحو (پ)
پروانا = خط.
پرڏي = پرين ڏانهن.
مئن چايا = مان چائس.
ٻنڌڻ = ڪپڙي جــا ٽڪر جن ۾ ٻــار ننڍي هوندي؛ ٻڌبو آهي.
نوازي = مهرباني ڪري.
صفحو ١.
پرجهي = سمجهي.
رمزن ۾ رچاء = خدا تعاليٰ واري واٽ ۾ لڳاء.
وحدت = ميلاپ الله تعاليٰ سان؛ هيڪڙائي.
مانجهي = بهادر.
سو لڱين = سؤ دفعا.
گهوري گهماء = قربان ڪر.
چوگان = ميدان (عشق جو).
ڪات ڪــان ڪنڌ نــا ڪيڏاء = سر ڏيڻ لاء تيار ۽ هوشيار ٿي ويهه.
الف = الله جو نالو.
اُجرو = صاف.
صفحو ٢.
بحري باز = تکو ساموندي پکي.
شهباز = وڏو شڪاري پکي.

فرهاد = هڪ مشهور سنگتراش [پٿرن تي اُڪر جو ڪم ڪندڙ] جو شيرين تي عاشق ٿيو ۽ اُن کي راضي ڪرڻ لاءِ هڪ وڏو ٽڪر ٽڪيائين.

ڪنعان = عربستان جي لڳ هڪ ملڪ جو نالو.

شاهِ ڪنعان = حضرت يوسف پٽ حضرت يعقوب پيغمبر جو. پاڻ به پيغمبر سڏجڻ ويندو آهي. حسن ۾ لاثاني هو. ڀائرن دشمني ڪري کيس کوهه ۾ اُڇلائي ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته هو پيءُ کي سڀني کان پيارو هو. اُتان هڪ سوداگر ڪڍي مصر جي بازار ۾ ڀانهو ڪري وڪيس بيبي زليخا جا مصر جي هڪ نهايت حسين ۽ دولتمند عورت هئي سا سندس حسن ڏسي مٿس ڇڪن ٿي پيئي ۽ کيس ڇگن ڏکن ۾ خريد ڪري پاڻوٽ رکيائين. سندن محبت اُن وقت جي مذهبي قانون موجب هلندي رهي. يوسف زليخا جو قصو فارسي، اردو، پنجابي ۽ سنڌيءَ ۾ گهڻو چيل آهي.

بردا = ٻانهو.

منصور = هو عاشق جنهن "اناالحق" چونــدي سر شهايو.

بن موسيٰ = حضرت موسيٰ ٻڌجي.

ڪوه طور = طور سينا جبل [نالو]
(حضرت موسيٰ نبيءَ کــي "ڪليم الله" ڪري چوندا آهن، جــو خــدا تعاليٰ سائنس طــور جبل تــي ڳالهايو هو، جتي خدائي نور جو تجلو ڏسي بــي اختيار بي هوش ٿي ڪري پيو).

آڙاهه = مچ.

صفحه ٣.

آڏي = ڪــاٺ جــو ٿلهو ٽختو [ٿنڍ] جنهن تــي گوشت وڍجي.

آڏي عيد انهن جــي آهي = آهــي عاشق سر ڏيڻ ۾ ائين سرها ٿين ٿــا، جيئن ڪوبه ماڻهو عيد جــي ڏينهن خوش ٿئي.

ڪوپا = بهادر

امام = رهبر، پيشوا.

سجدي سيس نوائن ٿــا = ڌڻي تعاليٰ جــي عبادت ۾ ڪنڌ ڌرتيءَ تي رکــي ادب سان سجدو ڪن ٿا.

موڙي آهه محب مهارون = اي پنهل، پنهنجي آٺ
جي مهار هن طرف موڙي
مون وٽ اچ.

ڦارون = پرزا پرزا.
نال = ساڻ.

صفحه ٤.

حجاب = دنيوي لڄ يا دوئيءَ جو پڙدو.
ڦٽ ڦڪڙي = ماڻهن جا مهڻا.
شتاب = جلد.
رند = مست درويش.
راز = ڳجهه.

عرش = نائون آسمان، جتي ڌڻي تعاليٰ جو تخت گاهه
چيو وڃي ٿو؛ سڀکان مٿيون مڪان جتي
مطلق نور جو مرڪز مڃيو ويو آهي.

عرش .. منهنجو = اهو عرش وارو هنڌ ڏي منهنجي
آخرين منزل مقصود آهي.

محبت مٿيون = عشق ۾ ڦاٿيون؛ عشق جن کي گهايو.

صفحه ٥.

مرد مٿير = بهادر شير مرد.

لاهوتي = عاشق، لاهوت جي منزل ڏي پهتل. انهيءَ
منزل تي فقير نورئي نور کان سواءِ ٻيو
ڪجهه نه ٿو ڏسي.

صوفي ۴ منزلون انسان جـي روحانـي واڌاري جـون
پڌائيندا آهن [١]شريعت[٢] طريقت[٣] حقيقت [۴] معرفت
يـا
[١]ناسوت[٢]ملڪوت [٣]جبروت[۴] لاهوت [٥] هاهوت.
بهيد = راز.
لڪندو = چاهُندو.
اُجارو = روشنائي [اندر ۾]
ڪعبو = مسلمانن جي پاڪ جاءِ مڪي شريف ۾،
آن کي بيت‌الله [الله جو گهر] ڪري به
چوندا آهن. هڪڙي پٿر جـي چوديواري
آهي جـا حضرت ابراهيم مصري پٿر سان
تيار ڪرائـي هئي. حضرت محمد [صلعم]
به انهيءَ ساڳيءَ جاءِ کـي دائمي پاڪ جاءِ
سمجهي تسليم ڪيو ۽ آن کي حج جو مرڪز
مقرر ڪيو.

قلب ڪعبو ... حج حضور = خام بيت آهي ته

قلب اندر ڪعبو ڏٺو سي،
مڪي وچ جو گهڙو ضرور.

درويشن جـو مطلب آهي تـه جيڪي الله تعاليٰ جـا
سچا عاشق آهـن، سي پنهنجي اندر ۾ ئـي انهـيءَ
نوراني نور جـو جلوو پسن ٿا ۽ سندن قلب ئـي بيت
الله (الله جو گهر) آهي.

سامي صاحب چيو آهي ته

من مثراه، دل دواركا، كايا ۾ كاشي
چيتن وسـ ـي چت ۾، الک ابناسـ ـي.

غفور = مهربان.

صفحه ٦.

عين = اکيون.
پور = دفعي.
بازي = راند.

صفحه ٧.

لام بيءَ = ٻئي طرف.
مذكور = ذكر كيل حال.
جام = پيالو.
وڃائي .. چوكان = عشق جا تير هٿي قلب مـ ـان غير
صفا كيئي ٿو ڇڏي.
ذكر ذاتي = الله پاک جو ذكر.
بي سر ٿيءُ = آپو يا هستي ماري.
اکيون چوندهِ سڄڻ واه واه = قيامت جي ڏينهن ڏٺيءَ
اگيا، تون سرخرو ٿيندين

صفحه ٨.

پاک جي ٽولي = پاک معني پيغمبر صلعم جـ ـو قيامت
جـ ـي ڏينهن پنهنجي امت (ٽولي)
کي بچائيندو.

صفحه ٩.

ڪلالن = ڪلالن وٽ، شـراب ڏيندڙ ماڻهـوءَ وٽ، محبوب وٽ. "جت ڪسن جو ڪوپ رهي".

حق = ڌڻي تعاليٰ.

هرجاءِ حق سڃاڻن = هر ڪنهن هنڌ هر ڪنهن ۾ انهيءَ مٺي مالڪ کـي موجود ۽ ظاهر ڏسن.

پيچي دوڻي وارا دام = پياليءَ جا پنڌن توڙي ٿـا ڇڏين.

اوڏوتن = مست درويشن.

روهن ۾ = جبلن ۾.

انالحق = "مـان آهيان حق." اهـي لفظ درويش منصور چيا، جنهنڪري شريعتي پابندن جي هٿان سر وڃايائين.

شيخ صنعان = پنهنجي زماني ۾ وڏو درويش ٿـي گذريو آهـي. شيخ عطار جو مرشد هـو. اوچتو هڪ گبر جي ڌيءَ تي عاشق ٿـي پيو، جنهنجا سوئـر چـاريندو وتندو هـو. نيٺ سڪلس طـالب شيخ عطار اتـان آزاد ڪيس.

ڪربل = ڪربلا = عراق ۾ ميدان جتي حضرت عليءَ جي فرزند ارجمند حضرت حسين شهادت حاصل ڪئي.

ٻنڌڻ لاڪر = ننڍڙي معصوم اوستـــا ڪـــان وئـــي.
جام = محبت جي سرڪي.

صفحه ١٠.

ڇاتيءَ ۾ ڇمڪار = سيني اندر آواز.
اٺئي اورج = الله تعاليٰ جـــو ذڪر قلب ۾ ڇـــورج.
قلبيءَ جو ڪوڪار قلب اندر ذڪر.
روز ازل = اهو ڏينهن جڏهن خـــدا تعاليٰ روح خلقيا.
تمزي = قاسي.
سامي = درويش.
سخن سچيار = واعدي تي پورا.

صفحه ١١.

لنؤ لنؤ ۾ لوري = رڳ رڳ اندر سڪ.
ڪونتل = بهادر، ڪهوڙا جنگي.

صفحه ١٢.

ڪهتي = وتي.
دام دوالي = برهه جي ڦاهي.
هو هو الله = قلبي ذڪر.
ورد وظائف = اها عبادت جا فرضي نه آهي.

[واحد وظيفه]

صفحه ١٣.

جيتي = جٽندي.
سرجاوڻ ذي = مري وڃڻ جي.

(جٺري مرڻ يعني پنهنجي خودي گنوائڻ تي

سيني درويشن گهڻو زور ڏنو آهي.

شاه صاحب چيو آهي ته

" هوندا سي حيات، مرڻا اڳي جي مئا "

يعني آهي ماڻهو جي مرڻ کان اڳي يعني جٺري

مرندا سي هميشه حيات هوندا.

جان جان هستي دا حال نه پنندا = جيسين پنهنجي

هستي نه ماريندو

يعني پنهنجي هستي

وڃائي نيست نابود

نه ڪندو.

تيت نه رک ول آوڻ دي = وري جنم مرڻ

جي چڪر ۾ اچڻ

جو آسرو نه رک

گهن = وٺ.

بد هوائيءَ دابوتا پيچ = نفساني خيال ڪڍي ڇڏ.

چاگهن = کڻي وٺ.

آيت = پاڪ سٽ.

آپ وڃاوڻ = جٺري مرڻ، خودي گنوائڻ.

نفي اثبات = ٻه مخالف لفظ، نه ۽ هائو، نابود ۽

بود، لا الله ۽ الا الله.

نفي اثبات ڪر جائين = درويش ٿو چوي ته پنهنجي
خودي گم ڪرڻ (آپ وڃائڻ)
کي ئي سچي زندگي سمجهه.
نيستي ئي سچي هستي آهي.

وڃ اپڻا دي آپ نہ آئين = " " "

صفحه ١۴.

ذات صفات = الله تعاليٰ جي ذاتي ۽ صفاتي صورت؛
نرآڪار ۽ آڪار سروپ.

ذاتي = اصل؛ نوراني.

صفاتي = عناصر يا تتن جو تيار ٿيل.

احدئون = اصل کان.

عبد = ٻانهو

سانگ = پوش.

غازي = جوان.

گام = قدم.

الف جنهينکي ... لام = جن جو اندر الله تعاليٰ جي
ذڪر سان آجرو ٿيل آهي
سي ٻيءَ ڪنهن به ڳالهه جي
تات نہ تا رکن.

آلستي انجام = جــڏهن رب روح پيدا ڪيا تــڏهــن
ڪائن پڇيائين ته "الست بربڪم"
يعني ڇــا، مان اوهان جــو رب نه
آهيان؟ روحن جواب ڏنــو "بلىٰ"
يعني هائو. "قالو بلىٰ" معنيٰ "چيائون
هائو. يعني "هائو، ڏــون اسان جــو
رب آهيــن." انهــيءَ اقرار کــي
آلستي انجام ڪري سڏبو آهــي ۽
انهــيءَ ڏينهن کي "روز الست"
يا "روز ميثاق" ڪري چئبو آهــي.

جهڙ.... جام = جيئن ڪڪر مينهن سان پريل سڪل
زمين پسائي ٿو، تيئن محبت جو پيالو
سڙيل سڪل دل کي سرسبز ڪريٿو.

احدئون سڏائين = الاهي صــورت منجهان اچي
پاڻ کي ٻانهو سڏايئين.
(سچل سائينءَ به هڪ هنڌ چيو آهــي ته "نوڪر تيس
نه چاڪر چاڪون، هئس اصل سلطان."

وڇ پڇري = هن خاڪي بدن ۾.

اپنا پيڙه رايا جي = تو پاڻ پنهنجي رائــي ۽ رضامندي
سان اچي انساني بــدن اندر پاڻ
لڪايو آهي).

صفحه ١٥.

ڪجلين = سرمي ڀريل اکين.

عشق مجني ... ولهار ليلىٰ خاطر مجنون مست ٿي
ڏ ر يو ڪيندو، جبل جهاڳيندو ۽
جهنگ جي ولين ۽ ٻوٽن سان
روح رهاڻ ڪندو رهيو. سندس
اصل نالو ”قيس“ هو ۽ هو يمن
جي سردار حاڪم جو پٽ هو
پر پوءِ ليلي جي عشق ۾ ڦرندي
اهڙو ته مست ٿي ويو جو منس
نالو ئي پئجي ويو مجنون يعني
”عشق ۾ مستان.“

جنهن ڪون لڳڙي چوٽ نيڻانديي = جنهنکي سچي جي
گهورگهايو آهي.

آتش = باهه.

صفحه ١٦٠

اڙي ۾ = پيچ ۾.

ٻانهن سيرانديي = آوارهه
گفتا ٻول.

غيب = ڳجهه.

الانسان سري = الانسان سـري انـا سـره = انسان
منهنجو ڳجهه آهي ۽ مان انسان جـو
ڳجهه آهيـان [حـديث قدسـي]
[قرآن شريف].

حيراني = [دنيوي نعمتن لاءِ] انتظاري.
سيني ۾ سير = قلب اندر نظارو نور جو.
سانگا = خوف خطرا.
ڪوثر = بهشت ۾ هڪ چشمي جو نالو، جنهنجو پاڻي
چانديءَ خواه کير کان به وڌيڪ سفيد ٿيو
ويندو آهي ۽ عطر کان به وڌيڪ خوشبودار،
جنهن جي پيئڻ سان وري اُڃ نه لڳي.

صفحه ١٧.

ڏيئي سر هيءَ سر کٽجي = هيءَ جند جان قربان
ڪري روحاني راز
حاصل ڪجي.

رنگ الاهي = ايشور جو عجب نظارو.
قبلو = ڪعبي شريف جو طرف، جيڏانهن منهن ڪري
سجدو ڪجي.
ذات مان ذات = جوت مان جوت، نور مان نور.
دلدل = حضرت محمد صلعم جي خچر، جا پاڻ
حضرت عليءَ کي ڏني هئي، ۽ ون. امام حسين
جي گهوڙي "ذوالجناح" کي به دلدل
چوندا هئا.
ونحن اقرب = سڄو جملو آهي:-
ونحن اقرب اليه من حبل الوريد [قرآن شريف]
يعني هو مون کان پري ڪينهي، پر ڳچيءَ جي رڳن
کان به اوري بلڪ مون وٽ آهي.

[خدا تعاليٰ فرمائي ٿو تہ] اسين هن ڪري يعني انسان کي سندس گردن جي رڳن کان بہ ويجھا آهيون.
آپ آلايڻہ = پاڻ فرمايو اٿو.
هڻ ڪيون = هائي وري ڪمئن؟
هر مظهر = هر صورت ۽ هر نظاري.

صفحہ ١٨.

ميخانہ = شراب پيئڻ جي جاءِ, اها درويشي درگاه جتي عشق جو جام جاري هجي ۽ درويش ساقي بڻيو پيو طالبن کي مست ڪري.
شريعت = مذهب.
موسيٰ = پيغمبر جو نالو (Moses). کيس ڪليم الله ڪري بہ چوندا آهن. سندس اُمتي يهودي (Jews) آهن.
ابراهيم = پيغمبر جو نالو, جنهنکي خليل الله (خدا جو دوست) ڪري چوندا آهن.
عيسيٰ = ڪرستانن جي پيغمبر جو نالو. بيبي مريم جو فرزند. هن کي "مسيح" ڪري بہ چوندا آهن, جنهنجي معنيٰ آهي دوست.
احمد = اسلام جي پيغمبر حضرت محمد صاحب جو ذاتي نالو, جنهن سان کيس بهشت ۾ سڏيو ويجي ٿو.
يحيٰ (St. John the Baptist) = هڪڙي پيغمبر جو نالو, جو نهايت سخي دل هو.

إدريس = Arabic name for the prophet Enock.
هڪ پيغمبر جو نالو.

جرجيس = زردشت؛ پيغمبر جو نالو. پارسين جو پيغمبر.

دائود = پيغمبر (Davaid) جو نالو. سليمان بادشاه جو پيءُ. سندس پرارٿنائن جي ڪتاب کي زبور (Psalms) سڏبو آهي.

صفحو ١٩.

صنعان = درويش جو نالو.

ڳل جٽيا صنعان آيا = سچل فقير چيو آهي ته

" جٽيو ڪفر صنعان وجهايئه "

يعني تون ئي ساڳيو الله آهين جنهن صنعان فقير جي ڳچيءَ ۾ ڪفر جو ڏاڳو [جٽيو] وڌو.

جٽيو ڪفر = خلق جي جڻ ڦٽڻ.

سيف = ترار.

الف = الله.

لام ڏي مول نه لڙيان = لوڪ جو اصل خيال ڏ نه ڪريان.

صفحو ٢٠.

ميارون = ڏوراپا.

عرش عظيم = مٿاهين آسمان.

چوڪان = نيزا؛ نوڪان.

صفحه ٢١.

عشاقن = عاشقن.

رهبر = مرشد [راه هلائيندڙ]

صفحه ٢٢.

پير مغان = رهبر مرشد. رند

پرجهايو = سمجهايو

روز ازل = اهو ڏينهن جڏهن روح خلقيا ويا.

عقاب = باز.

مهتاب = چنڊ جهڙو سهڻو.

صفحه ٢٣.

سڪ جا سڳا = محبت جي تسبيح.

پکي آءُ پيهي = جهوپڙيءَ ۾ گهري اچ.

سون نمائيءَ نجهڙي [پکي يا جهوپڙي] پيرو ڪج پتار، (شاه).

صفحه ٢٤.

سڪ جا سانير = محبت جي گهڙين جي يادگيري.

ڇڏڪن جيئن ڇڙيون = گهنڊيون جيان پيئي تي ڪن ۾ وڄي.

پروانو = پتنگ

صفحه ٢٥.

ملي = تهي تيار ٿي.

مژگان = اکين جي پنبڙين جا وار (eyelashes) جن کي تيرن سان پيٽ ڏني آهي ۽ ڀرون کي ڪمان سان، جنهن سان اهي تير ڇٽندا آهن، جڏهن معشوق عاشق کي پنهنجي نظر سان گهائيندو آهي.

صفحه ٣٦.

يتيم = ڪسيم.

حيدر = حضرت عليءَ کي "حيدر" سڏيندا آهن. "حيدر" لفظ جي معني آهي شينهن. حضرت عليءَ کي شير مرد يعني شينهن جهڙو مڙس ۽ شير - خدا به چوندا آهن.

لا = نيستي = نفي.

شعلي = چڻنگ .

توڪل = خدا تعاليٰ تي آسرو.

ريهي = ريهو ڏيئي مضبوط ڪئي، قابو ڪئي.

ڀڃي ڀورا ڪيائون ديهي = پنهنجي هستي نيست نابود ڪري ڇڏيائون؛ پنهنجي خودي يا آپو ڪڍي ڇڏيائون.

صفحه ٣٧.

پرت = عشق.

داستان = بيان.

اورين = روح رهاڻ ڪن.
ماڪ ميخانه = محبت واريون جايون.
جوءِ = جڳهه، مڪان.
ڏاهي = سياڻي، مرشد
نفي ڪر نانءُ پنهنجو = پنهنجي خودي ماري ڇڏ.
مڪو ملتان = پاڪ شهرن جا نالا.
دل مدينه .... ملتان تون = قلب اندر ڪعبو ڏسوسهن ....

يا

جي پائين جوڳي ٿيان ته منجهه ڏسي پري مر،
منجهه ڏسي تيرت تڪيا، منجهه ڏسي گوروءَ جو گهر،
منجهه ڏسي بابو بڪيا، منجهه ڏسي نارڻ سر؛
بستي ڏورم بن، تون خود آهين تڪيو.

صفحه ٢٨.

ظهورو ذات جو = الله جو نُور
دفتري ديوان = قاضي، منصف.
[آپي ملان، آپي قاضي، آپي درس پڙهاوين ڏسون]

صفحه ٢٩.

عشا قاندي = عاشقن جن.
وحدت = هڪڙائي.
وريام = بهادر، ماڄهي، شير.
يڪانا = اڪيلي سر.
ڇائي مرد ملام = مڙس ماڻهو ملامت سر ڏسي ڪٿي؛

صفحہ ٣٠.

کنورھیا = بهادر

گام = قدم.

ديري = مکان.

چايس = کنيائين.

شمس قمر = سج ۽ چنڊ.

ڀھون = گهٽو.

تاڙيون = دل جي دري

صفحہ ٣٢.

ٿل = خوشيءَ سان اچ.

دام = چار.

ڪيس = قهر.

صفحہ ٣٣.

موتو قبل = جهري مرڻ.

الستي انجام = قالو بلي وارو قول.

صفحہ ٣٥.

وٿ نہ پائن وار   نر جيترو تفاوت بہ نہ ٿا سمجهن.

صفحہ ٣٦.

جهنگ سيال = پنجاب جو هڪ ضلع، رانجهن وارئي هير جو وطن.

صفحہ ٣٧.

قيل قال = اجائي بڪواس.

بي سر ني = حياتيءَ تان هٿ کڻي.

وير ورِيام = سورهيه.

ڪچن جو ڪام = ڪچن جو ڪم؛ ڪچا جيڪي ڪجهه سانڍي ڏيا سهي نه سگهن.

اروٽ؛ خام.

(اڃا تون اروٽ، ڪوري خبر نه لهين)

[شاهه]

[خالق ڇڻ م خام تون سڀ ڪي ڇڻ مخلوق]

[شاهه]

صفحه ٣٨.

گهورن ساڻ گهٽي = نظر سان نهوڙي.

صفحه ٣٩.

زُلف جي تار ۾ = پنهنجي جهڙن ڪارن وارن جي دام ۾.

صفحه ٤١.

ملامت چاوين = سر تي گلا کڻين.

صفحه ٤٢.

هوُ داهل = "هوُ" جو آواز؛ قلبي ذڪر.

سلان = پڌايان.

هلان = ڪاهه.

صفحه ٤٥.

گوڙهن ڳاٽ پري = اکين سان آب هاري.

ﭘانڌي = پيغام آڻيندڙ

آئي منجهه اڙي = ڦاھيءَ ۾ ڦاٿي، دام ۾ اٽڪي.

ننڊ نہ آوي = آرام نہ اچي.

صفحہ ١٤٦.

ونجلي = مرلي.

صفحہ ١٤٧.

کيڙانديءَ = کيڙيءَ سندس ماڻهن جي

کيڙو = هير جي مرد نورنگ جي ذات.

کيڙو وجهان کوهہ (سچل)

نوٽ:- هير، چوچڪ جي ڌيءَ، ذات جي سيال، جهنگ سيال (پنجاب) جي ويٺل هئي. سندس محبوب رانجهو هزاري جي ملڪ جي حاڪم جو پٽ هو. کيس " شاهہ هزارو " ڪري بہ، چوندا آهن

سل = پڌاهہ.

رئن = رات.

صفحہ ١٤٨.

خودي = آپو.

من منائين = من کي مڃائين.

دن رين = ڏينهن رات.

ڀهڳڻ = گهڻن گڻن وارو: مرشد.

سڳ هي جهليو جهولي = هيءَ نماڻي پنهنجي جهولي ۾ جهليو.

صفحه ٤٩.

ڀائي سر مونن = مٿو ڪوڏن ۾ وجهي.

(ڀائي منهن مونن ۾ غربت ساڻ گذار)

[شاهه]

ڪذان = ڪڏهن.

دم منصوري = منصور وارو نعرو، اناالحق.

آلاوي = ٻولي.

صفحه ٥٣.

اد ماد = خيال، ڀور.

صفحه ٥٤.

صبحاني دا حق جو.

منجهه قرآن مذڪور هيا = قرآن ۾ ذڪر ٿيل آهي.

لامڪاني = بي مڪان، خدا تعاليٰ، جنهن جي ڪا خاص مقرر جاءِ نه هجي، يعني هرجا حاضر.

صفحه ٥٥.

قل هوالله = قل هو الله احد = چئه ته هو هڪ الله آهي.

هؤ هؤ الله = قلبي ذڪر.

گمراهه = بي خبر.

اقرار = الستي قول [قالو بليٰ وارو].

خيال وڌ خطرا = وهم سڀ ٽڙي ڪڍ.

صفحو ٥٧.

سگ = ڪتو.

ڪرڙي = ننڊي مڇي.

راڻيون = عيش عشرت ڪري.

طمع ڪي تڙي = لالچ کي ڪڍي.

صفحو ٥٨.

سرميري = منهنجي سر تي.

ويڪيم = ڏٺم.

ڦاٽن جو مرڪ = اُنهن کي لائق نہ آهي.

صفحو ٥٩.

" وحدت واري واٽ " جي بدران پڙهو گهرجي

" ورهہ واري واٽ ".

ورهہ = برهہ.

وحدت جي وادي تيا غرق = هيڪڙائيءَ ۾ هڪ
ٿي ويا.

صفحو ٦١.

خاطي = پاڻڊي.

صفحو ٦٣.

في الله ۾ = الله جي تصور ۾.

ڪتا = محو ٿيا.

محڪم = پڪيءَ پختيءَ طرح

اسلام = خدائي وات؛ صلح سانت واري وات؛ دين اسلام.

ماڻ = رمز؛ اشارو.

دور = پڙهڻ؛ مطالع.

صفحه ٦٤.

سير = رستا.

ڪٿوري = ڪستوري؛ خوشبودار ٻوٽي.

واسيا خوشبودار ٿيا.

وکر = واپار.

(**نوٽ**:- درويش چوندا آهن ته هيءُ انسان هن دنيا ۾ وڻجار ويا واپاري ٿي آيو آهي ۽ حياتيءَ جو سفر ڪاٽي وڃي پنهنجي شاه يعني الله تعاليٰ کي ليکو ڏيندو. جيئن ڪنهن گماشتي کي شاه پئسا ڏيئي ڏيسارو نفعي لاءِ موڪليندو آهي؛ تيئن ڌڻي تعاليٰ انسان کي اڻاه طاقتون ڏيئي هن دنيا ۾ نيڪي ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي).

صفحه ٦٥.

هول = وهم.

قادر = رب تعاليٰ.

قوي وڏو.

ياڪي نه تيءَ يار ڏانهن = ڏٺيءَ ڏانهن منهن نه موڙ.

صفحه ٧١.

عشق مجازي = انساني عشق.

عشق اِلاهي = حقيقي عشق.
ملامت = گلا.
مبر = منبر = مسجد ۾ ٺلهو جنهن تي بيهي مــلان بانگ پڙهندا آهن يـا عالم ويهي وعظ ڪندا آهن.
شملا چا ٻند = پٽڪو ڪٿي ٻڌ ؛ شاهي تاج سرتــي رک
ساهي = يار.

صفحه ٧٢.

بقائي = لازوال هستي، دائمي هستــي، آهـا زندگــي جا ڪڏهن به ناس نه ٿئي.
عهد لکئي = قسمت.
فنا في الله = الله جـي ذات ۾ گــم ٿيڻ، پنهنجـــي جزي هستي ڪل ۾ سمائڻ.

صفحه ٧٦.

ڏيميون = آواز؛ ڪجڪوڙ.

صفحه ٧٧.

الحمد = الحمد الله، ساراه ڪجي اللــه تعاليٰ جـي،
God be praised!

صفحه ٧٨.

ذر جو = نهايت ڏکيو.
گهاٽي = ڦٽي.

من مسيت قلب ڪعبو = هيءُ خيال فقير صاحب وري
وري پڻ ظاهر ڪيو آهي.
ٻين درويشن جو پڻ اهوئي
خيال آهي. جيئن ته
من ستَرا، دل دوارڪا، ڪايا منجهہ ڪاشي،
جيئن وڃي چت ۾ الک ابناسي؛
(سامي).

صفحو ٨١.
سلهاوڻ ڏي = (سوريءَ ڏي) چاڙهڻ جي.
صفحو ٨٣.
پيزاردا = جتيءَ جو.
صفحو ٨٤.
حج اڪبر = وڏو حج، قلب اندر ديدار.
حج اصغر = ننڍو حج.
انور = نوراني.
صفحو ٨٦.
ڏنيريان = آواز.
ويسان = ويندس.
ساڏون = اسان کي.
صفحو ٨٧.
گداگر = فقير.
پوش متايو = صورت بدلائي.

لنؤ (ڪانگل) ٻڌاءِ ، (اي ڪيا نتا).
جهوڪ = ٻيٽڪ.
مهرڻون = مهرباني ڪري.
رل گئي ذات صفاني = ذات ۽ صفات هڪ ٿي ويئون؛
عبد ملي الله سان هڪ ٿي ويو.

صفحو ۸۸.

سيباوندائين = وٺي ٿو.

صفحو ۹۰.

اڪسير دا = عجيب قسم جو.
گاهي = گاه وارو.
لاوان مٺن لڌيان = هڪ ٿي ويس.
ديد ويکيم = ديدار ڪيم.

صفحو ۹۵.

ٻاٻور = ڀڙڪو، آواز.
چٽ گهٽ ۾ = گهٽ ٻـوت ۾، اوچتو ئـي اوچتو،
چپ چاپ ۾.

شرع = شريعت.
ڪلور = قهر.
ويڙهيچن = جهانگين؛ ماروئـڙن، سانگين، پنهـوارن،
اعرابين، سنگهارن ....

صفحو ۹۶.

ڪنيون = ڪتو يا جنهنگي مٿو ٻه چوندا آهـن، (مصلح
دار ڏڏ، جنهن ۾ پسي وغيره ٻوندي آهـني).

پل = جهل.

سل = تنگ.

قلد کهايا = تقدير مارايا.

سرڙو ڏنائون = شهيد ٿيا.

سڄ ۾ بر پٽ ۾.

ٿاس آڄ

[هن بيت ۾ اشارو آهه — ي حضرت حسن ۽ حضرت حسين ڏانهن].

صفحه ٩٧.

ستاهن = ستا آهن = سمهيا آهن.

مرم = ليچ.

لقب مهٽو.

سر کنڊ = خوشبودار ڪاٺ، چندن.

ريهان دانهون.

صفحه ٩٨.

جڙيون = پختيون اٽڪي ويئون.

ڏيل = جسم.

جيءَ گهريا هن جيئي = جيڪي منهنجـــا دل وڻنـــدڙ محبوب آهن.

چور ڪئي = پرزا پرزا ڪئي.

چاڪن ڦٽن.

ذوق ـ محبت.

صفحه ١٠٠.

جالن = گذارين.

ڪوٽن ۾ = محلاتن ۾.

پٽن = واريءَ جي دڙن.

پاڻا = جايون.

صفحه ١٠١.

جکيٽو = دکيٽو.

ڊپ نکو دارون = دوا نکو درمل.

صفحه ١٠٤.

مليو ڏک ڏاج = ڏک مونکي انهن مليا آهن، جيئن ڪنئار کي ڏاج ملندو آهي.

صفحه ١٠٦.

ڇپر = جبل.

پول پڌا اٿم = انجام ڪيا اٿم.

آماڙيون = پرندڙ ڪانيون.

صفحه ١٠٧.

ڪيئن ميٽيان - تقدير جو لکيو ڪيئن ميٽيان

گورن جو گس = انن جو چارو.

صفحه ١١٣.

معراج : حضرت محمد صاحب (صلعم) جو بهشت ڏانهن چڙهڻ.

صفحه ١١٩.

ورتيا : ورت وارا برهمڻ.

صفحه ١٣٠.

اسير = قيدي.

سدير = دلجاه.

وحدت = هيڪڙائي.

صفحه ١٣٢.

هڪ تڙي = ڏاهي ڪيه.

دوئيءَ جي ديوار = پيائي يا حجاب جا پڙدا.

صفحه ١٣٤.

ڪرڇ = ڪوسي رڪ ۾

سوڪ ماني = ڪوڪي.

(" سوڪ ماني پچائڻ " هڪ اصطلاح بہ آهي يعني سزا ڏيڻ).

طوق = زنجير

صفحه ١٣٥.

من مسيت = من مسجد

پڙه نمازان نيهن جون = محبت من ۾ رک.

آڏي = ڪسڻ جي ڪاتي، قتل جو ميدان.

صفحه ١٣٦.

افلاڪ = آسمان.

وينگس = سهڻي زال.

پوري = اپائي.

ڪهي = چئي.

ڪهندي = پند ڪندي.

صفحہ ۱۲۸.

مرسل = پيغمبر صاحب.

صفحہ ۱۳۰.

ناقص = نيچ.

منڍ ھٹي = ڦيٹو پڙھي.

ھين = اکيون.

ڇاڻي = مٿي کڻي.

گھور = نظر.

صفحہ ۱۳۱.

جار = انتظاري.

ڇنڪي = وڇي.

ڇڙي = گھنڊڻي.

صفحہ ۱۳۳.

شفاعت = مھر.

ٻُٻتر ڪيو = دکي ڪيو.

سام تہ پرتو = آڌار آيل جي پارت اٿو.

قيام = قيامت.

صفحہ ۱۳۴.

وڙيندس = گھوليندس.

وڏکار = وڏراه؛ وڏن جا جھڳٽا. لس پٽي ۾ ھ
جھنگ جو نالو، جتان سسئي کي پنھون
جي ڳولا ۾ لنگھڻو پيو ھو.

ھوڙائو = نوکر.

رب غفور = ڏٺي مھربان.

ادرانو = انتظاري.
ڊ ڏنون = جلدي.
صفحو ١٤٤.
ٿر = جاءِ.
لحم = گوشت، ماس.
طالع = ستارو.
صفحو ١٤٥.
مشائخي = وڏ ماڻهپي.
صفحو ١٤٦.
ميهر = مدائي.
تهدل = يڪدم.
آتڻ = ڪتڻ جي جاءِ.
آجاريو = صاف ڪيو.
دور ڪمي ديهي = پنهنجي هستي ماري ڇڏي.
وڃي ذات ڳڏي ذات سان = اصلي ڏڏـيءَ مان نڪتل نيٺ وري وڃـي ڏاـيءَ سان ملي هڪ ٿي.
مشاهدو = ديدار، نظارو.
ڀهي = ڪپهه جي پوٽي.
صفحو ١٤٨.
جي چاڙهياٿون .. لاٿاٿون ڪين ڪي = پنهنجي سخن تي سچا رهيا.
صفحو ١٤٩.
پنڊي پڊي = ضد ماري ويٺو.